

گليور جو سير
۽ سفر
شمس العلماء
ڊاڪٽر مرزا قليچ بيگ

گليور جو سير ۽ سفر

(سفرنامو)

ناٿن سئفٽ

شمس العلماء ڊاڪٽر مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سنڌ سلامت پارٽنر :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"گليور جو سير ۽ سفر"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب آئرلينڊ جي مشهور مصنف ۽ پادريءَ " ناٿن سئفٽ" جي لکيل ڪتاب جو سنڌي ترجمو آهي جنهن جو سنڌيڪار شمس العلماء ڊاڪٽر مرزا قليچ بيگ آهي.

گليور جو سير ۽ سفر"بظاهر ته تفريحي ادب جو هڪ" ننڍڙو حصو ٿو لڳي، پر مزاح، ڪردار سازي ۽ سبق آموز ڪٿا جي حوالي سان هيءَ تحرير هڪ دلچسپ انفراديت ٻه رکي ٿي. ڪوبہ عام پڙهندڙ هيءُ ڪتاب پڙهندي دلچسپيءَ جي ڪئين جزيرن کي دريافت ڪرڻ سان گڏ لطافت ۽ ظرافت جا مختلف رنگ پسي سگهي ٿو. هن ڪتاب جو پهريون چاپو سنڌي ادبي بورڊ پاران 1969ع ۾ چپايو ويو. ڪتاب جو پنجون چاپو سنڌي ادبي بورڊ پاران 2004ع ۾ چپايو ويو. ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪتاب ڪٽي دوستن جي اسرار تي پي ڊي ايف ۾ پيش ڪري رهيا آهيون.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سجڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب "گليور جو سير ۽ سفر" سنڌ واسين لاءِ ڪو نئون ڪتاب هرگز ب ناهي. مون سميت سنڌ جا ڪئين نسل مرزا قليچ بيگ صاحب جو هيءُ ڪتاب بالڪپڻ ۾ پڙهي جوان ٿيا ۽ بعد ۾ منجهانئن ڪي ته خود ب قلم جا صاحب بڻجي ويا. ان حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته هن ڪتاب سنڌ ۾ شعور جي اوسر جي حوالي سان هڪ قدر جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي.

گليور جو سير ۽ سفر"بظاهر ته تفريحي ادب جو هڪ" ننڍڙو حصو ٿو لڳي، پر مزاح، ڪردار سازي ۽ سبق آموز ڪٿا جي حوالي سان هيءَ تحرير هڪ دلچسپ انفراديت ب رکي ٿي. ڪوب عام پڙهندڙ هيءُ ڪتاب پڙهندي دلچسپيءَ جي ڪئين جزيرن کي دريافت ڪرڻ سان گڏ لطافت ۽ ظرافت جا مختلف رنگ پسي سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو آئرلينڊ جي هڪ نامياري پادري ۽ ليکڪ "ناٿن سُفٽ" جو لکيل هيءُ ڪتاب بيشمار ٻولين ۾ ترجمو ٿي دنيا ۾ مجتا جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي.

بوربڊ ۾ مقرر ٿيڻ کانپوءِ ڪيترن حلقن طرفان هن ڪتاب جو پنجون چاپو بازار ۾ آڻڻ لاءِ مطالبا ٿيندا رهيا ۽ لائق پڙهندڙن جا انهيءَ سلسلي ۾ خط ب موصول ٿيا. مون اهڙي عوامي طلب کي ذهن ۾ رکندي"گليور جو سير ۽ سفر" کي نئين سر چپائڻ جو اهتمام ڪيو آهي. اُميد ته ڪتاب جو نئون چاپو بهتر رنگ ڍنگ سان پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچندو ۽ پسنديدگيءَ جي پرائي پد کي چُهي ونندو.

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
18 مئي 2004

ديباچو

جنهن انگريزي ڪتاب جو هي ترجمو آهي، سو هڪڙي مشهور مصنف ۽ پادريءَ " ناٿن سئفٽ" نالي جو لکيل آهي، هو آئرلينڊ جو ماڻهو هو. سندس پيءُ سندس ڄمڻ کان ئي ڪي ٿورا مهينا اڳي مري ويو، ۽ ماڻس تمام تنگ حال ۾ هئي، سندس چاچي هن کي پاليو ۽ پڙهايو، پر سگهوئي اهو به مري ويو. پوءِ انگلينڊ ۾ ويو، ۽ "سر وليم ٽيمپل" وٽ رهڻ لڳو، جو سندس ماءُ جي مائٽن ماڻهو. ايم_ اي پاس ڪرڻ تي هو سئو پائونڊ سالياني پگهار تي پادري مقرر ٿيو. مشهور"جانسن" جي ڏيءَ "استيلا" سان هن جي معرفت ٿي، ۽ نيٺ انهيءَ سان ڳجهه ڳوهه ۾ شادي ڪيائين.

راڻي ائن جي راڄ ۾ هو ڊبلن ۾ ڊين يا وڏو پادري مقرر ٿيو، پر راڻيءَ جي وفات کانپوءِ البت هن کي شڪست پهتي. زال جي مرڻ کانپوءِ هن گوشه نشيني قبول ڪئي، ۽ لکڻ پڙهڻ کي لڳو. شعر به گهڻو چيائين، جو اڪثر چرچي ۽ خوشطبعي جهڙو آهي، پر هن جي نثر جا ڪتاب تمام چڱا لکيل آهن. انهن مان تمام مشهور هي ڪتاب"گليور جو سير ۽ سفر": آهي، جو هڪڙيءَ وڏيءَ آڪاڻيءَ جي طرز تي آهي، ۽ سيني ماڻهن کي نهايت پسند آهي. گهڻن ملڪن ۽ گهڻين ٻولين ۾ انهيءَ جو ترجمو ٿيو آهي. "ڊين سُئفٽ" سن 1669ع ۾ ڊبلن ۾ ڄائو هو، ۽ سن 1745ع ۾ مئو.

اميد آهي ته انهيءَ مشهور ڪتاب جو هي سنڌي ترجمو سنڌ جي ماڻهن کي به گهڻو پسند ايندو.

مرزا قليچ بيگ
اپريل 1920ع
حيدرآباد

پاڳو پهريون

لِلي پٽ ڏي درياهي مسافري

باب پهريون

گليور کيئن قيد ٿيو

منهنجي پيءُ کي ناٽنگهام شائر ۾ هڪڙي ننڍي جائداد هئي. آڻٽ سندس پنجن پٽن مان ٽيون هوس. چوڏهن ورهين جي عمر ۾ آڻٽ ڪيمبرج جي مدرسي ۾ ويس، جتي ٽي ورهيہ رهيس، ۽ ڏاڍي محنت ڪري پڙهيس. جڏهن بابو مون کي وڌيڪ وقت لاءِ اتي رکي نہ سگهيو، تڏهن آڻٽ کالیج ڇڏي لنڊن ۾ وڃي سرجن يا ڊاڪٽر ٿيس. اتي مون کي گهڻو فائدو ڪونہ ٿي پيو، تنهنڪري هڪڙي جهاز تي وڃي ڊاڪٽر ٿيس، ۽ هڪڙي ـ ٻہ سمنڊ جي مسافري ڪري موٽي لنڊن ۾ آيس، ۽ ڪجھ وقت تائين اتي رهجي پيس. پهرين تہ مون کي ڪمائي گهڻي هوندي هئي، پر نيٺ اها گهٽجي ويئي، تنهنڪري مون وري ارادو ڪيو تہ ڪنهن درياهي سفر تي وڃان. آڻٽ ٻن جهازن ۾ ڊاڪٽر هوس، ۽ ڇهن ورهين تائين ڪيتريون ئي مسافريون ڪيم ڪي" ايسٽ انڊيز" ڏي ڪي "ويسٽ انڊيز" ڏي، جن مان مون چگو پئسو ڪمايو، ۽ پنهنجي دولت وڌائي. پوئينءَ مسافريءَ مان گهڻو فائدو حاصل نہ ٿيو، تنهن ڪري آڻٽ سمنڊ جي سفر مان ڪڪ ٿي پيس، ۽ ارادو ڪيم تہ اڳتي آڻٽ پنهنجي ٻارن ٻچن سان گهر گذاريندس، پر ٽن ورهين کان پوءِ مون پاڻ کي هڪ چگي جهاز ۾ "ائنٽيلوپ" (يعني هرڻ) تي ڊاڪٽر مقرر ڪرايو، جو ڏکڻ واري سمنڊ ڏي وڃڻو هو، اسين سن 1699ع جي مئي مهيني جي 4- تاريخ "برسٽل" مان روانا ٿياسين، شروعات ۾ اسان جي مسافري تمام سک واري هئي، انهيءَ پاسي جي سمنڊن ۾ جيڪي اسان جا کوڙا ڪڍيا، تن جي مفصل بيان ٻڌائڻ سان ڪن سببن ڪري، اسين پڙهندڙن کي تڪليف نہ ڏينداسين، ايترو چوڻ بس آهي تہ جڏهن ڏکڻ واري سمنڊ کان لنگهي ايرندي وارن انڊيز ٻيٽن ڏي ٿي وياسين، تڏهن هڪڙو سخت طوفان اچي لڳو، جنهن اسان جي جهاز کي ڏکي "وارن ڊيمنسلئنڊ" جي اُتر اُلهندي ڏي آندو، اسان جي خلاصين مان ٻارهن سخت پورهئي ۽ بک جي وگهي مري ويا، باقي تمام ضعيف حالت ۾ هئا.

نومبر جي 5- تاريخ جڏهن انهيءَ ملڪ ۾ اونهارو شروع ٿو ٿئي، تڏهن هوا غبار واري ٿئي ٿي. صلاصين جهاز کان ٿوري پنڌ تي هڪڙو ٽڪر ڏٺو، پر هوا اهڙي زور واري هئي، جو اسان جو جهاز ڏڪجي وجي انهيءَ ٽڪر تي وجي لڳو، ۽ پڄي ٻه ٽڪر ٽي پيو.

جهاز وارن مان ڇهن ڄڻن- جن مان آءٌ ٻه هڪڙو هوس، هڪڙو بتيلو لاهي سمنڊ ۾ وڌو، ۽ ڏاڍا مٿا هنيائون ته جهاز ٽڪر کان نڪري پري ٿئي. اسين ڳڻَ ڏيئي اٺ- نو ميل ڪري وياسين، پوءِ ٽڪجي پياسين، جو جهاز تي سخت محنت ڪئي هئيسون، تنهنڪري لاچار ٿي، پاڻ کي لهرن جي حوالي ڪٽي ڪيوسون، پر اڏ ڪلاڪ جي اندر واءُ جي اوچتي جهوٽي اچڻ ڪري، بتيلو اونڌو ٿي پيو، آءٌ ڇئي نٿو سگهان ته منهنجي بتيلي وارن سنگتين جو، يا جي بچي وجي ٽڪر تي پهتا يا جهاز ۾ رهجي ويا تن جو، ڪهڙو حال ٿيو، پر آءٌ پانيان ٿو ته اهي سڀ ٻڏي مئا. باقي آءٌ سو قسمت جي اشاري تي ترڻ ۽ ٻانهون هٽڻ لڳيس، ۽ سمنڊ جي لهرين ۽ هوا جيڏي ٿي ڏڪيم اوڏي ٿي ويس. ڪڏهن ته ٽنگون هيٺ ڪري ٿي ڏٺم، ته ترو پيرن سان ڪونه ٿي لڳو، جڏهن آءٌ بلڪل ٽڪجي پيس ۽ وڏيڪ ٻانهون هٽي نه سگهيس ۽ ٻڏڻ تي هوس، تڏهن اوچتو ڏٺم ته پنهنجي قد جيڏي پاڻيءَ ۾ آهيان! انهيءَ وچ ۾ طوفان ٻه ڊرو ٿيو، پاڻي اهڙو درجي بدرجي تانگهو ٿيندو ويو، جو آءٌ ميل کن تائين پنڌ ڪري پوءِ ڪناري تي وجي پهتس، اهو شام جو اٺين بجي جو وقت هو، جو آءٌ سڪيءَ تي وجي چڙهيس. آءٌ ڏاڍو ٽڪل هوس ۽ هوا ٻه گرم هئي، تنهنڪري ننڊ اچڻ لڳيم. آءٌ ننڊي نرم گاهه تي ليٽي پيس. اتي نوَ ڪلاڪ برابر ستو هوندس، ڇا لاءِ جو جڏهن جاڳيس تڏهن ڏينهن جو سوجهرو ٿيو هو.

مون اٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چُري ٻه نه سگهيس، ڇا لاءِ جو جيئن پنن پر پيو هوس، تيئن معلوم ڪيم ته ٻنهي پاسي منهنجون ٻانهون ۽ ٽنگون زمين سان ٻڌيون پيون هيون! منهنجا گهاٽا ڍگها وار ٻه ساڳيءَ طرح سان ٻڌا پيا هئا، ۽ ڪيترائي سنها سنها ڏاڳا پنهنجي بت تان هيڏي هوڏي لنگهيل ڏٺم. آءٌ رڳو مٿي نهاري ٿي سگهيس. سڄ ٻه تابش ڪرڻ لڳو هو، تنهنڪري روشني منهنجي اکين کي تڪليف ڏيڻ لڳي، پنهنجي آسپاس مون کي هڪڙي قسم جو ٻڪو ٻڏڻ ۾ آيو، پر جنهن حالت ۾ پيل هوس، تنهن ۾ آسمان کان سواءِ ٻيو ڪي ٻه ڏسي نٿي سگهيس.

سگهو ئي پنهنجي ڪٻيءَ ٽنگ تي ڪا شيءِ جيئري جُرندي معلوم ڪيم اها وڏندي وڏندي منهنجي ڇاتيءَ تائين آئي، ۽ ڪاڏيءَ تائين آئي. جيترو ٿي سگهيو اوترو اکيون

هيٺ ڪري ڏٺم، ته هڪڙو ننڍڙو ماڻهو آهي، جو قد ۾ ڇهه انچ به مس آهي، سو هٿن ۾ تير ۽ ڪمان ۽ پٺن تي تيرن جي بٽي ڪنيو اچي!

انهيءَ وچ ۾ ساڳئي قسم جا چاليهارو "ماڻهو" انهيءَ پهرئين جي پنيان ايندا معلوم ڪيم، مون کي ڏاڍي حيرت لڳي، ۽ اهڙي وڏي هڪل ڏٺم ۽ ڳجهڪار ڪيم، جو هو سڀ ڊجي پنتي پڃڻ لڳا. پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته انهن مان ڪي، جي منهنجي پاسن تان ٽپي هيٺ زمين تي پيا، تن کي ڏکي اڇڻ ڪري ايذاءُ پهتو هو، پر انهيءَ هوندي به، هو سگهو ئي موٽي آيا، ۽ هڪڙي ته اهڙي همت ڪئي جو منهنجو سڄو منهن ڏسي سگهيو. اهو ڏسي، هو پنهنجو هٿ ۽ اکيون مٽي ڪري هڪڙي عجيب ٻوليءَ ۾ سڏ ڪري ڪي چوڻ لڳو، جنهن جو هڪڙو لفظ به مون نه سمجهيو.

اهو سارو وقت آڱ ڏاڍو ڏکيو پيو هوس، نيٺ آزاد ٿيڻ لاءِ ڦٽڪڻ ۽ ڪوشش ڪرڻ لڳس. خوش نصيبيءَ سان ڏاڪا چني وڏم، ۽ جن ڪلين سان منهنجي ڪپي ٻانهن زمين تي ٻڌل هئي، سي ڪڍي وڏم. جڏهن اها ٻانهن منهن تي آندیم، تڏهن خبر پيم ته ڪهڙي رستي هنن مون کي ٻڌو هو، ڏاڍي زور سان هڪڙي ڇڪي ڏنيم، جنهن ڪري مون کي ڏاڍو سور ٿيو، مگر جن ڏاڪڻ سان منهنجا وار ڪپي پاسي ٻڌا هئائون، سي ٿورا ڊرا ٿيا، جنهن ڪري آڱ اٽڪل ٻه انچ پنهنجو مٿو ڦيرائي سگهيس.

هنن کي جهٽ هٽي ونڊ جي ڪوشش ڪيم، پر هو وري به پڃي ويا. تنهن کان پوءِ هڪڙي وڏي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. اها بس ٿي ته انهن مان هڪڙي انهيءَ ساڳي ٻوليءَ ۾ وڏي سڏ ڪري چيو. انهيءَ دم سئو کان به مٽي تير چٽي ويا، جي منهنجي هٿ ۾ اچي لڳا، ۽ سُين وانگي چيي ويا. تنهن کان سواءِ هنن ڪيترائي تير هوا ۾ چوڙيا، جن مان گهٽا منهنجي بت تي ۽ ڪي ٿورا منهنجي منهن تي اچي ڪريا.

جڏهن اهو تيرن جو دس لڳي رهيو، تڏهن آڱ سور ۽ اهنج کان ڪنجهڻ لڳس، وري به پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳس، تڏهن هنن وري ٻيو تيرن جو دس اڳئين کان به وڌو چوڙيو، منجهانئن ڪن ته منهنجي پاسي ۾ پنهنجا ٻالا به هنيا، پر منهنجو نصيب چڱو هو، جو تمام ٿلهي ڪپڑي جي صدري پيل هيم، جنهن ۾ اهي گهڙي نه سگهيا.

مون خيال ڪيو ته مان ڪري پئجي رهڻ بهتر آهي، منهنجي رٽ اها هئي ته رات تائين ائين پيو هجان، پوءِ پنهنجي ڇٽل ڪپي هٿ سان پاڻ کي مشڪل کان سواءِ آزاد ڪري سگهندس. پڪ هيم ته جي هو سڀ انهيءَ قد جا هوندا جيڏو منجهانئن هڪڙو ڏٺو هوم، ته پوءِ جي هو مون تي وڏو لشکر چاڙهي ايندا، ته به انهن سان آڱ پڃي سگهندس! پر منهنجي قسمت ٻيءَ طرح جي هئي، جڏهن هنن ماڻهن ڏٺو ته مون

کٹي ماڻ ڪئي آهي تڏهن هو وڌيڪ تير نہ ڇوڙڻ لڳا. سندس آواز مان معلوم ڪيم تہ هنن جو تعداد وڌيو آهي. پاڻ کان ڇڻن والن جي پنڌ تي ڪلاڪ کان بہ وڌيڪ وقت تائين مون نڪاءَ پئي ٻڌا، جڏ ڪي ماڻهو ڪم پيا ڪندا هجن. جڏهن مون رسا تاڻي پنهنجو مٿو انهيءَ گوڙ ڏي ڦيرايو، تڏهن مون هڪڙو ڪاڻ جو ٽلهو جڙيل ڏٺو، جو زمين کان ڏيڍ فوٽ مٿي هو، جنهن تي مجهانئن چار ڇٽا بيهي ٿي سگهيا، انهيءَ ٽلهي تي بيهي، انهي مان هڪڙي ماڻهوءَ وڏي تقرير ڪئي، جنهن جو هڪڙو لفظ بہ مون نہ سمجهيو. پر تقرير شروع ڪرڻ کان اڳي هن حڪم ڏنو تہ جن ڏاڳن سان منهنجي مٿي جو ڪبو پاسو ٻڌو هو، سي وڍي ڇڏين. انهيءَ ڪري آءٌ پنهنجو مٿو سڄي پاسي بہ ڦيرائي، انهيءَ ماڻهو کي ڏسي سگهيس ٿي، جنهن تقرير ٿي ڪئي. هو وچوليءَ عمر جو ماڻهو هو. انهن مان هڪڙو تہ خاص خدمتگار ڇوڪر هو، جو سندس جُبي جو پڻيون جهول وارو پاڳو ڪنيو ٻڌو هو، ۽ اهو منهنجي وچينءَ آڱر کان قد ۾ ٿورو وڏو هو. ٻين ٻن مان هڪڙو هن جي هِن پاسيء ۽ هڪڙو هُن پاسي سندس مدد لاءِ ٻڌو هو. ڏاڍيءَ مشڪلات سان آءٌ انهيءَ کي سمجهائي سگهيس تہ آءٌ نڪي سندس ٻوليءَ نہ ٻين جي ٻولي سمجهي سگهيس، مگر منهنجي ڪابہ مرضي ڪانہ هئي تہ کين ڪو ايذاءُ پهچايان.

مون کي ڏاڍي بک هئي، جو جهاز ڇڏڻ کان کي ڪلاڪ اڳي هڪڙو گرنهہ بہ نہ ڪاڏو هوم، تنهنڪري پنهنجي هٿ جي هڪڙي آڱر ذري ذري پنهنجي وات ۾ وجهي، اشاري سان چيم تہ مون کي ماني گهرجي. هنن جو سردار جو ٽلهي تي هو، تنهن منهنجو اشارو چڱي طرح پروڙيو. هو هڪدم هيٺ لهي آيو، ۽ حڪم ڏنائين تہ منهنجن پاسن تي ڏاڪڻيون رکيون وجن. انهيءَ تي سوين ماڻهو مون تي چڙهي آيا. اتي جي بادشاهہ کي جڏهن منهنجي خبر پهريندي ملي، تڏهن سندس حڪم پڻيان ڪاڏي جون ٽوڪريون اهي ماڻهو کڻي آيا هئا، ۽ آڻي منهنجي وات ۾ وڌائون. ڪائڻ سان مون کي معلوم ٿيو تہ انهيءَ ۾ ڪيترن ئي جانورن جو گوشت هو، پر سواد مان آءٌ سمجهي نہ سگهيس تہ ڪهڙن جانورن جو هو، ٽنگون، ڦڻيون، رانون، جن جي شڪل ٻڪريءَ جي عضون جهڙي هئي، سي چڱيءَ طرح پڪل هيون، مگر جهڪيءَ جي ڪنيڑاٽين کان بہ ننڍيون! مون گرنهہ گرنهہ ۾ اهي بہ بہ، ٿي ٿي ڪري پئي ڪاڏيون، ۽ ٿي ٿي "روٽيون" گرنهہ سان ٿي ڪاڏيم، جو اهي قد ۾ بندوق جي گولين جيڏيون مَس هونديون!.... هنن ٽوڪرن تي ٽوڪريون منهنجي وات ۾ پئي وڌيون! جيترو ڪاڏو مون ڪاڏو تنهن تي، ۽ منهنجي قد تي، هنن حيرت ۽ عجب جون هزارين نشانيون ڏيکاريون.

تنهن کان پوءِ مون وري اشارو ڪيو تہ مون کي اُڄ لڳي آهي. منهنجي ڪائڻ مان هنن کي معلوم ٿيو تہ آءٌ پاڻي بہ ٿورو ڪونہ پيئندس. هو تمام هوشيار ماڻهو هئا، تنهنڪري هنن تجويز ڪري پنهنجو هڪڙو وڏو پريل "پيپ" ڪڍي رسي ۾ لڙڪايو . اهو هنن ريڑهي منهنجي هٿ وٽ آندو، ۽ پوءِ انهيءَ جو ڏڪ ڏڪ هڻي لاهي ڇڏيائون. اهو آءٌ ڪڍي هڪڙيءَ ئي ساهيءَ سان پي ويس. ڇالاءِ جو انهيءَ ۾ هوئي پاؤُ ڪن پاڻيءَ جو مس! معلوم ڪيم تہ سواد شراب جهڙو هو، مگر ڏاڍو لذيذ هو.

هنن مون کي شراب جو ٻيو پيپ آڻي ڏنو، جو آءٌ اڳي وانگي تڪ ڏيئي پي ويس، ۽ وڌيڪ اشارا ڪرڻ لڳس. پر هنن وٽ ٻيو موجود ڪونہ هو، جو ڏين، جڏهن آءٌ اهي عجب جهڙا ڪم ڪري رهيو هئس، تڏهن هنن خوشيءَ مان رڙيون ڪيون، ۽ منهنجي ڇاتيءَ تي نچڻ لڳا. هنن مون کي اشاري سان چيو تہ اهي پيپ هيٺ اڇلائي ڇڏ،... پر پهرين هنن هيٺ ماڻهن کي خبردار ڪيو تہ پري ٿي بيهن! جڏهن هنن اهي سڀ پيپ هوا ۾ ڏٺا، تڏهن منجهانئن وڏي رڙ اُٿي!

سڄ ٿو چوان تہ ڪيترائي پيرا منهنجي دل ۾ آيو تہ جيئن هو منهنجي بُت تي آيا ۽ ويا، تيئن پهريان چاليهہ _ پنجاهہ جي منهنجي پهچ ۾ هئا، تن کي جهلي هيٺ زمين تي اُڇلائي وجهان، پر وري ياد آيم تہ جيڪي هنن مون سان ڪيو هو، سو شايد تمام خراب نہ هو، ۽ مون بہ هنن سان انجام ڪيو هو تہ آءٌ سندس نقصان ۾ نہ آهيان، تنهنڪري سگهوئي اهي خيال منهنجي دل مان نڪري ويا. هنن تمام نندڙن انسانن جي همت تي مون کي عجب ٿي لڳو، جي بي ڊپا منهنجي بُت تي چڙهيا ۽ هليا، جڏهن منهنجو هڪڙو هٿ چٽل بہ ٿي ڏنائون، ۽ مون جهڙي وڏي حيوان کي ڏسي ڏڪيا بہ نٿي!

ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن هنن ڏنو تہ آءٌ وڌيڪ ڪاڏو نٿو گهران تڏهن هڪڙي وڏي درجي وارو ماڻهو شهنشاهہ طرفان منهنجي اڳيان آيو. منهنجي سڄيءَ ٽنگ تي پير کان چڙهي، هلي منهنجي منهن وٽ آيو. پنيان ڏهہ _ ٻارهن ماڻهو هئا. اتڪل ڏهن منٽن تائين هن مون سان ڪنهن بہ ڪاوڙ جي نشانيءَ کان سواءِ ڳالهايو. مگر نظر منهنجي مُنهن ۾ ڪُتل هيس! ڳالهائيندي، هن اڪثر اڳ ڏانهن هٿ ڪنيو ٿي، جيڏانهن پوءِ مون کي معلوم ٿيو تہ سندن وڏو شهر هو، جو اُٽان اڌ ميل پنڌ تي هو، شهنشاهہ اهو پڪو نهراءُ ڪيو هو تہ مون کي اُتي وڃي هلن.

مون مختصر لفظن ۾ ورندي ڏني، پر هنن اها نہ سمجهي. ڇُڙيل هٿ ٻئي هٿ تي رکي، ۽ پوءِ پنهنجي متي ۽ بُت تي رکي، اشاري سان چيومانس تہ "منهنجي مرضي آهي تہ مون کي هن بند مان آزاد ڪريو." پائنجي ٿو تہ هن منهنجو مطلب

سهي ڪيو، ڇالاءِ جو هن ڪنڊ ڏوٽي نهڪر ڪئي، ۽ پنهنجو هٿ اهڙيءَ طرح مٿي ڪيائين جو مون سمجهيو تہ: چوي ٿو تہ توکي ائين ئي ٻڌل ڪٽي هلنداسين. انهيءَ هوندي بہ هن ٻيا اشارا ڪيا، جن مان مون سمجهيو تہ مون کي چگّي طرح ڪارائيندا پياريندا، ۽ سکيو رکندا.

تنهن تي وري بہ مون کي خيال آيو تہ زور لاهي رسا ڇنان ۽ ڪِلا پٽيان، پر جڏهن منهن ۽ هٿن تي هنن جي تيرن جو وسڪارو لڳم، جن مان گهٽا اڃا ٽنبيا پيا هئا، ۽ ڏڪن وارين جاين تي ڦوڦيندا ٿي پيا هئم، تڏهن مون هنن کي اشارن سان چيو تہ هاڻ جيئن اوهان کي وٽي تيئن مون سان ڪريو، تنهن تي ستت ئي مون هڪڙي وڏي رڙ ٻڌي، ۽ معلوم ڪيم تہ گهٽا منهنجي ڪٻي پاسي تي چڙهي رسا پيا چوڙين. نيٺ ايترو ٽيو، جو آءٌ پنهنجي سڄي پاسي تي اُٽلي آرام وني ٿي سگهيس.

اُنهيءَ کان اڳي هنن هڪڙي قسم جي مرهم سان منهنجو مُنهن ۽ هٿ ٽڦي چڏيا هئا. اهو مرهم ڏاڍو سُرهو هو، ۽ سگهوئي هنن جي تيرن جا، ننڍڙا ڦٽ ڇٽائي چڏيائين. انهيءَ ڪري، ۽ جيڪو کاڏو پيتو مون کي ڏنو هئائون، تنهن مان مون کي گهٽي طاقت حاصل ٿي، تنهنڪري مون کي ننڊ اچي ويئي. مون کي پوءِ ٻڌايائون تہ آءٌ اٺ ڪلاڪ برابر ستو پيو هوس! ۽ اُنهيءَ ۾ ڪو عجب نہ هو، ڇا لاءِ تہ جيڪو شراب مون کي پيئڻ لاءِ ڏنو هئائون، تنهن ۾ گهري ننڊ آڻڻ جي ڪا دوا گڏي چڏي هئائون.

پانئجي ٽو تہ جڏهن جهاز تان لهڻ کان پوءِ پهرين هنن مون کي زمين تي ستل ڏنو تڏهن شهنشاهہ کي بروقت خبر ڏني هئائون، تنهن تي پنهنجا مشير گڏ ڪري، هن ارادو ڪيو تہ مون کي ستي ئي ڪٽي ٻڌن. ان موجب، رات ئي رات جو هنن ڪٽي مون کي ٻڌو هو، جيئن مٿي مون بيان ڪيو آهي. هن اهو بہ حڪم ڏيو هو تہ مون کي کاڏو پيتو مَئو پهچائين ۽ هڪڙي ڪِل جي گاڏي ناهين، جنهن تي مون کي ٻڌل ئي ڪٽي شهر ۾ آڻين.

اها تجويز شايد بهادريءَ جهڙي ۽ خوفناڪ ڏسڻ ۾ ايندي، ۽ مون کي پڪ آهي تہ يورپ جو ڪوبہ بادشاهہ اهڙي وقت تي جيڪر ائين نہ ڪري، "مگر منهنجي راءِ ۾ اها تجويز ڏاڍي سياٽپ جهڙي بہ هئي، ۽ مروت جهڙي بہ. جيڪڏهن اهي ماڻهو مون کي سُتي ئي پالن ۽ تيرن سان مارڻ جي ڪوشش ڪن ها، تہ پهرئين ئي ڇُيڪاري سان يقينا آءٌ جاڳي پَوان ها، انهيءَ ڪري مون کي اهڙي ڇڙ وني ها، ۽ ايترو زور لايان ها، جو جن ڏاڪن سان آءٌ ٻڌل هوس، تن کي جيڪر ڇني چڏيان ها، پوءِ هو منهنجي اڳيان بيهي نہ سگهن ها، ۽ آءٌ بہ هنن تي رحم ڪرڻ نہ گهران ها.

هي ماڻهو ڏاڍا هوشيار آهن. سندن شهنشاهه، جو علم ۽ هنر جو حامي آهي، سو هنن کي همتائيندو آهي، ۽ تنهنکري هو ڏاڍا قابل هنرمند ٿي پيا آهن. بادشاهه وٽ کيتريون ئي قيٽن واريون کلون آهن، جن تي وڻ ۽ ٻيا ڳرا ڳرا بار کڻندا آهن. هو اکثر وڏا وڏا جنگي جهاز به جوڙائيندو آهي، جن مان کي نَوَ فوٽ ڊگها آهن. اهي ٻيلن ۾ جڙندا آهن، جتي وڻ ٽين ٽا، ۽ پوءِ انهن کَلَن تي اهي کڻائي، ٽن- چئن سَون ياردن جي پنڌ تي سمنڊ تائين آڻيندا آهن. پر انهن قيٽن وارين کَلَن يا گاڏين مان کابه اهڙي وڏي يا مضبوط کانه هئي، جا مون کي کڻي سگهي، تنهن کري پنج سئو واڍا ۽ انجنيئر ويهاريا ويا ته جيڏي وڏي کل ناهي سگهن اوڏي ناهين، اها کانين جي جڙيل هئي، ۽ زمين کان ٽي انچ مٿي هئي، ست فوٽ ڊگهي ۽ چار فوٽ ويکري هئي، ۽ ٻاويهن قيٽن تي ٽي هلي. جيکا وڏي رڙ مون ٻڌي هئي، سا انهيءَ کَل جي اچي پهچڻ تي ٽي هئي. پانئجي ٽو ته اها منهنجي سُکيءَ تي لهڻ کان چار کلاک پوءِ نکتي هئي.

اها وڏي گاڏي، جيئن آڻڻ ليٽيو پيو هوس، تيئن منهنجي پاسي سان لڳ آڻي بيهاريائون، پر وڏي مشکلات اها هئي ته مون کي کيئن کڻي ان ۾ رکن! انهيءَ کم لاءِ اسي کانيون کِلن وانگي کوڙي، (هر هک کاني هک فوٽ اوچي هئي) مضبوط رسا، سوتليءَ جهڙا، کَڙن کُندين سان منهنجي بُت تي ٻڌل رسن سان ٻڌي ويا. اهي رسا کم کندڙ ماڻهو پهرين منهنجي ڳچيءَ ۽ منهنجن هٿن، پيرن ۽ ٻيريءَ جي چوڌاري ٻڌي ويا هئا، پوءِ اُنهن کانين يا کِلن تي کپيون يا قرٽيون ٻڌي، انهن تان نَوَ سئو ماڻهو، اهي رسا چکڻ لڳا، انهيءَ طرح ٽن کلاکن اندر مون کي انهيءَ کَل يا گاڏي تي رکيائون، ۽ اتي مضبوط ٻڌي ڇڏيائون.

اهو سڀ احوال مون کي ٻڌايائون، ڇالاءِ جو کم هلندي آڻڻ ڏاڍي گهريءَ ننڊ ۾ پيو هوس، جو ننڊ جي دوا انهيءَ شراب ۾ وڌي هئائون، جو مون کي پياريو هئائون. شهنشاهه جي تمام وڏن گهوڙن مان پنج سئو گهوڙا، جن مان هر هک ساڍا چار انچ اوچو هو، سي کڻي انهيءَ گاڏيءَ ۾ ٻڌائون ته ڇکي مون کي شهر تائين نين، جو اُتان اڌ ميل تي هو، جيئن مون مٿي به ڇيو آهي.

اتان رواني ٽيڻ کان چار کلاک پوءِ هکڙو تمام عجيب اتفاق ٽيو، جنهن تي آڻڻ جاڳي پيس. گاڏيءَ کي کا حرکت ٿي پيئي، تنهن جي درست کرڻ لاءِ اها کي ٽورا منٽ بيني. اتي جي ٻن- ٽن جوان مڙسن کي خواهش ٿي ته ڏسن ته جڏهن آڻڻ ستل آهيان تڏهن کيئن ٽو ڏسجان. انهيءَ کري هو گاڏيءَ ۾ چڙهي، آهستي هلي منهنجي منهن ڏي آيا. انهن مان هکڙو، جو پهري وارن سپاهين جو عملدار هو، تنهن پنهنجي

هٿيار جي چهنب منهنجي نڪ جي ڪٻي ناسوتيءَ ۾ ڳچ تائين اندر لنگهائي ڏني، جنهن ڪري مون کي خارش ٿيڻ لڳي، جيئن نڪ ۾ ڪک ڦيرائڻ سان ٿيندي آهي، مون کي ڏاڍي نڇ آئي، جنهن تي هو اهڙو لڪي ڀڄي ويا، جو ڏسڻ ۾ ئي نه آيا! ٽن هفتن کانپوءِ مس مون کي خبر پيئي ته منهنجي انهيءَ اوچتي جاڳڻ جو سبب ڇا هو.

باقي جيڪو ڏينهن رهيو هو، تنهن ۾ اسان گهٽو پنڌ ڪيو، ۽ پوءِ رستي ۾ رات جي لاءِ ساهي ڪنئيسون. پنج سئو پهري وارا منهنجي هر هڪ پاسي بينا، جن مان اڌ کي تير ڪمانون هيون، انهيءَ لاءِ ته جي چُران ته مون کي هڻي ڪدن. ٻئي ڏينهن صبح جو سج اُپرئي مهل اسين وري پنڌ پياسين، ٻنپهرن ڌاري شهر جي درن کان باقي وجي ٻن سَون ياردن تي بيناسين، شهنشاهه ۽ سندس سڀ درٻاري اسان کي گڏجڻ لاءِ نڪري آيا، پر وڏن عهديدارن شهنشاهه کي نه پئي ڇڏيو ته پنهنجي جان خوف ۾ وجهي منهنجي بُت تي چڙهي، جنهن هنڌ گاڏي بيني، اُتي هڪڙي قديم مڙهي هئي، جا ساريءَ بادشاهت ۾ تمام وڏي سمجهيل هئي، اها ديول ڪن ورهين تائين ڪم ۾ نه آئي هئي، جو انهيءَ ۾ ڪو خون ٿي پيو هو. اهو نهراڻ ٿيو ته انهيءَ "عمارت" ۾ مون کي رکن. انهيءَ جو وڏو در، جو اُتر ڏي هو، سو چار فوٽ مٿي هو، ۽ قريب ٻه فوٽ ويڪرو هو، در جي ٻنهي پاسي هڪڙي هڪڙي ننڍي دري هئي، جا زمين کان ڇهه انچ مٿي مس هئي.

ڪٻي پاسي واري دريءَ ۾ بادشاهه جي لوهارن اسي هڪڙيون ۽ يارهن ٻيون زنجيرون ڪٽي وجي رکيون، جهڙيون يورپ ۾ سکر زالن جي واڇ يا گهڙيءَ ۾ پوندیون آهن، ۽ اوڏيون ئي هيون. اهي هنن منهنجيءَ ٽنگ ۾ وجهي، انهن کي ڇٽيهه ڪلف ڏيئي بند ڪري ڇڏيو.

هن مڙهيءَ جي آمهون سامهون، وڏي شاهي سڙڪ جي ٻئي پاسي ويهن فوٽن جي پنڌ تي هڪڙو منارو هو، جو پنج فوٽ مٿانهون هو، انهيءَ ۾ شهنشاهه چڙهي وينو، ۽ ساٿس گڏ سندس درٻار جا گهٽائي مُک امير وينا، انهيءَ لاءِ ته مون کي ڏسي سگهن، جو آءٌ هنن کي ڏسي نٿي سگهيس، اتڪل هڪ لک ماڻهو تماشي ڏسڻ لاءِ شهر کان ٻاهر نڪري آيا، منهنجن پهريدارن هوندي به، آءٌ پانيان ٿو ته ڏهن هزارن کان ٿورا ماڻهو نه هئا، جي جدا جدا وقتن تي ڏاڪٽيون رکيو، منهنجي بت تي پئي چڙهيا، پر پوءِ اهڙو حڪم جاري ٿي ويو ته جيڪو چڙهندو، تنهن کي موت جي سزا ملندي.

جڏهن ڪم ڪندڙ ڏٺو ته آءٌ بلڪ پاڻ کي آزاد ڪري نٿو سگهان، تڏهن جن رسن سان آءٌ ٻڌل هوس، سي سڀ هنن وڍي ڇڏيا. تنهن تي آءٌ اُٺيس، پر اهڙي شڪستي ۽ خراب حال ۾ هوس، جنهن ۾ اڳي عمر نه هوس. پر جڏهن ماڻهن مون کي اُٺندو ۽

گهمندو ڏٺو، تڏهن اهڙا حيران ٿيا ۽ اهڙيون رڙيون ڪيائون، جو ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر! جنهن زنجيريءَ سان منهنجي ڪٻي ٽنگ ٻڌل هئي، تنهن سان آڻڻ اڌ گهيري ۾ هيڏي هوڏي گهمي ڦري ٿي سگهيس. اها در کان ڇڻن انڇن تي ٻڌل هئي، تنهنڪري آڻڻ مڙهيءَ منجهه وڃي سنئون ٿي سمهي ٻه ٿي سگهيس.

باب ٻيو

گليور کيئن آشنائي پيدا ڪري ٿو

جڏهن آءٌ پيرن ۾ ٽيس، تڏهن پنهنجي آسپاس نهارڻ لڳس، ۽ آءٌ مجان ٿو ته اهڙو خوبصورت نظارو مون اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو. چوڌاري ملڪ هڪڙي وڏي باغ وانگي ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ حد پيل ٻنيون، جي گهٽو ڪري چاليهہ فوٽ چورس هيون، سي جڙ ته باغ چمن هئا، انهن ٻنين ۾ ٻيلا هئا، جن ۾ تمام وڏا وڻ، منهنجي نظر ۾، ست فٽ ڊگها هئا، کٻي پاسي کان مون کي شهر ڏسڻ ۾ پئي آيو، جو اهڙو پئي ڏٺو جهڙو ناٽڪ جي پردن تي نقاش چٽي ڇڏيندا آهن.

تنهن کانپوءِ شهنشاهہ نُل تان لٿو، ۽ گهوڙي تي چڙهي مون وٽ آيو، انهيءَ ڪري ذري گهٽ هن کي جوکو رسيو هو، ڇا لاءِ جو سندس گهوڙو گهٽو ئي تعليم ڏنل هو، ته ٻہ اهڙي ڏيڪ تي هريل نہ هو، جو جڙ ته هڪڙو جبل سندس اڳيان پئي ڇُريو، تنهنڪري هن نرا ڪنيا ۽ پوين ٽنگن تي ٻينو. پر شهنشاهہ جو ڏاڍو چابڪ سوار آهي، تنهن زين نہ ڇڏي، جيسين سندس نوڪر ڊوڙي نہ آيا، ۽ اچي لغام کان نہ ورتائون، پوءِ شهنشاهہ وجهہ وني لهي پيو.

جڏهن هو گهوڙي تان لٿو، تڏهن مون کي چوڌاري ڦري، ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر هو منهنجن زنجيرن جي ڊيگهہ جيتري پنڌ ڪان پريرو پئي ٻينو. هن پنهنجن بورچين کي حڪم ڏنو ته مون کي ڪاڌو پيتو ڏين. اهو هنن هڪڙيءَ ڦيٽن واريءَ ميز جهڙيءَ ڪُل تي رکي ڏکي مون ڏي ڪيو، جتي آءٌ انهيءَ کي پهچي ڪٽي ٿي سگهيس. ستت ئي اهو ڪٽي مون خالي ڪري ڇڏيو. اهڙيون ويهہ ڪلون هنن ڪاڌي سان پريون، ۽ ڏهہ پاڻيءَ سان، ڪاڌي جي هر هڪ ميز يا ڪَل مان مون ٻہ يا ٽي گرنهہ ڪيا، ۽ پاڻيءَجا ڏهہ ئي ٽانءَ هڪڙي وڏي ٽانءَ ۾ وجهي اهو هڪ ساهيءَ ۾ پي ويس.

راڻي ۽ نندا شاهزادا ۽ شهزادیون ٽوري پنڌ تي ڪرسين تي چڙهي وينا هئا، ۽ گهٽيون ئي ٻيون شريف زالون سندن خدمت ۾ حاضر هيون، پرجڏهن شهنشاهہ جي گهوڙي جو مٿيون اتفاق ٽيو، تڏهن هو لهي شهنشاهہ وٽ آيون، جنهن جو هاڻي آءٌ بيان ڏيان ٿو.

هو پنهنجن سيني درٻارين ۽ اميرن کان منهنجي ننهن جيترو قد ۾ ڊگهو هو. فقط ايتري ئي ڪري، ڏسڻ وارن کي خوف ۽ عجب لڳندو هو، مهاندي ۾ هو مضبوط ۽ مردانو هو، سنها چپ هئس، ۽ ڏنگو ڪُنڊيدار نڪ هئس. بت ۽ عضوا وضعدار

هئس، ۽ سندس چرڻ پرڻ جا رستا سي سهڻا ۽ وٽندڙ هئا. عمر ۾ جواني کائي موٽيو هو، ۽ اُنهيءَ وقت پوٽا اوٽڻيهه ورهيه ڄمار هيس. هن اٽڪل ست ورهيه ڏاڍي سک سان راڄ ڪيو هو، ۽ اڪثر فتح حاصل پئي ٿيس.

هن کي چگي طرح ڏسڻ لاءِ آڻڻ پاسي ۾ ليٽي پيس اهڙيءَ طرح، جو منهنجو منهن هن جي سامهون هو. هو مون کان ٿي ياردِ پري بينل هو. پر انهيءَ کانپوءِ هو ڪيترائي دفعا منهنجن هٿن ۾ آيو آهي، تنهنڪري هن جو جيڪو بيان مون ڏنو آهي، سو بلڪل پورو آهي.

هن جي پوشاڪ سادي سودي هئي، مٿي تي هلڪو سون جو ڇٽ هوس، جنهن تي جواهر جڙيل هئا، ۽ اڳيان پيشانيءَ جي مٿان طرو هوس. هن پنهنجي بچاءَ لاءِ ترار ڪڍي هٿ ۾ ڪئي هئي، ته متان آڻڻ ڇُڙي پوان. اُها ترار اٽڪل ٽي انچ ڊگهي هئي. اُنهيءَ جو هٿيو ۽ ڪپ ٻئي سون جا هئا، ۽ اُنهن تي هيرا لڳل هئا. سندس آواز سنهڙو پر صاف هو، ۽ آڻڻ بيني ڇٽو ٻڌي سگهندو هوس.

درٻارين ۽ زالن کي ڏاڍيون عمديون ۽ سهڻيون پوشاڪون پيل هيون، جنهن ٽڪريءَ تي اهي سي ماڙهو بينل هئا، سا اهڙي ڏسڻ ۾ پئي آئي جو ڄڻ زمين تي هڪڙو ڪپڙو وڇايو پيو آهي، جنهن تي سون ۽ رپي جون مورتون پريل آهن.

شهنشاهه گهڻائي ڀيرا مون سان ڳالهايو، ۽ مون هن کي ورندا جواب ڏنا، پر اسان هڪٻئي جو هڪڙو اکر به نه سمجهيو، شهنشاهه جي حاضريءَ ۾ گهڻائي پادري ۽ قاعديدان وڪيل بينل هئا. سندن پوشاڪ مان ائين معلوم ٿي سگهيو ٿي، جيڪي ٻوليون مون کي ٽوريون يا گهڻيون ايندیون هيون تن سيني ۾ مون هنن سان ڳالهايو، مثلن انگريزي، ڊچ، لئٽن، فرينچ، اسپئنش ۽ اٽالين، پر ڪابه هن کي سمجهه ۾ نه آئي.

اٽڪل ٻن ڪلاڪن کانپوءِ شهنشاهه پنهنجن درٻارين سميت اُٿي ويو، ۽ مون کي گهٽن پهري وارن جي حوالي ڇڏيو ويو ته متان خلق مون کي تمام ويجهي اچي ۽ سوڙهي پوي. پر جيئن آڻڻ پنهنجي گهر جي در وٽ زمين تي وينو هوس. تيئن گوڙ منجهان ڪن مون کي تير ٻه هنيا، هڪڙو تير ته ذري گهٽ منهنجي ڪٻي اُک ۾ لڳو هو. پهري وارن سپاهين جي ڪرنل انهن مان ڇهن مڪ فسادين کي پڪڙايو، ۽ يانيائين ته انهن کي منهنجي حوالي ڪرڻ سان هنن کي جوڳي سزا ملندي، تنهنڪري سپاهين کي حڪم ڏنائين ته هنن کي پنهنجن هٿيارن جي اُبتن ڇيڙن سان ڏکي، منهنجي پهچ اندر آڻين... تنهن تي مون انهن سيني کي پنهنجي سڄي هٿ ۾ ڪنيو.

انهن مان پنجن کي ته مون کٹي ڪوٺ جي ڪيسي ۾ وڌو، ۽ ڇهن کي ڪٹي پنهنجي وات تائين آندم، جڻ ته جيئرو ئي انهن کي کائڻ ٿي گهريم، ويچارو ڏاڍيون رڙيون ڪرڻ لڳو. سپاهين جو ڪرنل ۽ ٻيا سندس زيردست عملدار ڊڄي ويا، خاص جڏهن هنن مون کي انهيءَ مهل چاکون ڪيندو ڏٺو. پر جڏهن مون هنن تي مهرباني‌ءَ سان نظر ڪئي، تڏهن هڪدم هنن جو ڊپ لٿو. پوءِ مون انهيءَ قيديءَ جا رسا وڍي، آهستي انهيءَ کي زمين تي کٹي رکيو، جنهن تي هو ڊوڙون پائيندو پڇي ويو.

ٻين قيدين سان ٻه مون ساڳي ئي هلت ڪئي. هڪ_هڪ کي ڪيسي مان ڪيندو آزاد ڪندو ويس. انهيءَ کري ڏنم ته جهڙا قيدي تهڙا ٻيا ماڻهو منهنجي انهيءَ رحم تي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ مون کي معلوم ٿيو ته انهيءَ منهنجي هلت بابت، شهنشاهه ۽ انهيءَ جي درٻارين وٺ ڏاڍي ساراهه ٿيڻ لڳي.

رات پئي، ته آءٌ مشڪلات سان پنهنجي گهر ۾ گهڙيس، ۽ وجي پَٽَ تي سنئون ٿي سمهي پيس. اٽڪل ٻه هفتا مون انهيءَ طرح پئي گذاريو. انهيءَ وچ شهنشاهه حڪم ڏنو ته منهنجي لاءِ بسترو تيار ڪن. رواجي قد جا ڇهه سئو هنڌ گاڏين ۾ وجهي کٹي آيا، ۽ انهن کي گڏي منهنجي گهر ۾ هڪڙو وڏو هنڌ ناهڻ لڳا. ڪم ڪندڙن انهن کي چئن تهن ۾ کٹي زمين تي وڇايو. انهن مان ڏيڍ سئو هنڌ ڊيگهه ۽ ويڪراڻ قائم ڪرڻ لاءِ کٹي گڏ سبيائون، پوءِ ٻه هنڌ اهڙو ٿلهو نه ٿيو، جو مون کي زمين جي سختيءَ کان بچائي. ڇالاءِ جو فرش لسن پهٽن جو هو. ساڳيءَ طرح هنن منهنجي لاءِ هنڌ جون چادرون، ڪٿا ۽ رضايون جوڙيون، جنهن ماڻهوءَ هيترا ڏينهن سختيون ۽ مشڪلاتون ڪڍيون هيون، تنهن جي لاءِ اهي سڀ تمام چڱيون شيون هيون.

جيئن جيئن منهنجي اچڻ جي خبر ملڪ ۾ پکڙندي ويئي، تيئن تيئن بيشمار ماڻهو- ڪي دولتمند، ڪي تماشبين، ڪي رولو گهمندڙ منهنجي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا. ايترو ميڙو ٿيڻ لڳو، جو جيڪڏهن شهنشاهه اشتهار جاري ڪري اهو بند نه ڪرائي ها، ته زمين جي آبادي يا گهرن جو ڪم ڪار جتي ڪٹي وسري وجي ها ۽ ڳوٺ خالي ٿي پون ها، تنهن ڪري هن حڪم ڏنو ته جن مون کي اڳئي ڏٺو آهي، سي موٽي گهر وڃن ۽ سرڪار جي اجازت کان سواءِ منهنجي گهر کان پنجاهه ياردن جي اندر وري نه اچن.

انهيءَ وچ ۾ شهنشاهه ڪيتريون ئي مشيرن سان مجلسون گڏ ڪيون. انهيءَ لاءِ ته منهنجي بابت نهراڻ ڪري ته چا ڪجي. هڪڙو خاص دوست، جنهن کي مخفي سرڪاري ڳالهين جي خبر هوندي هئي، تنهن مون کي پوءِ خاطري ڏني ته شاهي درٻار کي منهنجي نسبت ۾ ڏاڍيون مشڪلاتون درپيش هيون. سيني کي ڊپ هو ته آءٌ پاڻ

چڏائي نڪرندس يا منهنجي گهٽي کائڻ ڪري ڏڪار پئجي ويندو. ڪڏهن ڪڏهن هنن ارادو پئي ڪيو ته مون کي بک ڏيئي مارين، نه ته زهردار تير منهنجي منهن ۾ هڻي مون کي مارين.

انهن مجلسن ۾ بحثن هلندي، ڪيترائي فوجي عملدار وڏيءَ دربار جي جاءِ جي در وٽ ويا ۽ انهن مان ٻه، جن کي اندر وڃي ويا، تن بيان ڪري ٻڌايو ته مون متي ذڪر ڪيلن ڇهن قيدين سان ڪهڙي هلت ڪئي هئي. انهيءَ بيان شهنشاهه جي دل تي اهڙو چگو اثر ڪيو، جو حڪم جاري ڪيائين ته شهر جي چوڌاري نَون سون ياردن جي اندر گُونڻ جا سپ رکاهو ڏهاڙي صبح جو ڇهه ڏڳا، چاليهه رڍون ۽ ٻيو کاڌو مون کي پهچائيندا رهن ۽ تنهن کان سواءِ مانيءَ ۽ شراب جا وڏا انداز ڏيندا رهن.

انهيءَ سپ سَرسات جي لاءِ شهنشاهه پنهنجي هڙان پئسا ڏيندو هو، چالاءِ جو هو خاص پنهنجي ئي پيدائش تي گذاريندو آهي،ڪڏهن اتفاق سان وڏي ضرورت وقت، هو پنهنجي رعيت کان پئسو اڳاڙيندو آهي. جا جنگين جي وقت پنهنجي خرچ سان وٽس حاضر رهڻ لاءِ ٻڌل آهي. مون کي ڇهه سئو نوڪر ٻه ڏنا ويا، جن کي کاڌي جو خرچ ملندو هو، ۽ انهن جي رهڻ لاءِ منهنجي در جي ٻنهي پاسي تنبو کوڙي ڇڏيا هئائون. اهو ٻه حڪم ڏيو ويو ته ٽي سئو درزي ملڪ جي دستور ۽ نموني موجب منهنجي لاءِ هڪڙو ڪپڙن جو وڳو ناهين. شهنشاهه هيئن ٻه حڪم ڏنو ته سندس وڏن عالمن مان ڇهه ڇٽا مون کي اتي جي ٻولي سيکارين. هن جي حڪم جي پنيان شاهي گهوڙا اڪثر منهنجي اڳيان گهمائيندا هئا ته مون کي ڏسي هري وڃن ۽ ٽهن نه.

انهن سيني حڪمن جي پوري تعميل ٿيڻ لڳي، ٽن هفتن جي اندر مون هنن جي ٻولي سکڻ ۾ گهٽي ترقي ڪئي. انهيءَ عرصي ۾ شهنشاهه پاڻ مهرباني ڪري ڏسڻ جي لاءِ تشريف فرما ٿيندو هو ۽ مون کي تعليم ڏيڻ ۾ منهنجن استادن کي مدو ڏيندو هو. اسين هڪڙي رستي سان پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳاسين. پهريان لفظ، جي مون سکيا، سي انهيءَ خواهش ظاهر ڪرڻ لاءِ هئا ته هو مهرباني فرمائي مون کي آزاد ڪري، اهو عرض آءٌ ڏهاڙي گوڏا کوڙي ڪندو هوس. هن جو جواب، منهنجي سمجهه موجب، اهو هوندو هو ته ڪجهه وقت کان پوءِ ائين ڪرڻ ۾ ايندو، ۽ سندس مشيرن جي صلاح کان سواءِ اهڙي رٽ ڪرڻ ۾ نه ايندي. ٻيو ته پهرين آءٌ ساڻس ۽ سندس ملڪ سان صلح ۾ رهڻ جو انجام ڪريان. انهيءَ هوندي ٻه هن وعدو ڪيو ته مون سان هر طرح مهربانيءَ جي هلت پيئي ٿيندي.

شهنشاهه مون کي هيءَ صلاح ب ڏني ت "تون صبر ۽ سمجهه سان اهڙي چگي هلت ڪر، جو منهنجي ۽ منهنجي رعيت جي تنهنجي نسبت ۾ چگي راءِ ٿئي." اهو ب چيائين ت "جي آءٌ پنهنجن کن عملدارن کي تنهنجي بدن جي تلاشي ونڻ لاءِ چوان ت تون رنج نه ٿج، ڇالاءِ جو امکان آهي ت تو ساڻ کي هٿيار هجن، جي تو جيڏي ماڻهوءَ جي موافق هئڻ ڪري خوفناڪ هجن."

مون ورندي ڏني ت "حضور جي خاطري" ڏيارڻ لاءِ آءٌ تيار آهيان ت پنهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيان ۽ پنهنجا کيسا اُٽلائي ڏيکاريان، اهو جواب مون ڪجهه لفظن ۾ ڏنو ۽ ڪجهه اشارن سان. هن انهيءَ جي ورنديءَ ۾ فرمايو "ملڪ جي قاعدي موجب منهنجن عملدارن مان ب ضرور تنهنجي بدن جي تلاشي وڻندا. مون کي خبر آهي ت اهو ڪم تنهنجي مرضيءَ ۽ مدد کان سواءِ ٿي کين سگهندو. تون اهڙو نرم دل ۽ انصاف وارو آهين، جو منهنجي تنهنجي نسبت ۾ تمام چگي راءِ آهي، ۽ منهنجو توتي اهڙو اعتبار آهي جو پڪ اٿم ت هنن کي تنهنجن هٿن ۾ نقصان نه پهچندو. جيڪي هو تو وٽان ڪيندا، سو هن ملڪ مان نڪرڻ مهل توکي وري موٽائي ڏنو ويندو يا ت منهنجي ڪٽ موجب انهيءَ جي قيمت ادا ڪئي ويندي."

مون انهن ٻن عملدارن کي کٽي هٿن ۾ کيو ۽ پوءِ پهريائين مون هنن کي پنهنجي کوٽ جي کيسن ۾ وڏو ۽ پوءِ ٻيا جيڪي کيسا هئا تن ۾ وڌم، سواءِ پنهنجن ٻن واڇ جي کيسن جي، ٻيو ب هڪڙو ڳجهو کيسو هوم، جو مون هنن کي نه ڏيکاريو، جو انهيءَ ۾ ڪي ضروري شيون هيون جي مون کان سواءِ هنن مان ڪنهن جي ب ڪم جون نه هيون. منهنجي هڪڙي واڇ جي کيسي ۾ چانديءَ جي زنجيري هئي ۽ ٻئي ۾ ڪي ٿورا سون جا سڪا چم جي پاڪيٽ ۾ پيل هئا.

انهن ٻن صاحبن سان قلم، مس ۽ ڪاغذ هئا، جيڪي ڏنائون تنهن جي مفصل ياداشت شهنشاهه جي لاءِ لکيائون. جڏهن اهو ڪم ڪري رهيا، تڏهن مون کي چيائون ت "هاڻ اسان کي لاهي هيٺ رک، ت اها ياداشت شهنشاهه کي وجي ڏيون." اها ياداشت مون پوءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪئي ۽ اها هيٺ ڏجي ٿي: وڏي جبل جهڙي ماڻهوءَ جي کوٽ جي سڃي پاسي واري کيسي ۾ گهڙيءَ تلاش کانپوءِ اسان سادي ڪپڙي جو فقط هڪڙو وڏو ٽڪر لڌو، جو ايڏو آهي، جو حضور جي دربار واري ڪمري جي فرش کي ڍڪي ڇڏي. ڪبي پاسي واري کيسي ۾ اسان هڪڙي تمام وڏي چانديءَ جي پيٽي ڏٺي جنهن تي ڍڪ ب چانديءَ جو هو، جو اسين تلاش ونڻ وارا متي کٽي نه سگهياسين. اسان جي چئي ت هن اهو ڍڪ لاٿو ۽ اسان مان هڪڙو انهيءَ ۾ لهي پيو

۽ پاڻ کي هڪڙي قسم جي مٽيءَ ۾ پيل ڏٺائين. انهيءَ مٽيءَ مان ٿوري اُڏامي اسان جي منهن ۾ پئي، ۽ اسان ٻنهي انهيءَ ڪري ڳچ وقت تائين پئي نچون ڏٺيون.

”هن جي صدريءَ جي ڪيسي ۾ اسان هڪڙي سنهي اڇي شيءِ جي هڪڙي وڏي ڳنڍڙي ڏٺي. اها شيءِ هڪٻئي تي ويڙهيل هئي ۽ قد ۾ ٽن ماڻهن جيڏي هئي. اها ڳنڍڙي هڪڙي تمام ٿلهي مضبوط رسي سان ٻڌل هئي ۽ مٿانئس ڪارا نشان يا انگ هئا، جي اسان جي سمجهه موجب اکر لکيل آهن. هر هڪ اکر اسان جي هٿن جي اڌ تريءَ جيڏو هو.“

”صدريءَ جي ڪٻي ڪيسي ۾ هڪڙي قسم جي ڪَل هئي، جنهن جي پنئين پاسي مان ويهه وڏيون ڪانيون نڪتل هيون، جيئن حضور جي دربار جي اڳيان ڪٺهڙو ڏنل آهي. انهيءَ سان اسين پانيون ٿا ته اهو جبل جهڙو ماڻهو پنهنجن وارن کي ڦٽي ڏئي تو! پڪ اسان کي ڪانهي، ڇالاءِ جو اسان هن کي ذري ذري سوالن وجهڻ ۽ تحقيقات ڪرڻ سان تڪليف نه ڏني، جو هن کي مطلب سمجهائڻ اسان کي نهايت مشڪل نظر آيو.“

”هن جي پتلون جي سڄي پاسي واري وڏي ڪيسي ۾ اسان لوهه جو هڪڙو پورو پيلپائو ڏٺو، جو ماڻهوءَ جي قد جيڏو هو، جو انهيءَ پيلپائي کان وڏي مضبوط ڪاٺ سان ٻڌل هو، انهيءَ پيلپائي جي هڪڙي پاسي تي لوهه جا ڪيترائي تمام وڏا ٽڪر ٻاهر نڪتل هئا، جي قسم قسم شڪلين ۾ ويڙيل هئا. اسان کي خبر نه پئجي سگهي ته اهو ڪهڙي ڪم جو آهي.“

”ڪٻي پاسي واري ڪيسي ۾ ساڳئي قسم جي ٻي ڪَل هئي، سڄي پاسي واري ننڍڙي ڪيسي ۾ وري ڪيترائي گول ڇپرا اڇي ۽ ڳاڙهي ڏاتوءَ جا ٽڪر هئا، جي جدا جدا قد جا هئا، جي اڇا ٽڪر، جي چانديءَ جا ڏسڻ ۾ ٽي آيا، سي اهڙا وڏا هئا، جو اسين ٻيئي کڻي نه سگهياسين.“

”ڪٻي پاسي واري ننڍڙي ڪيسي ۾ ٻه ڪارا پيلپاوا هئا، جي ڪنهن سوڏي ۽ شڪل جا نه هئا. اسين هن جي ڪيسي جي تري ۾ هئاسين، تنهنڪري ڏاڍي مشڪلات سان انهن جي چوٽيءَ تي پهچي سگهياسين. انهن مان هڪڙو ويڪيل هو ۽ هڪڙو يڪو ٽڪر پئي پانيو، پر ٻئي جي متئين ڇيڙي وٽ هڪڙي اڇي گول شيءِ ڏسڻ ۾ آئي، جا اسان جي متن کان قد ۾ ٻيڻي هئي، انهن مان هر هڪ جي اندر رڪ جو هڪڙو وڏو پڙچ هو. اسان هن کي چيو ته اهي اسان کي ڏيکار، جو اسان کي ڊپ هو ته متان اهي خوفناڪ هٿيار هجن. هن اهي انهن جي خانن مان ڪڍي چيو ته ”پنهنجي

ملڪ ۾ آڻڻ انهن مان هڪڙي سان پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙيندو هوس، ۽ ٻئي سان ڪاڌي جون شيون وڍيندو هوس.“

”ٻيا ٻہ ٻہ ڪيسا هئا، جن ۾ اسين لنگهي نہ سگهياسين. انهن کي هن واڇ جا ڪيسا ٿي سڏيو، اهي هن جي پتلون جي چوٽيءَ تي ٻن وڏن شگافن وانگي هئا ۽ تمام سوڙها پوريل هئا، انهن ڪيسن مان سڄي منجهان هڪڙو وڏو چانديءَ جو زنجير پئي لڙڪيو، جنهن جي هيٺئين پاسي هڪڙي عجيب قسم جي ڪَل هئي. اسان حڪم ڏنس تہ انهيءَ زنجير جي چيڙي ۾ جيڪي آهي، سو ڪڍ، هن اهو ڪڍيو. اهو هڪڙو گولو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو اڌ چانديءَ جو هو ۽ اڌ ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو، جنهن مان آرپار ڏسي ٿو سگهجي، شفاف پاسي تي اسان کي عجيب شڪليون گهيري ۾ نڪتل ڏنيون، اسان پانيو تہ اسين انهن کي هٿ لائي ڏسون، پر اسان جون آڱريون انهيءَ عجيب ڌاتوءَ تي بيهي رهيون. اندر نہ هليون.“

”هن اُها ڪَل جي ڪنن تي رکي تہ انهيءَ ڏاڍو خوفناڪ آواز پئي ڪيو، جيئن ڪا پاڻيءَ تي هلندڙ چَڪي يا گرٽي ڪري، ۽ اهو آواز بيهڻ جو ئي ناهي. اسين پانيون ٿا تہ اهو ڪو عجيب جانور آهي يا ڪو ديوتا آهي، جنهن جي هو پوڄا ٿو ڪري. اسين وسهون ٿا تہ اهو هن جو ديوتا آهي. ڇالاءِ جو هن جي اٽپوريءَ ٻوليءَ مان اسان رڳو هيترو سمجهيو، جو هن اسان کي پڪ ڏني تہ ڪوبہ ڪم هو انهيءَ جي صلاح کان سواءِ نٿو ڪري. انهيءَ کي هن پنهنجو غيبي صلاحڪار ٿي سڏيو ۽ چيائين تہ اهو سندس حياتيءَ جي سڀ ڪنهن ڪم جو وقت ٿو ڏيکاري.“

” پتلون جي ڪٻي ڪيسي مان هڪڙو وڏو ڇار ڪڍيو، جو مڇي مارڻ وارن جي ڪٽن جهڙو هو، اهو ٻٽونءَ وانگي ٻٽيو ۽ پوريو ٿي، ۽ هن کي ساڳئي ئي ڪم ٿي آيو، انهيءَ ۾ پيلي ڌاتوءَ جا ڪيترائي وڏا ٽڪر پيل ڏسڻ ۾ آيا. اهي جي، سچ پچ سون آهن، تہ انهن جي قيمت تمام ڳري هوندي.“

”حضور جن جي حڪم موجب هن جي سيني ڪيسن جي محنت سان تلاشي ونڊ ڪانپوءِ اسان هن جي چيلهہ جي چوڌاري ڪنهن وڏي جانور جي گل جو ٻٽو ڏٺو. انهيءَ مان ڪٻي پاسي کان هڪ ترار پنجن ماڻهن جي قد جيڏي پئي لڙڪي. انهي جي سڄي پاسي هڪڙي ڳوٽري ٻن خانن واري پئي لڙڪي. انهيءَ جو هر هڪ خانو اهڙو هو، جنهن ۾ حضور جي رعيتي ماڻهن مان ٽي ٻڌجي سگهن.“

”انهن خانن مان هڪڙي ۾ تمام ڳري ڌاتوءَ جا ڪيترائي گولا هئا، جي قد ۾ اسان جي مٽن جيڏا هئا ۽ جن کي ڪو زور وارو ماڻهو ڪٽي ٽي سگهيو، ٻئي خاني

۾ وري هڪڙي قسم جا داڻا ڏڳ ٽيو پيا هئا، پر نڪي وڏي قد جا هئا، نڪي ڳرا هئا، ڇالاءِ جو اسين انهن مان پنجاهي کن پنهنجن هٿن جي ترين ۾ ڪٽي ٿي سگھياسين.“

”اها آهي پوري يادداشت انهن شين جي، جي اسان انهيءَ جبل جهڙي ماڻهوءَ جي بُت تي لڏيون. انهيءَ اسان سان گھٽي مروت ۽ مهرباني ٿي ڪئي، ۽ حضور جا حڪم ڏاڍي تعظيم سان ٿي بجا آندائين. بس تاريخ چوٿين، حضور جي سياڳي راڄ جي اوڻانوي مهيني ۾، هن تي صحيح ڪئي ويئي ۽ مُهر هنئي ويئي، صحيح، ڪليفرن فريلاڪ، صحيح، مارسي فريلاڪ.“

جڏهن اها يادداشت شهنشاهه کي پڙهي ٻڌائي ويئي تڏهن هن هڪدم مون کي حڪم ڏنو، مگر تمام نرم لفظن ۾، ته ”اهي سڀ شيون يادداشت ۾ ڏيکاريل ڪيڊي ڏي پهريان هن منهنجي ترار گهري جيڪا، مون هن کي کپ سميت ڪيڊي ڏني. انهيءَ وچ ۾ جيڪي ٿي هزارچوندبيل سپاهي انهيءَ وقت سندس حاضري ۾ هئا، تن کي حڪم ڏنائين ته تير ڪمان ڪيڊي هٽڻ لاءِ تيار ٿي، ٿوري پنڌ تي منهنجي چوڌاري بيهي وجن. پر مون هنن کي ڪونہ ڏنو، ڇالاءِ جو منهنجون اکيون شهنشاهه تي ڪتل هيون.

تنهن کان پوءِ هن مون کي ترار ڪيڻ لاءِ چيو جا اگرچ سمنڊ جي پاڻيءَ لڳڻ ڪري ڪن هنڌن ڪٽجي ويئي هئي، ته بہ گھٽو ڪري تمام چمڪندڙ هئي. مون اها ڪيڊي ٻاهر ڪئي، ته ساري لشڪر مان حيرت جهڙي رڙ نڪري ويئي. ڇالاءِ جو سج صاف پئي چمڪيو ۽ ترار جي عڪس هنن جون اکيون انڌيون ڪري ٿي ڇڏيون، جو مون انهيءَ کي پنهنجي هٿ ۾ هيڏي هوڏي ٿي ڦيرايو. شهنشاهه، جو تمام سخي ۽ رحمدل بادشاهه آهي، سو اهڙو دل جو بهادر هو، جو منهنجي خيال ۾ ئي نہ هو. هن مون کي حڪم ڏنو ته ”ترار وري کپ ۾ وجهي هيٺ زمين تي اڇلائي ڇڏ.“ مون آهستي آرام سان اها لاهي، پنهنجي زنجيريءَ جي چيڙي کان اڪل ڇهن فوٽن تي رکي.

بي شيءِ جا هن گھري، سا هئي لوهہ جي پورن پيلپاون مان هڪڙو، يعنيٰ منهنجا تپاچا، سندس حڪم پنيان مون هڪڙو ڏنس ۽ وس پڄندي سمجهايو مانس ته ڪهڙي ڪم ٿو اچي. مون انهيءَ کي فقط بارود سان پريو، جو سمنڊ ۾ پڄڻ ڪري ۽ ٽيلهي جي سُسڻ ڪري پاڻيهي نڪري ٿي پيو، پهرين بادشاهه کي چيم ته ”ڊڄو متان“، پوءِ اهو هوا ۾ ڪٽي ڇوڙيم. انهيءَ تي ترار جي ڏسڻ کان بہ هنن کي زياده عجب لڳو، ڇالاءِ جو سوين ماڻهو نڪاءُ تي ڪري پيا، جڏ ته ڏڪ لڳڻ ڪري مري پيا

آهن. خود شهنشاهه به، جو اگرچ پنهنجي جاءِ تي بينو هو، ته به ٿوري وقت تائين هوش جاءِ نه هوس.

جيئن ترار ڏني هيم، تيئن پنهنجا ٻيئي تپاچا به ڏيئي ڇڏيم ۽ پوءِ دارونءَ ۽ گولين جو ٿيلهو به ڏيئي ڇڏيم. مون عرض ڪيو ته دارونءَ کي باهه کان پري رکن، نه ته تمام ننڍي چٽنگ سان به انهيءَ کي باهه لڳي ويندي ۽ شاهي محلات به هوا ۾ اڏامي ويندو. مون پنهنجي واڇ يا گهڙي به ڏيئي ڇڏي، جو شهنشاهه کي انهيءَ جي ڏسڻ جي ڏاڍي خواهش هئي. هن پهرين وارن سپاهين کي هڪڙي ڇڙهه ۾ لٽڪائي، ڪنوانيءَ وانگي کلهن تي رکي. ڪٽي هلن. هن کي انهيءَ جا ساندهه آواز ڪرڻ تي ۽ منٿ واري ڪانتي جي هلڻ تي ڏاڍي حيرت لڳي، ڇالاءِ جو هن جي نظر اسان جي نظر کان تيز آهي، ۽ انهيءَ ڪري واڇ جي ڪانتي جو ڇُرڻ آسانيءَ سان ڏسي ٿي سگهيو.

تنهن تي هن پنهنجي عالمن کان انهيءَ بابت راءِ پڇي. هنن جدا جدا رايا ڏنا، پر سڀ غلط هيا. نيٺ جڏهن مون ٻڌاين، تڏهن خبر پين، پر جيڪي هنن چيو ته سو آڻُ پوري طرح سمجهي نه سگهيس.

پوءِ مون چانديءَ ۽ ٽامي جا سڪا ڪڍي ڏنا ۽ پنهنجو ٻٽون به، جنهن ۾ نَوَ سون جا وڏا سڪا ۽ ڪي ننڍا سڪا به هئا. پنهنجي چَري ۽ پاڪي، پنهنجي ڦٽي ۽ ناس جي ڊبلي، پنهنجو رومال ۽ روزنامي جي ڪتابڙي- اهڙيون سڀ شيون به ڪڍي ڏنيم، منهنجي ترار ۽ تپاچا ۽ بارود ۽ گولين جو ٿيلهو، اهي ته گاڏين ۾ وجهي، شاهي گدام ڏي ڪٽائي ويا باقي ٻيو سامان هنن مون کي موٽائي ڏنو.

مون مٿي چيو آهي ته مون کي هڪڙو ڪُجهو ڪيسو هو، جو تلاش وقت هنن کي ڏسڻ ۾ نه آيو هو. انهيءَ ۾ منهنجي عينڪ پيل هئي. (ڇالاءِ جو اکين جي ضعف ڪري آڻُ ڪڏهن ڪڏهن اها ڪم آڻيندو آهيان) ۽ هڪڙي ننڍي دوربين ۽ کي ٻيون شيون به پيل هيون. اهي بادشاهه جي ڪم جون نه هيون، تنهنڪري مون انهيءَ جي زور ڪري ڏيڪارڻ جو ضرور نه ڄاتو، ۽ اهو به ڊپ هوم ته منهنجي هتان نڪرڻ ڪري متان گم ٿي يا خراب ٿي وڃن.

باب ٽيون

لِليپٽ ۾ شاهي دربار

منهنجي نرمائي ۽ چڱي هلت جو شهنشاهه توڙي دربار وارن تي توڙي لشڪر ۽ عام خلق تي، اهڙو چڱو اثر ٿيو، جو مون کي اميد ٿيڻ لڳي ته اجها ٿي مون کي آزادي ملي. مون حتي الامڪان اجا به ڪوشش ڪئي ته هن جي راءِ زياده چڱي ٿئي. منهنجي مٿان پهچڻ جو ڊپ اتي جي ماڻهن کي درجي بدرجي گهٽ ٿي ويو، ڪڏهن ڪڏهن آءٌ سمهي پوندو هوس ۽ هنن مان پنجن ڇهن جڻن کي پنهنجي مٿي تي نچڻ ۽ ٽپڻ ڏيندو هوس، پيڙيءَ ۾ چوڪريون همت جهلي ايندیون هيون ۽ منهجن وارن ۾ لڪ لڪوٽي راند ڪنديون هيون.

هاڻي هنن جي ٻولي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ مون گهڻي ترقي ڪئي هئي. شهنشاهه جي مرضي ٿي ته هڪڙي ڏينهن مون کي اتي جا تماشا ڏيکاري، جن ۾ اهي ماڻهو اهڙا ته هوشيار ۽ چالاڪ هئا، جو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ مون اهڙا نه ڏٺا. مون کي جهڙو هنن جي رسي تي نچندڙ بازيگرن جو چرچو لڳو، اهڙو ٻئي ڪنهن جو نه لڳو. هنن هڪڙو سنهڙو اڇو ڏاڳو اٽڪل ٻه فوٽ ڊگهو تاڻي ڪٽي ٻڌو، جو زمين کان اٽڪل ٻارهن انچ مٿي هو. پڙهندڙن جي اجازت سان انهيءَ تماشي جي بيان کي آءٌ طول طويل ڏيڻ ٿو گهران. اميد آهي ته تحمل سان پڙهندا.

اهو هنر رڳو اُهي ماڻهو ڪم ۾ ٿا آڻين، جي شاهي دربار جي عزت ۽ وڏن عهدن جا اميدوار ٿا ٿين. انهن کي ننڍپڻ کان انهيءَ هنر جي تعليم ٿي ملي، ۽ هو هميشه چڱي اصل نسل جا نٿا ٿين، نڪي ڪو گهٽو عمل ٿا حاصل ڪن، جڏهن ڪو وڏو عهدو خالي ٿيندو آهي، يعني جڏهن ڪو عهديدار مرندو آهي يا ڪنهن جو درجو گهٽبو آهي(جيئن اڪثر ائين ٿيندو آهي)، تڏهن پنج يا ڇهه اميدوار شهنشاهه ۽ سندس درٻارين کي رسي تي نچڻ جي تماشي ڏيکارڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ عرض ڪندا آهن. جيڪو وڏو ٽپ ڏيندو آهي ۽ ڪرندو نه آهي، انهي کي اها خالي جاءِ ملندي آهي. گهٽو ڪري مک اميرن ۽ وزيرن، کي حڪم ٿيندو آهي ته اهو تماشو ڪري ڏيکارين، جنهن مان معلوم ٿئي ته هنن اهو هنر وساري ته نه ڇڏيو آهي.

شاهي خزانچي کي اجازت آهي ته سنئين رسيءَ تي قلابازي هڻي، جا بادشاهه جي ٻين اميرن کان تمام ٿورو ته به هڪ انچ ضرور مٿي هجي، مون عملدارن کي ڏٺو آهي ته سوتليءَ جهڙي سنهي ڏاڳي تي هڪڙي ٽالهي رکي انهيءَ تي ڪيترائي

پيرا قلابازي هڻندا آهن. شهنشاهه جو خانگي چيف سيڪريٽري، منهنجي راءِ ۾ خزانچي کان پوءِ ٻئي درجي ۾ آهي، ٻيا وڏا عهديدار گهٽو ڪري هڪجهڙا آهن.

انهن راندين ۽ تماشن مهل گهٽا خراب اتفاق ٿيندا آهن ۽ ماڻهو مرندا آهن. دفتر تي اهڙا گهٽا داخلا ڏسڻ ۾ آيا، مون پاڻ ڏٺو آهي ته ٻن ٽن جڻن راند ڪندي پنهنجا عضوا ڀڄي وڌا آهن. پر جڏهن خود امير کي تماشي ڏيکارڻ لاءِ حڪم ٿيندو آهي، تڏهن ته سڀ کان وڌيڪ خوف هوندو آهي، ڇالاءِ جو هو ڪوشش ڪندا آهن ته هڪٻئي کان ڪٽر ڪٽن، ۽ اهڙو ڪشالو ڪندا آهن، جو گهٽو ڪري هو ڪو ڏڪو ڪائيندو آهي، ڪي ته ٻه يا ٽي پيرا ٻه ڪري پوندا آهن. مون کي ٻڌايائون ته منهنجي اچڻ کان ورهيه ٻه اڳي شهنشاهه جي گادين مان هڪڙي اتفاق سان زمين تي پيل نه هجي ها، ته خزانچي جو ضرور ڪنڌ ڀڄي پوي ها، پر انهيءَ گاديءَ ڪري هلڪو ڏڪو آيس.

ٻي ٻه هڪڙي راند آهي، جا ڪن خاص وقتن تي، فقط شهنشاهه ۽ راڻي ۽ وڏي وزير جي اڳيان ڪرڻ ۾ ايندو آهي، شهنشاهه ٽي پَٽ جا ڏاڳا ڇهه انچ ڊگها زمين تي رکندو آهي. انهن مان هڪڙو نيرو ۽ ٻيو ڳاڙهو ۽ ٽيون سائو هوندو آهي. اهي ٽي ڏاڳا شهنشاهه انعام وانگي انهن ماڻهن کي ڏيندو آهي جن کي ڪا خاص عزت جي نشاني ڏيڻ گهرندو آهي.

اها راند شهنشاهه جي وڏيءَ دربار جي جاءِ ۾ ڪرڻ ۾ ايندي آهي، جتي راند ڪندڙن جي هنرمنديءَ جي آزمائش، رسيءَ تي نچڻ جي آزمائش کان ٻيءَ طرح جي هوندي آهي. انهيءَ جهڙو تماشو مون نئينءَ توڙي پراڻيءَ دنيا جي ڪنهن ٻه ملڪ ۾ ڪونہ ڏٺو آهي. راند ڪندڙن مان هڪڙو هڪڙو ٽي ايندو آهي، ۽ ڪڏهن انهيءَ لڪڻ تان ٽپندو آهي، ڪڏهن انهيءَ جي هيٺان پيٽ ۾ رڙهي لنگهي ويندو آهي ته هنن کي ٻه گهٽا پيرا اڳتي هلڻو ۽ وري پٺ تي موٽڻو ٿيندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن شهنشاهه لڪڻ جو هڪڙو ڇيڙو ونندو آهي ۽ وڏو وزير ٻيو ڇيڙو جهليندو آهي، ڪڏهن ته وزير سڄو ئي لڪڻ پاڻ اڪيلو جهليندو آهي، جيڪو چگّي راند ڪندو آهي، ۽ هوشياري ڏيکاريندو آهي، تنهن کي نيلي رنگ وارو پٽ جو ڏاڳو انعام ملندو آهي. انهيءَ کان ٻئي درجي واري کي وري ڳاڙهي رنگ جو ڏاڳو ملندو آهي، ۽ سائو وري درجي ٽئين واري کي ملندو آهي. ڏاڳا هو ٻه پيرا چيلهه کي ور ڏيئي ٻڌندا آهن. ڪي ٿورائي ماڻهو دربار ۾ ڏسبا، جن کي هڪڙو نہ ٻيو اهڙو ڏاڳو چيلهه سان ٻڌل نہ هوندو.

لشکر جا گھوڑا، توڑي شاهي طنبيلن جا گھوڑا جي هر روز منهنجي اڳيان لهندا هئا، سي هاڻ ٿهندا نه هئا، پر چرڪ پرڻ کان سواءِ خود منهنجي پيرن تائين ايندا هئا. آءٌ هٿ زمين تي کڻي رکندو هوس ته سوار انهن کي منهنجي هٿ جي مٿان ٽپائي ويندا هئا، هڪڙي ڏينهن شهنشاهه جو هڪڙو شڪاري، گھوڙي چڙهيل، منهنجي جتيءَ پيل پير تان وڏو ٽپ ڏيئي هليو ويو.

منهنجا نصيب چڱا هئا، جو هڪڙي ڏينهن شهنشاهه کي هڪڙي عجيب رستي سان وندرائي خوش کيم . مون هن کي خواهش ڏيکاري ته حڪم ڏيئي ته ڳچ جيترين ڪانيون، ۾ فوٽ ڊگھيون ۽ رواجي نيٽ يا بيد جھڙيون ٽلھيون، مون کي گھرائي ڏئي. هن هڪدم حڪم جاري کيو ته ٻيلن جو عملدار اهي حاضر ڪري ۽ ٻئي ڏينهن جو صبح جو ڇھ ٻيلي وارا ماڻھو ڇھ گاڏيون پرائي آيا، جن مان هر هڪ ۾ اُٺ گھوڑا ٻڌل هئا. مون انهن ڪانين مان نوَ ڪانيون ڪٽي زمين ۾ هڪڙي چوڪنڊيءَ شڪل ۾ ڪوڙيون، جا اڍائي فوٽ چورس هئي، چار ٻيون ڪانيون ڪٽي، انهن کي ٻنهي ڇيڙن کان پوريءَ وڇوٽيءَ تي ٻڌم، ۽ اهي زمين کان اٽڪل ٻه فوٽ مٿي هيون. تنهن کان پوءِ جيڪي نوَ ڪانيون اُڀيون بينيون هيون، تن تي کٽي پنهنجو رومال ٻڌم، ۽ انهن کي سيني پاسن کان اهڙو ڇڪيم، جو رومال تاڻجي دهل جي کل وانگي ٽي بينو. چار پوريءَ وڇوٽيءَ تي بينل ڪانيون جي رومال کان اٽڪل پنج انچ مٿي هيون، سي هر هڪ پاسي ڇڇهريءَ وانگي ڪم آيون، جڏهن اهو ڪري رهيس، تڏهن شهنشاهه کي عرض کيم ته هاڻي پنهنجن چوويهن فوجي گھوڙي وارن کي حڪم ڏئي ته انهيءَ ڊڪيل ميدان تي اچن ۽ گھوڑا ڊوڙائين.

شهنشاهه منهنجي اها رٽ پسند ڪئي ۽ مون انهن کي گھوڙي چڙهيل ۽ هٿيارن ٻڌل هڪڙو ڪري پنهنجي هٿن ۾ مٿي کٽي تاٽيل رومال تي رکيو. سندن عملدار قواعد ڪرائڻ وارا به ساڻن گڏ هئا. جڏهن ترتيبوار بيهي ويا، تڏهن ورهائجي دفعا دفعا تي ويا ۽ ڪوڙيون لڙايون ڪرڻ لڳا. مڏا تير چوڙيائون، تراريون ڪڍيائون، پڳا، هڪٻئي جي پنيان پيا، ڪاهون ڪيائون، پنتي هٽيا، مطلب ته اهڙو عمدو جنگي قواعد ڏيکاريائون، جنهن جهڙو مون اڳي ڪو ٿورو ڏٺو هوندو.

پوريءَ وڇوٽي تي بينل ڪانين هنن کي ۽ هنن جي گھوڙن کي تماشي جي ميدان تي ڪرڻ کان بچايو. شهنشاهه انهيءَ تماشي تي اهڙو خوش ٿيو، جو هن ڪيترن ڏينهن تائين انهيءَ جي وري ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ۽ هڪڙي پيري ته سندس حڪم موجب کيس مٿي چاڙهيو ويو ۽ پاڻ لشکر کي قواعد ڪرايائين. ڏاڍيءَ مشڪلات سان هن راڻيءَ کي نڱاري اها ڳالھ قبول ڪرائي ته آءٌ هن کي ڪرسيءَ سميت کٽي

تماشي واريءَ جاءِ يعني سيٽيل رومال، کان ٻن ياردن جي انداز اندر جهليان، جتان هوءَ سارو تماشو چڱي طرح ڏسي سگهي.

اها منهنجي لاءِ خوش نصيبيءَ جي ڳالهه هئي، جو انهن تماشن تي ڪوبه خراب اتفاق نه ٿيو، فقط هڪڙي پيري ڪنهن ڪپتان جو شوخ گهوڙو، مستي ڪندي ۽ سنب هڻندي، پنهنجو پير منهنجي رومال جي هڪڙي ٽنگ ۾ اٽڪائي وڏو ۽ ٽاپو کائي پاڻ ٻه ڪريو ۽ سوار کي ٻه ڪيرائي وڌائين. پر مون هڪدم ٻنهي کي ڇڏائي سنئون ڪيو، ۽ هڪڙو هٿ ٽنگ تي ڏيئي ٻئي هٿ سان ساريءَ فوج کي هڪڙو هڪڙو ڪري لاهي هيٺ ڪيم، جيئن مٿي چاڙهيو هو مان، جيڪو گهوڙو ڪريو هو، تنهن کي ڪٻي ڪلهي تي ضرب رسي هئي، پر سوار کي ڪوبه ايذاءُ ڪونه پهتو، مون پنهنجي رومال کي مٿان هٽي مرمت ڪري ڇڏيو پر وري انهيءَ کي اهڙي تماشي لاءِ ڪم نه آندم، جو ڄاتم ته اهو اهڙو مضبوط نه آهي.

آءٌ آزاد ٿيس تنهن کان ٻه يا ٽي ڏينهن اڳي، مون شهنشاهه ۽ ان جي دربار وارن کي انهيءَ قسم جي تماشي سان خوش ويني ڪيو، ته هڪڙي قاصد اڇي شهنشاهه کي ٻڌايو ته جنهن هنڌ آءٌ پهرين هٿ ڪيو ويو هوس، اتي سندس رعيت مان ڪن ماڻهن وهٽن تي لنگهندي زمين تي ڪا وڏي ڪاري شيءِ پيل ڏٺي آهي، جا عجيب شڪل جي آهي ۽ انهيءَ جا پاسا چوڌاري پکڙيل آهن ۽ ايترو ڪشادا آهن جيترو شهنشاهه جي سمهڻ جو ڪمرو آهي ۽ انهيءَ جو وچ ماڻهوءَجي قد جيترو مٿي آهي.

هنن چيو ته اهو ڪو ساهه وارو جانور ناهي، جيئن پهرين هنن کي خطرو هو، ڇالاءِ جو اهو گاهه تي چُرڻ کان سواءِ پيو آهي ۽ منجهان ڪيترا هن جي چوڌاري گهٽائي دفعا ڦري آيا هئا. هنن ايترو ٻه ٻڌايو ته هڪٻئي جي ڪلهن تي چڙهي هو انهيءَ جي چوٽيءَ تائين ٻه چڙهي آيا هئا، جا سنئين ۽ چپتري هئي، ۽ پيرن سان ڏڪ هٽي ٻه ڏنو هئائون ته اندران اُڪا شيءِ پوري آهي. هنن پانيو ته اها انهي جبل جهڙي ماڻهوءَ جي ڪا شيءِ هوندي. هنن چيو ته جي شهنشاهه اجازت ڏئي ته اهو ان کي فقط پنجن گهوڙن سان گهلي ڪٽي اچن.

جڏهن مون هنن جي ڳالهه ٻڌي تڏهن هڪدم سهي ڪيم ته اها ڪهڙي شيءِ آهي، ۽ اها خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٻه ٿيس، پانئجي ٿو ته جهاز ڀڃڻ کان پوءِ جڏهن آءٌ ڪناري تي پهتس، تڏهن اهڙيءَ وٽ پڄ ۾ هوس، جو جتي آءٌ اڇي سمهي پيو هوس، انهيءَ هنڌ پهچڻ کان اڳي منهجي ٽوپي پاڻيءَ ۾ ڪري پئي هئي. جڏهن مون بتيلي کي ڳڻ پئي هنيو، تڏهن انهيءَ کي ڏاڳو ٻڌي پنهنجي مٿي سان اٽڪائي ڇڏيو هوم. ۽ ترڻ مهل ٻه مون سان اٽڪي پيئي هئي. پر شايد اتفاق سان ڏاڳو ڇڄي پيو هو، ۽

جڏهن ڪناري تي پهتس، تڏهن مون کي نظر نہ آئي. پانيم تہ سمنڊ ۾ ڪري پيئي آهي.

مون شهنشاهہ کي عرض ڪيو تہ جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد اها شيءِ مون کي آٽائي ڏين، ۽ بيان ٻہ ڪري ٻڌايو مانس تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي ۽ ڪهڙي ڪم ايندي آهي. ٻئي ڏينهن گاڏين وارا اها ڪٽي آيا، مگر تمام ڇڳي حالت ۾ نہ هئي. انهن انهيءَ جي ڪُني ۾ وٽ کان ڏيڍ انچ اندر ٻہ ٽنگ ڪڍيا هئا، ۽ انهن ۾ ٻہ ڪڙا ڪٽي ٻڌا هئائون ۽ انهن ڪڙن ۾ رسا وجهي ڪٽي گهوڙن سان ٻڌا هئائون ۽ انهيءَ طرح ميل ڪن پنڌ جو زمين تي گهلي منهنجي ٽوپي ڪٽي آيا. پر اُنهيءَ ملڪ ۾ زمين تمام سنئين ٿي ٿئي، تنهن ڪري ٽوپيءَ کي اهڙو نقصان نہ رسيو جهڙي جو ڊپ هوم.

انهيءَ واردات کان ٻہ ڏينهن پوءِ شهنشاهہ حڪم ڏنو تہ لشڪر جو جيڪو پاڳو سندس تختگاهہ ۾ يا انهيءَ جي آسپاس منزل انداز هو، سو تيار ٿئي. هن کي اوچتو خيال آيو تہ پاڻ کي هڪڙي تمام حيرت جهڙي رستي سان وندرائي. هن مون کي چيو تہ جيترو ٿي سگهي ٽنگون ڦاڙي بيهہ، تنهن کان پوءِ سندس جنرل يا سپهہ سالار، جو ٻڌو ۽ هوشيار قواعد دان عملدار هو ۽ منهنجو وڏو دوست هو، تنهن کي حڪم ڏنائين تہ لشڪر صفون ٻڌي بيهاري منهنجي هينيان هلائي. اهڙيءَ طرح جو پيادا قطار قطار ۾ چوويهہ ڇٽا هجن ۽ سوار سورنهن سورنهن ۽ دهل ٻہ وڄائيندا، نيزا ۽ جهنڊا ڪٽندا هليا هلن. انهيءَ فوج ۾ ٽي هزار پيادا سپاهي ۽ هڪ هزار سوار هئا.

مون شهنشاهہ کي پنهنجي آزادي لاءِ ايتريون درخواستون ڪيون هيون، جو هن نيٺ پهرين خانگيءَ طرح پنهنجن خاص مشيرن سان صلاح ڪئي ۽ پوءِ پريءَ دربار ۾ وزيرن سان صلاح ڪئي. ملڪ جو امير البحر ڪنهن سبب ڪري ناحق منهنجو جاني دشمن ٿي پيو ۽ منهنجي آزاد ٿيڻ جي برخلاف هو. پر راين جو غلبو منهنجي فائدي ۾ هو، تنهن ڪري شهنشاهہ ٻہ انهن جي راءِ منظور ڪئي، انهيءَ امير کي ٻہ نيٺ ريبي ريبي منظور ڪرايائون، مگر انهيءَ شرط سان تہ هو شرط لکي تيار ڪندو، جن جي بجا آڻڻ لاءِ آءٌ هر قسم ڪٽندس ۽ پوءِ مون کي آزاد ڪندا. اهي شرط خود اهو ئي امير پاڻ مون وٽ ڪٽي آيو، ۽ ساڻس ٻيا ڪيترائي معزز ماڻهو هئا.

پهرين تہ اُهي مون کي پڙهي ٻڌايائون، پوءِ مون کي چيائون تہ "هاڻ قسم ڪڻ تہ انهن شرطن تي هلندين، ۽ پهرين تون پنهنجي ملڪ جي رسم موجب ۽ پوءِ اسان جي قاعدي موجب اهي بجا آڻيندين." هنن جو دستور اهو هو تہ آءٌ پنهنجو سڄو پير

کيي هٿ ۾ جهليان ۽ پنهنجي سڃي هٿ جي وچين آڱر پنهنجي مٿي جي چوٽيءَ تي رکان ۽ پنهنجو آڱوٺو پنهنجي سڃي ڪن جي پاڙيءَ تي رکان.

پر شايد پڙهندڙ کي شوق هوندو ته ڏسي ته اهي شرط کهڙي قسم جا هئا، جن تي مون کي ڇڏيائون، تنهنکري اهي آءٌ هيٺ ڏيان ٿو.

1. "جبل جهڙو ماڻهو اسان جي ملڪ مان اسان جي وڏيءَ مهر لڳل اجازت نامي کان سواءِ نڪري نه ويندو."
2. "اسان جي صاف حڪم کان سواءِ هو اسان جي خاص شهر ۾ نه ايندو ، جڏهن اهڙو حڪم ڏبو، تڏهن هتي جي رهاڪن کي به ڪلاڪ اڳي اطلاع ڏبو ته گهرن جي اندر رهن."
3. "هو فقط اسان جي شاهي سڙڪن تي هلندو، ۽ ڪنهن به گاهه جي ميدان يا گاهن جي ٻنيءَ ۾ نڪي گهمندو، نڪي سمهندو."
4. جڏهن سڙڪن تي هلندو، تڏهن ڏاڍي خبرداري ڪندو ته اسان جي پياري رعيت مان ڪنهن جي به بدن يا گاڏين يا گهوڙن کي لتاڙي نه ڇڏيندو. نڪي هنن جي مرضيءَ کان سواءِ ڪنهن کي پنهنجن هٿن ۾ کڻندو."
5. "جيڪڏهن ڪو ضروري تکڙو حڪم ڪٽي موڪلڻو هوندو ته اهو جبل جهڙو ماڻهو پنهنجي ڪيسي ۾ قاصد ۽ سندس گهوڙي کي مهيني ۾ هڪ ڀيرو ڇهن ڏينهن جي پنڌ تائين ڪٽي ويندو ۽ جي ضرور ٿيو ته انهيءَ کي موڪلائي اسان جي حضور ۾ آڻيندو."
6. "هو بليفسڪو جي ٻيڙ ۾ اسان جن دشمنن جي برخلاف اسان جي دوستيءَ ۾ رهندو ۽ هنن جي لشڪري جهاز کي ناس ڪرڻ ۾ وس پڄندي ڪوشش ڪندو، جو اهڙا جهاز اسان تي ڪاهه ڪرڻ جي لاءِ ٻيا سنبرن."
7. "اهو جبل جهڙو ماڻهو فرصت جي وقت اسانجن ڪم ڪندڙن کي مدد ڪندو ته اسان جي مک باغ ۽ ٻين شاهي عمارتن جي ڀتين جي مٿان رکڻ لاءِ وڏا پهڙ ڪٽن."
8. هو ٻن مهينن جي عرصي ۾ اسان جي ساري ملڪ جي چوڌاري ڪناري سان گهمي ٻڌائيندو ته ڪيتريون وکون آهن."
9. "پڇاڙيءَ ۾ هو قسم کٽي انجام ڪندو ته مٿين شرطن تي پوريءَ طرح هلندو، ۽ هن کي اسان جي رعيت مان 1728ع ماڻهن جيترو کاڌو پيتو هر روز ملندو رهندو، هو اسان جي حضور ۾ آزاديءَ سان پيو ايندو، ۽ اسين هن تي ٻيون به مهربانيون ڪندا رهنداسون."

”هي پيلفا بوراڪ ۾ اسان جي محلات منجھ اسان جي راڄ جي ايڪانوي مهيني جي ويھين تاريخ لکيو ويو.“

مون گھٽي خوشيءَ ۽ رضا سان هي شرط قبول ڪيا، جيتوڻيڪ انھن مان ڪي منھنجي خيال ۾ آبرو جھڙا نہ ھئا. اھا سڀ حرڪت انھيءَ وڏي امير البحر جي ھئي، جنھن جي مون سان دشمني ھئي. تنھن کان پوءِ ھڪدم منھنجا زنجير لاھي ڇڏيائون ۽ مون کي آزاد ڪيائون. شھنشاھ پاڻ انھيءَ سڄي ڪار گذاريءَ ۾ حاضر رھڻ سان مون کي عزت بخشي، انھيءَ جي شڪر گذاريءَ ۾ مون سندس پيرن تي سجدو ڪيو، پر ھن مون کي اُٺڻ لاءِ فرمايو. گھٽي مھرباني‌ءَ جي گفتن کان پوءِ ھن چيو تہ ”آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ تون ڪمائتو خدمتگار ٿيندين ۽ جيڪي مھربانيون ھن کان اڳي توسان ڪيون اٿئون ۽ جيڪي ھن کان پوءِ ڪنداسين، تن جو پاڻ کي لائق ڪندين.“

باب چوٿون

لِليپٽ جو وڏو شهر يا گاديءَ جو هنڌ

آزاد ٽيٽ کانپوءِ جيڪو پهرين عرض مون ڪيو، سو اهو هو ته مون کي موڪل ملي ته آءٌ گاديءَ جو هنڌ ۽ قلعو (ملڊينڊو) ڏسان. شهنشاهه آسانيءَ سان مون کي موڪل ڏني، پر اهو خاص تاڪيد ڪيائين ته "ماڻهن کي يا گهرن کي ڪوبه نقصان نه پهچائجئين." ماڻهن کي خبر پيئي ته مون کي شهر ڏسڻ جو ارادو آهي. قلعي جي چوڌاري جيڪا پٽ وجي ٽي، سا اڌائي فوٽ اوچي آهي ۽ تمام ٿوري ته به يارهن انچ ويڪري آهي، جنهن ڪري گاڏي گهوڙن سميت انهيءَ جي چوڌاري سلامتيءَ سان ڪاهي ٽي سگهجي. ڏهن ڏهن فوٽن تي پاسن کان انهيءَ پٽ تي هڪڙو نلهه بينل آهي.

آءٌ انهيءَ جي الهندي واري وڏي دروازي جي مٿان برانگهه پري لنگهي ويس، ۽ تمام آهستي پاسيرو ٽي فقط صدريءَ ۾ بن مڪ گهٽين مان لنگهي ويس. وڏو ڪوٽ لاهي ڇڏيم. انهيءَ ڊپ کان ته متان انهيءَ جي دامن سان گهرن جي ڇتين ۽ ڇڇهرين کي نقصان رسي، آءٌ ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان هليس ته متان جيڪي ماڻهو گهٽين ۾ گهمندا هجن، تن کي لتاڙي وجهان، جيتوڻيڪ اهڙو سخت حڪم جاري ٿيل هو ته سڀ ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ هئڻ گهرجن نه ته سندن نقصان جو ڪوبه جوابدار ڪونه ٿيندو. گهرن جي درين ۽ ڇتين تي تماشه بينن جو ايترو گوڙ هو، جو مون ڄاتو ته مسافرين کندي مون اهڙو آباد شهر ڪونه ڏٺو هو.

اهو شهر پورو چورس آهي، جنهن جو هر هڪ پاسو پنج سئو فوٽ ڊگهو آهي، به وڏيون گهٽيون جي انهيءَ ۾ آرپار وجن ٿيون ۽ شهر کي پورن چئن پاڳن ۾ ورهائين ٿيون، سي پنج فوٽ ويڪريون آهن. ننڍيون گهٽيون يا ڪوچا جن ۾ آءٌ گهڙي نه سگهيس مگر جن کي رڳو لنگهندي ڏٺم، سي ٻارهن کان ارڙهن انچن تائين ڪشادا آهن. شهر ۾ پنج لک ماڻهو رهي سگهن ٿا. گهرن تي ٽن کان وڌي پنجن تائين ماڙيون آهن، دڪانن بازارين ۾ جهجهو مال رکيل آهي.

شهنشاهه جو محلات شهر جي پوري وچ ۾ آهي، جتي ٻئي وڏيون سڙڪون اچي ٿيون گڏجن، انهيءَ جي چوڌاري به فوٽ اتانهين پٽ آهي، جا محلات جي عمارت کان ويهه فوٽ پري آهي. مون کي شهنشاهه جي اجازت هئي ته اها پٽ اورانگهي وڃان، مگر ائين ڪرڻ سان ضرور ٽلهن کي وڏو نقصان پهچي ها، جيتوڻيڪ پٽيون

پکن پھٹن جون مضبوط جڙيل هيون ۽ چار انچ ٿلهيون هيون. ساڳئي وقت ۾ شهنشاهه جي اها ڏاڍي مرضي به هئي ته آڻڻ سندس محلات جو تجمل ڏسان. پر ائين فقط آڻڻ ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪري سگهيس. اهو سڀ وقت مون پنهنجي چاکوڻ سان شاهي باغ جي تمام وڏن درختن وڍڻ ۾ لڳايو، جو باغ شهر کان اٽکل هڪ سوءِ يارڊ پري هو.

انهن وٽن مان مون وڏا استول يا سپا ناهيا، هر هڪ اٽکل ٽي فوٽ وڏو هو ۽ اهڙو مضبوط هو، جو منهنجو بار کڻي سگهي. ماڻهن کي وري ٻيو پيرو اطلاع ملڻ کانپوءِ آڻڻ وري به شهر مان لنگهي، پنهنجا ٻئي استول هٿن ۾ کڻي محلات ڏي ويس. جڏهن ٻاهرئين دالان جي پاسي وٽ آيس، تڏهن مون هڪڙي استول تي بيهي ٻيو پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ چت جي مٿان لنگهائي، پهرئين ۽ ٻئي دالان جي وچ ۾ جيڪا اَٺ فوٽ ويڪري وٽي هئي، تنهن ۾ رکيم. پوءِ هڪڙي استول تان لانگ ورائي ٻئي تي پير رکيم ۽ پهريون استول ڪُنڊي واري لکڻ سان پنهنجي پنيان کڻي ورتم.

انهيءَ طرح آڻڻ اندرئين دالان ۾ گهڙيس، پوءِ پاسي پر ليٽي پنهنجو منهن وچ وارين ماڙين جي درين وٽ جهليم، جي منهنجي لاءِ کولي ڇڏيون هئائون. اندران جايون اهڙيون سهڻيون ڏسڻ ۾ ٽي آيون جو ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر. اتي مون راڻي ۽ ننڍا شهزادا ڏٺا، جي پنهنجن پنهنجن جاين ۾ وينا هئا ۽ سندن مک خدمتگار سندن آسپاس حاضر هئا. راڻي صاحبه مون کي ڏسي مهرباني‌ءَ جي نظر سان مرکڻ لڳي ۽ دريءَ مان پنهنجو هٿ ڪڍي مون کي ڏنائين، جو مون چميو.

آزاد ٽيڻ کان اٽکل ٻه هفتا پوءِ هڪڙي ڏينهن صبح جو خانگي ڪمن وارو سيڪريٽري فقط هڪڙو نوڪر ساڻ ڪري منهنجي گهر آيو. هن پنهنجي گاڏي پري بيهاري خواهش ڏيکاري ته آڻڻ ساڻس ڪلاڪ کن خلاصي صحبت ڪريان. هو چگّو ۽ لائق ماڻهو ۽ دربار ۾ مون کي گهڻي ڪم آيو هو، تنهنڪري مون اها ڳالهه هڪدم قبول ڪئي. مون کيس چيو ته آڻڻ ليٽي پوان ته هو منهنجي ڪن تائين پهچي سگهي. پر هن جي مرضي هئي ته آڻڻ هن کي هٿ ۾ کڻي جهليان ته اُتي مون سان گفتگو ڪري.

هن پهرين مون کي پنهنجي چوٽڪاري جي مبارڪ ڏني، ۽ چيائين ته "اُنهيءَ ۾ منهنجو به هٿ هو، پر جي دربار جي هاڻوڪي حالت نه هجي ها، ته جيڪر توکي اهڙو جلد چوٽڪارو نه ملي ها. ڇالاءِ جو جيتوڻيڪ ٻاهرين ماڻهن کي اسان جي حالت تمام چگّي ڏسڻ ۾ ٽي اچي، ته به اسان ۾ به وڏيون خرابيون آهن. هڪڙي هيءَ ته

ملڪ جي اندر دوطرفي، ناسازي ۽ مخالفت رهي ٿي، ۽ بي هيءَ ته باهرئين ملڪ جي هڪڙي زور پرئي دشمن جي ڪاهه جو ڊپ ٿو رهي، پهرينءَ خرابي بابت توکي خبر هجي ته گذريل ستر ڪن مهينن کان هن بادشاهت ۾ ٻن مخالف ڌرين جي وچ ۾ جهيڙو هلندڙ آهي، جن کي "وڏيون ڪُڙيون" ۽ "ننڍيون ڪڙيون" ٿا سڏين.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته وڏين ڪُڙين وارا اسان جي قديم قاعدن جي فائدي ۾ آهن. پر انهيءَ هوندي ب شهنشاهه رڳو ننڍين ڪُڙين جي وسيلي ڪم هلائڻ جو پڪو ٺهراءُ ڪيو آهي. توکي معلوم ٿيو ته هوندو، ته سڀ عهدا هو انهن طرف وارن کي ٿو ڏئي. جن جون ڪُڙيون ٻين دربار وارن کان تمام ٿورو ته ب هڪ ڏُرو ننڍيون آهن، ۽ ڏُرا انچ جي چوڏهين پتيءَ جي ماپ آهي. انهن ٻنهي طرفن جي وچ ۾ ايتري مخالفت آهي، جو هو هڪٻئي جو نڪي کائين پيئن، نڪي هڪٻئي سان ڳالهائين. وڏين ڪُڙين وارا تعداد ۾ اسان کان گهٽا آهن. مگر حڪومت سازي اسان جي هٿ ۾ آهي.

"اسان کي اهو ڊپ آهي ته وليعهد صاحب جو لاڙو وڏن ڪُڙين وارن ڏي آهي. ڏسجي پيو ته هن جي جُتيءَ جي هڪڙي ڪُڙي ٻئي کان ٿورو مٿي آهي، جنهن ڪري هلندي هو منڊڪائي ٿو. هاڻي هنن اندروني جهيڙن جهڳڙن هوندي اسان کي پاسي واري ٻيٽ بليفسڪو جي بادشاهه جي ڪاهه جو ڊپ آهي. اها ب دنيا جي ٻي وڏي بادشاهت آهي ۽ اهڙي وڏي زور پري آهي، جهڙي هيءَ."

"تون چوندو آهين ته دنيا ۾ ٻيون ب بادشاهتون ۽ رياستون آهن، جن ۾ تو جيڏا وڏي قد جا ماڻهو رهندا آهن، سا ڳالهه اسان جن ڏاهن کي اعتبار ۾ نٿي اچي. هو ويساهه ڪن ٿا ته تون چنڊ مان يا ڪنهن ٻئي تاري مان هيٺ ڪري پيو آهين. يقين آهي ته تو جيڏا هڪ سئو ماڻهو ٿوري ئي وقت ۾ ساريءَ بادشاهت جا ميوا ۽ ڊور ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندا ۽ اسان جا تاريخ نويس، ڇهن هزارن مهينن جا ب، انهن ٻن بادشاهتن، لِليپٽ ۽ بليفسڪو، کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن جو ذڪر نٿا ڪن."

"هاڻي ٻُڌ، هي ب وڏيون بادشاهتون گذريل ڇٽيهن مهينن کان سخت جنگيون ڪنديون آيون آهن، اُها جنگ هيٺين سببن ڪري شروع ٿي، سڀ قبول ڪن ٿا ته ڪائڻ کان اڳي، آنن پيڙ جو پهريون رستو آهي اُنهن جي موڪري چيڙي تي زور ڏيڻ، پر اسان جي شهنشاهه جو ڏاڏو اجان ٻار هو، تڏهن آني ڪائڻ مهل اڳوٽي دستور موجب جو آنو ڦٽائين، ته اتفاق سان پنهنجي هڪ آڱر ودي وڌائين. تنهن تي شهنشاهه جي ڏاڏي هڪ قاعدو جاري ڪيو ته سڀ رعيتي ماڻهو آنن جا ننڍا پاسا ڀڃن، نه ته سخت سزا ملندين."

" ماڻهن کي انهيءَ قاعدي جي نسبت ۾ اهڙو سخت اعتراض هو، جو اسان جا تاريخ نويس چون ٿا تہ انهيءَ ڪري ڇهہ فساد برپا ٿيا، انهن مان هڪڙي ۾ شهنشاهہ مارجي ويو ۽ ٻيو تخت تان لاٿو ويو. اهي اندروني جنگيون بليفسڪو جي بادشاهن جي چوڻ تي ٿينديون هيون، جڏهن اهي بند ڪيون ويون، تڏهن ڏوهاري هميشہ انهيءَ ملڪ ڏي ڀڄي ويندا هئا. حساب ڪيو ويو آهي، تہ يارهن هزارن ماڻهن آنا ننڍي پاسي کان نہ پڳا، پر موت قبول ڪيائون. "

"هاڻي وڏي پاسي کان پيڙ وارن پڳلن ماڻهن بليفسڪو جي دربار ۾ ايترو مان لڏو آهي ۽ انهن کي هن ملڪ جي خانگي طرفدارن کان ايتري مخفي مدد ملي آهي، جو گذريل ڇٽيهہ مهينن ۾ ٻنهي بادشاهتن جي وچ ۾ سخت لڙايون پئي ٿيون آهن، جن ۾ ڪڏهن هڪڙي فتحياب پئي ٿي آهي، نہ ڪڏهن ٻي، انهيءَ وچ ۾ اسان جا چاليهہ وڏا جهاز ناس ٿي ويا آهن. ننڍن جهازن جو تہ ڳاڻيٽو ئي ڪونهي، تنهن کان سواءِ ٽيهہ هزار چونڊيل سپاهي ۽ خلاصي مارجي ويا آهن. دشمن کي تہ اسان کان وڌيڪ نقصان پهتو آهي. انهيءَ هوندي بہ هاڻ هنن بيمشمار جهاز تيار ڪيا آهن ۽ اسان تي ڪاهہ ڪرڻ وارا آهن. اسان جي شهنشاهہ جو منهنجي همت ۽ طاقت ۾ گهٽو پروسو آهي. هن مون کي حڪم ڏنو آهي تہ هي سڀ احوال توکي ٻڌايان."

مون سيڪريٽري کي چيو تہ "شهنشاهہ کي منهنجون بندگيون ڏجو ۽ چئجو تہ آءٌ پرديسي ماڻهو آهيان، تنهن ڪري آءٌ پانيان ٿو تہ مون کي مناسب ناهي تہ ٻين جي وچ ۾ دست اندازي ڪريان، پر آءٌ شهنشاهہ ۽ سندس ملڪ بچائڻ لاءِ سيني ڪاهہ ڪندڙن سان وڙهڻ لاءِ تيار آهيان، پوءِ جي انهيءَ ۾ منهنجو ساهہ ويو، تہ حرڪت ڪانهي."

باب پنجون

ڪيئن گليور سپ جنگي جهاز پڪڙي ٿو

بليفسڪو جو ملڪ هڪڙو ٻيٽ آهي، جو لِليپٽ جي اُتر- اُپرندي ڏي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي ڪاري آهي، جا اٺ سوء يارڊ ڪشادي آهي. مون اڃا اها ڪين ڏٺي هئي، ۽ جڏهن ڪاهه ٽيڻ جي ارادي جي خبر پئي هيم، تڏهن آءٌ جاڻي ٻجهي انهيءَ پاسي جي ڪناري ڏي نڪي ويس، انهيءَ ڊپ کان ته دشمن جا جهاز، جن کي اڃا منهنجي خبر نه پئي هئي، سي متان ڏسي ونن. جنگ هلندي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ آمدرفت ڪرڻ جي سخت منع ٿيل هئي، ۽ حڪم ڀڃڻ واري کي موت جي سزا ملڻي هئي. شهنشاهه جي ڪنهن به جهاز کي انهيءَ پاسي وڃڻ جي موڪل نه هئي.

مون شهنشاهه کي دشمن جي سپني جهازن کي پڪڙڻ جي رٽ بيان ڪري ٻڌائي. جاسوسن اسان کي پڪي خبر ڏني هئي ته جهاز بندر تي سڌائي واءُ جي انتظار ۾ تيار ٿيا بينا آهن. آزمودگار خلاصين کان کاريءَ جي عمق بابت اسان پڇا ڪئي هئي جو هنن گهڻائي ڀيرا انهيءَ جي ماپ ڪئي هئي. هنن چيو ته وچ ۾ ويڑهه وقت اها ستر گنگلف اونهي هئي، يعني اٺڪل ڇهه فوٽ، ٻيا پاڳا گهٽو گهٽو ته پنجاهه گنگلف هئا.

آءٌ بليفسڪو جي آمهون سامهون اتر اپرندي واري ڪناري ڏي هليس، اتي هڪڙيءَ ٽڪريءَ جي پٺيان ليٽي، مون پنهنجي ننڍي دوربيني ڪڍي ڏٺو ته دشمن جا جهاز لنگر هڻيو بينا هئا ۽ مڙئي اٺڪل پنجاهه هئا. انهن کان سواءِ سامان ڪٽڻ جون گهڻيون ئي ٻيڙيون هيون. پوءِ آءٌ موٽي پنهنجي گهر آيس ۽ حڪم ڏنم ته "گهڻا ۽ مضبوط رسا ۽ لوهه جون شيخون مون کي آڻي ڏيو." اُهي آندائون. رسو سوتليءَ جي ڏاڪي جهڙو ٿلهو هو ۽ لوهه جون شيخون ڏيگهه توڙي قد ۾ اَن جي ڪم جي سوئن جهڙيون هيون.

سوتليءَ کي ٽيڙو ڪري مون مضبوط رسو ڪيو ۽ ساڳيءَ طرح سوئا به ٽي ڳڏي وٽي مضبوط ڪيم ۽ انهن جون چهنبون موڙي ڪنڊي وانگي ڪري ڇڏيم، پوءِ پنجاهه اهڙيون ڪنڊيون پنجاهه اهڙن رسن ۾ وجهي وري به اُتر اپرندي واري ڪناري ڏي ويس ۽ پنهنجو ڪوٽ ۽ جوتا ۽ جوراب لاهي پنهنجي چم جي صدريءَ ۾ وجهي سمنڊ ۾ گهڙي پيس. ويڑهه ۾ اڃا اٺڪل اڌ ڪلاڪ پيو هو. جيترو تڪڙو هلي سگهيس اوترو تڪڙو هلي، وچ ۾ اٺڪل ٽيهن ياردن تائين ترسيس، تان

جو پير وجي وري هن پر سکيءَ تي لڳو. اڏ ڪلاڪ جي اندر آڻ دشمنن جي جنگي جهازن تائين وجي پهتس.

دشمن جا سپاهي مون کي ڏسي اهڙو ڊجي ويا، جو جهازن تان ٽپي تري ڪناري تي ويا، جتي ٽيهن هزارن کان گهٽ ماڻهو نه هوندا. پوءِ مون پنهنجا رسا ڪڍيا ۽ هر هڪ جهاز جي چهنب وٽ ٽُنگ ۾ ڪنديِ اٽڪائي سپ رسا گڏي انهن جا چيڑا ڪٽي ٻڌم. جيسين مون اهو ڪم پئي ڪيو، تيسين هنن ڪيترائي هزار تير ڇوڙيا، جن مان گهٽا مون کي هٿن ۽ منهن ۾ لڳا. انهيءَ سخت ايذاءَ کان سواءِ، هنن منهنجي ڪم ۾ بہ گهٽي حرڪت ڪئي. مون کي گهٽو ڊپ پنهنجي اکين جو هو، ۽ جي انهيءَ مهل انهن جي بچائڻ جي تجويز اوچتي دل ۾ نہ اچيم ها تہ جيڪر اُهي وڃايان ها.

ٻين ڪن ننڍڙين ضروري شين سان گڏ مون پنهنجي عينڪ بہ ڳُجهي ڪيسي ۾ لڪائي ڇڏي هئي. اهي سپ شيون شهنشاهہ جي تلاش ڪندڙ عملدارن جي نظر نہ چڙهيون هيون، جيئن مون مٿي بہ چيو آهي، اها عينڪ مون ڪڍي پنهنجي نڪ تي مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏي، تہ پل اکيون بچيل رهن. پوءِ بهادريءَ سان آڻ پنهنجي ڪم ۾ لڳس ۽ دشمن جي تيرن جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪيم. ڪيترائي تير عينڪ جي شيشن کي لڳا، پر انهن کي هيڏي هوڏي چورڻ کان سواءِ ٻيو نقصان نہ پهچايائون.

جڏهن سپ ڪُنڊيون اٽڪائي رهيس، تڏهن رسن جي ڳنڍ هٿ ۾ جَهلي ڇڪڻ لڳس، پر هڪڙو جهاز بہ نہ چريو، ڇالاءِ جو اهي لنگرن سان مضبوط ٻڌل هئا. اهو وڏيءَ بهادريءَ جو ڪم اڃان منهنجي لاءِ رهيو پيو هو. تنهن ڪري رسو ڪٽي ڇڏيم، ڪنڊيون ائين ئي جهازن ۾ لڳيون پيون هيون. ڪپ سان اهي رسا وڍي وڏم جي لنگرن سان ٻڌل هئا. انهيءَ ڪم ڪندي مون کي اٽڪل بہ سوء تير منهن ۽ هٿن ۾ لڳا. تنهن ڪانپوءِ رسن جي گڏيل ڳنڍ هٿ ۾ جهلي وڃي چڪيم تہ آسانيءَ سان دشمن جا پنجاهہ ئي وڏا جهاز منهنجي پٺيان هليا آيا.

بليفسڪو جي ماڻهن کي منهنجي آزاديءَ جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، سي پهريائين تہ حيران ٿي ويا. هنن مون کي رسا وڍيندي ڏٺو هو ۽ پانيو هئائون تہ هي رڳو جهازن کي پنهنجي منهن ٽلڪن لاءِ ڇڏي ڏيندو، جي شايد پاڻ ۾ لڳندا ۽ ٽهڪندا. پر جڏهن هنن ڏٺو تہ سپ جهاز ترتيبوار پيا هلن ۽ معلوم ڪيائون تہ آڻ سيني کي چڪيندو وڃان، تڏهن ڏاڪ ۽ نااميديءَ ۾ اهڙيون رڙيون ڪرڻ لڳا، جي خيال ڪرڻ ۽ بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن.

جڏهن آڻ خطري جي جاءِ کان نڪري ٻاهر ٿيس تڏهن ٿورو ترسي منهن ۽ هٿن مان تير ڪڍيم. پوءِ انهيءَ هنڌ ٿورو مرهم رکيم، جو پريندي پهچڻ وقت مون کي

ڏنو هئائون، جيئن مون مٿي چيو آهي. پوءِ عينڪ لاهي ڇڏيم ۽ ڪلاڪ کن آرام ڪيم، جڏهن ويڑ ذرو هيٺ پري ٿي، تڏهن جهاز گهلي ٻليپٽ جي شاهي بندر تي صحيح سلامت اچي پهتس.

شهنشاهه پنهنجي ساريءَ دربار سميت ڪناري تي بيٺو هو، ته ڏسي ته منهنجي ڪوشش جو ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري، سپني ڏٺو ته جهاز اڌ گهيري ۾ هليا اچن، پر مون تي هنن جي نظر ڪانه پئي، جو آڻٌ اُرهه تائين پاڻيءَ ۾ هوس، جڏهن آڻٌ کاريءَ جي وچ ڏاري آيس ۽ ڳچيءَ تائين پاڻيءَ ۾ اچي ويس، تڏهن هنن کي ڏاڍو ڏڪ ۽ انتظار ٿيڻ لڳو، جو ڇاتائون ته آڻٌ ٻڏي ويس ۽ دشمنن جا جهاز وڙهڻ لاءِ ڪاهيندا اچن، پر مون کي اڳتي ڪاري ويئي تانگهي ٿيندي ۽ آڻٌ اچي ڪين ويجهو ٿيس ۽ هو منهنجو ڳالهائڻ ٻڌي سگهڻ جهڙا هئا. تڏهن مون کي ڏسي هنن جو انتظار لٿو. مون جهازن جي رسن جي ڳنڍ مٿي ڪري وڏي سڏ چيو ته "خدا شل ٻليپٽ جي زور واري بادشاهه کي وڏي حياتي ڏئي!" جڏهن آڻٌ وڃي ڪناري تي چڙهيس، تڏهن شهنشاهه نهايت گهڻي خوشيءَ سان مون کي گڏيو ۽ اتي جو اتي مون کي "تر ڊاڪ" جو لقب ڏنائين، جو هنن ۾ هڪڙو وڏو خطاب آهي.

شهنشاهه مون کي چيو ته "دشمنن جا باقي جيڪي جهاز آهن، سي سڀ ڪنهن ٻئي وقت گهلي اچجئين، اهي بادشاهه اهڙا طمع وارا آهن، جو سندن مرضي آهي ته ٻليپٽ ۽ بليفسڪو جي سڄي بادشاهت گڏجي هڪڙي ٿي وڃي، جو پوءِ پنهنجي طرفان رڳو ڪي نواب يا فرمانروا مقرر ڪري آسانيءَ سان اتان جو ڪاروبار هلائي سگهن. هن جي مرضي هئي ته آنن جي وڏي پاسي پڃڻ وارا سڀ فسادي، جي شهر ڇڏي ويا هئا، تن کي ماري ناس ڪري ڇڏي، ۽ انهن ماڻهن کي اڳتي اهڙو لاچار ڪري، جو هو پنهنجا آنا ننڍي پاسي کان پڃن، جنهن ڪري ساريءَ شهنشاهت جو هوئي هڪڙو شهنشاهه ٿيندو.

پر مون هن کي انهيءَ ارادي تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ صاف طرح ٻڌايو ته "بهادر ۽ آزاد ماڻهن کي غلام ڪرڻ ۾ آڻٌ مدد نه ڏيندس." ۽ جڏهن انهيءَ ڳالهه بابت مشيرن جي وچ ۾ بحث هليو، تڏهن جيڪي عقل ۽ سمجهه وارا وزير هئا، سي منهنجي راءِ ۾ شامل هئا.

هيءَ جا پنهنجي راءِ مون همت ڪري ظاهر ڪئي، سا شهنشاهه جي راءِ ۽ رٽ جو اهڙو برخلاف هئي، جو انهيءَ ڪري هو مون کي ڪڏهن معاف ڪري نه سگهيو. هن مشيرن جي مجلس ۾ به اشاري سان اها ڳالهه ڏيکاري، جو مون کي چيائين ته "عقل وارن مشيرن مان کي ماڻ ڪري وينا، جنهن مان هو منهنجي راءِ سان شامل ڏسڻ

۾ ٿا اچن.“ پر ٻيا، جي منهنجا دشمن هئا، سي منهنجي ٿورڙي تعريف بہ برداشت ڪري نہ سگهيا. انهيءَ وقت کان وني شهنشاهہ ۽ منهنجي مخالف ڪيترن وزيرن جي وچ ۾ منصوبا ٿيڻ لڳا، جي بن مهينن جي اندر ظاهر ٿيا جن مان اهو امڪان ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ مون کي ماري ڇڏڻ ڪري ڇڏيندا. بادشاهن جي ڪيتري بہ خدمت چاڪري ڪجي، پر هنن جي مرضيءَ جي برخلاف کي کٽي ڪبو، تہ اُها سڀ خدمت برباد ٿيو وڃي.

انهيءَ محرم کان اٺکل ٽي هفتا پوءِ بليفسڪو مان کي وڪيل آيا، جن صلح ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي. سگهوئي صلح ڪيو ويو، جنهن جا شرط شهنشاهہ جي لاءِ تمام فائدي وارا هئا. انهن جي تفصيل ٻڌڻ مان پڙهندڙ کي تڪليف ٿيندي، تنهنڪري هتي بيان ڏيڻ اجايو آهي، مڙئي ڇهہ وڪيل هئا ۽ ساڻن اٺکل پنج سوء ماڻهو هئا. هو ڏاڍي تجمل سان شهر ۾ آيا، ۽ هنن کي سندن بادشاهہ جي شان وٹان ۽ ڪم جي حالت موافق مرحبا ڪئي وئي.

جڏهن عهد نامو پورو ٿيو، تڏهن بليفسڪو جي وڪيلن مون سان اچي ملاقات ڪئي، ڇالاءِ جو مون انهيءَ ڪم ۾ هنن جي گهٽي خير خواهي ۽ طرفداري ڪئي هئي، ۽ هنن مون کي معتبر شمار ٿي ڪيو، ۽ خانگي طرح ماڻهن کان هنن کي خبر پيئي هئي تہ آڻٔ سندن خيرخواهہ آهيان. پهريائين هو منهنجي بهادريءَ ۽ مهرباني‌ءَ جي تعريف ڪرڻ لڳا، پوءِ مون کي هنن پنهنجي بادشاهہ جي طرفان پنهنجي ملڪ ڏي اچڻ جي دعوت ڏني، ۽ چيائون تہ ”اڇي اسان کي پنهنجي بي انداز طاقت جون کي ثابتيون ڏيئي ڏيکار، جو انهيءَ بابت اسان حيرت جهڙيون ڳالهيون ٻڌيون آهن“ انهيءَ ۾ مون هنن کي راضي ڪيو، پر جيڪي ڪم ڪيم تنهن جي تفصيل ڏيڻ سان پڙهندڙن کي تڪليف نہ ڏيندس.

جڏهن ڪچ وقت تائين مون هنن کي خوش ڪيو ۽ حيرت ۾ وڌو، تڏهن مون چيو تہ ”منهنجا گهڻا نياز پنهنجي بادشاهہ کي ڏجو، جنهن جي نيڪين جي تعريف ساري جهان ۾ پکڙيل آهي. اُميد آهي تہ پنهنجي ملڪ ڏي رواني ٿيڻ کان اڳي آڻٔ اوهان جي بادشاهہ جي قدمبوسي ڪري ويندس.“

انهيءَ موجب ٻئي وقت جڏهن مون شهنشاهہ جي ملاقات جو شرف حاصل ڪيو، تڏهن کانئس بليفسڪو جي بادشاهہ سان ملاقات ڪرڻ جي اجازت گهريم.

هن اجازت ڏني، مگر مون صحيح ڪيو تہ ڏاڍي رنج سان ڏنائين. پر انهيءَ جو سبب آڻٔ معلوم ڪري نہ سگهيس، مگر نيٺ مخفي طرح هڪڙي شخص کان مون کي معلوم ٿيو تہ شاهي خزانچي ۽ امير البحر شهنشاهہ جي ڪَنَ تي وڌو هو تہ مون

بليفسڪو جي وڪيلن سان رستو رکيو آهي ۽ سندس برخلاف آهيان، پر آءٌ يقين سان چوان ٿو ته انهيءَ تهمت کان آءٌ آزاد هوندس. انهيءَ وقت کان وني پريندي بادشاهن ۽ وزيرن جي وسيلي گفتگو ٿي ڪئي. انهن ٻنهي ملڪن جون ٻوليون اهڙيون عليحده هيون، جهڙيون يورپ جي ڪن ٻين ملڪن جون آهن. هر هڪ ملڪ جا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي قدامت ۽ خوبصورتي ۽ پڪائيءَ جو فخر ڪندا هئا. انهيءَ هوندي به اسان جي شهنشاهه، جو هنن جي جهازن پڪڙڻ سان فتح حاصل ڪئي هئي ۽ هنن تي قابض پيو هو، تنهنڪري زور ڪري هنن تي به ليليپٽ جي ٻولي ڳالهائڻ جو بار رکيو هئائين.

پر ايترو قبول ڪرڻ گهرجي ته ٻنهي بادشاهن جي وچ ۾ ايتري آمدورفت ۽ سوداگري هلندي هئي ۽ اتي جي دستور موجب شريف ۽ دولتمند ماڻهو دنيا ڏسڻ ۽ ماڻهو سان واقفيت رکڻ ۽ اخلاق سڌارڻ لاءِ ايترا پنهنجا جوان ماڻهن هڪ - ٻئي جي ملڪ ڏي موڪليندا هئا، جو اهڙا ڪي وڏا ماڻهو يا سوداگر يا خَلاصي ڪنارن تي رهڻ وارا ٿورا هوندا، جي ٻنهي زبانن ۾ گفتگو ڪري نه سگهندا هوندا. اها ڳالهه مون کي تڏهن معلوم ٿي، جڏهن پوءِ آءٌ بليفسڪو جي شهنشاهه جي سلام تي ويس، جيتوڻيڪ منهنجن دشمنن جي بدخواهيءَ ۽ ويڑ ڪري مون تي گهڻيون مشڪلاتون ۽ مصيبتون آيون هيون، ته به منهنجي انهيءَ پاسي وڃڻ مان مون کي گهڻو فائدو پهتو ۽ سڪ حاصل ٿيو، جيئن هيٺ موقعي تي آءٌ بيان ڪندس.

باب ڇهون

گليور لِليپٽ ڇڏي ٿو

هن بادشاهت ڇڏڻ جو بيان ڏيان، تنهن کان اڳي پڙهندڙ کي خبر ڏيڻ مناسب آهي تہ منهنجي برخلاف ٻن مهينن کان هڪڙو منصوبو لڪچوريءَ ۾ پئي نهيو، هيستائين عمر ۾ مون ڏارين ملڪن جي بادشاهن وٽ نہ گذاريو هو، تنهن ڪري انهن وٽ رهڻ جي مون کي لياقت ڪانہ هئي. وڏن وڏن بادشاهن ۽ اميرن جي مختلف طبيعتن بابت مون پڙهيو گهڻي ئي هو، پر اها اُميد مون کي نہ هئي تہ انهيءَ جو خراب نتيجو آڻڻ ڇڙي پرانهين ملڪ ۾ ڏسندس، جتي منهنجي سمجهہ موجب يورپ جي قاعدن کان بلڪل عليحده قاعدا جاري هئا.

مون اجا بليفسڪو جي شهنشاهہ ڏي وڃڻ جي تياري پئي ڪئي، تہ هڪڙو وڏو امير، جنهن تي بادشاهہ جي مٿس ڪاوڙجڻ مهل مون گهڻا احسان رکيا هئا، سو رات جو بند ٽيل ڪرسيءَ ۾ لڪچوريءَ منهنجي گهر آيو، ۽ نالي ٻڌائڻ کان سواءِ اندر لنگهي آيو.

ڪرسي کڻڻ وارا هليا ويا، ۽ مون امير کي ڪرسيءَ سميت کڻي پنهنجي وڏي ڪوٺ جي ڪيسي ۾ وڌو، تڏهن مون پنهنجي هڪڙي معتبر نوڪر کي چيو تہ "ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ آڻڻ بيمار آهيان ۽ ستو پيو آهيان." پوءِ مون پنهنجي گهر جو دربند ڪيو ۽ ڪرسي ڪيسي مان ڪڍي ميز تي رکيم، جيئن هميشہ ڪندو هوس ۽ پوءِ انهيءَ جي پاسي ۾ ويهي رهيس، امير ڏاڍي خيال ۾ ڏسڻ ۾ آيو، ۽ جڏهن مون انهيءَ جو سبب پڇيس، تڏهن هن مون کي ٻڌايو تہ "شهنشاهہ پنهنجن مشيرن ۽ اميرن سان صلاح ڪري اهو حڪم ڪڍيو آهي تہ دغا ڪرڻ جي ڪري تنهنجون اکيون ڪڍائي، ٽن ڏينهن جي اندر سيڪريٽري تنهنجي گهر ايندو ۽ توکي حڪم پڙهي ٻڌائيندو."

ٿورو وقت انهيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪري مون دل ۾ هڪڙو ٺهراءُ ڪيو، جنهن لاءِ شايد مون تي واجبي طرح الزام اڇي سگهندو. آڻڻ قبول ٿو ڪريان تہ منهنجي اُبهرائيءَ ۽ بي تجربي هڻڻ جي ڪري ئي مون پنهنجون اکيون بچايون ۽ پنهنجي آزادي حاصل ڪئي، جيڪڏهن مون کي انهيءَ وقت بادشاهن ۽ وزيرن جي طبيعتن جي خبر هجي ها، جيئن پوءِ مون کي گهٽن ٻين بادشاهن ۽ اميرن جون بہ معلوم ٿيون، ۽ جي مون کي خبر هجي ها تہ مون کان بہ وڏن ڏوهارين کي ڪهڙيون سزائون ٿيون ملن تہ جيڪر آڻڻ خوشيءَ سان اهڙي هلڪي سزا قبول ڪريان ها.

پر جوانيءَ جي اُبهرائيءَ ڪري ۽ شهنشاهه جا مون ڪي بليفسڪو جي بادشاهه وٽ وڃڻ جي اڳيئي اجازت ڏني هئي، تنهن موجب، مون وڃڻ جو پڪو نهراءَ ڪيو، ۽ انهن ڏينهن گذرڻ کان اڳيئي پنهنجي دوست سيڪريٽري، ڏي هڪڙو خط موڪليم، جنهن ۾ لکيو مانس ته مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته اڄ آڻ بليفسڪو ڏي روانو ٿيندس.

هن جي جواب لاءِ به نه ترسيس، ۽ اُٺي ٻيٽ جي انهيءَ پاسي ويس، جتي اسان جا جهاز بينا هئا. اتي هڪڙو وڏو جنگي جهاز پڪڙي انهيءَ جي چوٽيءَ ۾ ڪٽي هڪڙو رسو ٻڌم، لنگر ڪٽي، پنهنجا ڪپڙا لاهي ڪڇ ۾ جيڪو مٿان وجهڻ جو ڪٽو هوم، سو به ڪپڙن سميت ڳنڍڙي ڪري، ڪٽي انهيءَ جهاز ۾ رکيم: پوءِ انهيءَ کي ڇڪي اٽي هليس. ڪٽي پاڻيءَ ۾ پنڌ پئي ڪيم، ڪٽي تريس ٽي. ائين ڪندي آڻ نيٺ بليفسڪو جي شاهي بندر تي آيس، جتي گهڻي وقت کان ماڻهو منهنجي لاءِ منتظر بينا هئا.

هنن مون کي به سونها ڏنا ته وڏي شهر ڏي وڃڻ هلن، جنهن جو نالو به بليفسڪو آهي. مون انهن سونهن کي هٿ ۾ ڪيو، جڏهن شهر جي وڏي در کان ٻن سون ياردن جيتري پنڌ تي آيس، تڏهن مون هنن کي چيو ته "هاڻي وڃي هڪڙي سيڪريٽريءَ کي منهنجي اچڻ جو ٻڌايو، ۽ چئو ته آڻ شهنشاهه جي حڪم جو منتظر ٿيو وينو آهيان." ڪلاڪ کن جي اندر جواب آيو ته شهنشاهه پنهنجي شاهي ڪٽنب ۽ اميرن وزيرن سميت منهنجي مرحبا ڪرڻ لاءِ ٽو اچي. آڻ سوء ياردِ سندن لاءِ اڳيرو ويس.

شهنشاهه ۽ سندس عملو گهوڙن تان لهي پيو، راڻي ۽ سندس خدمتگاريون گاڏين مان لٿيون. مون ڏٺو ته هنن کي ڪو ڊپ يا فڪر ڪونه هو. مون شهنشاهه کي عرض ڪيو ته "آڻ پنهنجي ڪيل انجام موجب آيو آهيان ۽ مون کي پنهنجي ڏٺيءَ يعني شهنشاهه اجازت ڏني آهي ته حضور جهڙي زبردست شهنشاهه جي ملاقات جو شرف حاصل ڪريان ۽ وس آهر اهڙي خدمت چاڪري ڪريان، جا پنهنجي بادشاهه ڏانهن فرض جي ادائي ۽ نمڪ حلاليءَ سان موافق هجي." مون پنهنجي نسبت ۾ پنهنجي شهنشاهه کي انهيءَ ڳجهه جي ڪابه خبر نه پوندي، جو آڻ سندس وس کان ٻاهر هوس. پر سگهوئي معلوم ٿيو ته انهيءَ خيالن ڪرڻ ۾ مون غلطي ڪئي هئي.

هن ٻئي شهنشاهه وٽ منهنجي ڪهڙي مرحبا ٿي، تنهن جي بيان ڏيڻ سان آڻ پڙهندڙ کي تڪليف نه ڏيندس. اها اهڙي وڏي بادشاهه جي مهرباني ۽ شان وٽان هئي، گهر ۽ بستري جي لاءِ جيڪي مون کي مشڪلاتون پيش آيون، تنهن جو به ذڪر نه ڪندس. مون کي لاچار پنهنجو ڪٽو ويڙهي زمين تي سمهڻو پيو.

منهنجي اتي پهچڻ کان ٿي ڏينهن پوءِ، بيٽ جي اُتر - ايرندي ڪناري گهمندي، سمنڊ ۾ ڏيڍ ميل پنڌ تي مون کي هڪڙي شيءِ ڏسڻ ۾ آئي، جا اونڌي ٽيل ٻيڙي وانگي نظر ٿي آئي. مون پنهنجا جوتا ۽ جوراب ڪٽي لاتا ۽ ٻن يا ٽن سون ياردن تائين اندر پاڻي ۾ هليو ويس. ڏٺم ته اها شيءِ ويڑ جي زور سان وڃي ويجهي پوندي، تڏهن صاف معلوم ٿيم ته سچي پچي اها ٻيڙي آهي، جا مون پانيو ته ڪنهن جهاز تان طوفان جي زور سان ڇڇي آئي آهي. تنهن تي هڪدم آڻ موٽي شهر ۾ آيس، ۽ شهنشاهه کي چيم ته جنگي جهازن جي پڪڙجڻ کانپوءِ جيڪي ڏگها جهاز بچيا آهن، تن مان مون کي ويهه ڏيو ۽ ٽي هزار خلاصي به ڏيو ۽ انهن جي مٿان نائب امير البحر به مقرر ڪري ڏيو.

اهي جهاز، جيسين آڻ سڏو ڪناري تي وٺي ويس تيسين ڦري انهيءَ هنڌ آيا جتي مون پريندي ٻيڙي ڏٺي هئي، مون ڏٺو ته ويڑ انهيءَ کي اڃا به ويجهو آندو هو، سيني خلاصين کي رسا ڏنا ويا، جي مون اڳئي وٽي مضبوط ڪيا هئا. جڏهن جهاز اڇي پهتا تڏهن مون پنهنجا ڪپڑا لاتا ۽ پاڻيءَ ۾ پنڌ ڪري جتي ٻيڙي پيئي هئي، انهيءَ کان سئو ياردن جي اندر آيس، پوءِ تري انهيءَ تائين پهتس.

خلاصين رسي جو ڇيڙو مون کي اڇلائي ڏنو، ۽ رسي جو ٻيو ڇيڙو وري هڪڙي جنگي جهاز سان ٻڌي ڇڏيم، پر مون ڏٺو ته منهنجو پورهيو سڀ اجايو ٿيو، ڇا لاءِ جو پاڻي تار هو، تنهنڪري آڻ ڪوبه ڪم ڪري نه سگهيس. لاچار ٿي تري ٻيڙي جي پٽيان وڃي انهيءَ کي هڪڙي هٿ سان اڳتي ڌڪڻ لڳس. ويڑ سٽائي هئي، تنهنڪري ايترو وڌي آيس، جو ڪاڏي پاڻيءَ کان ٻاهر جهلي ۽ پير زمين تي رکي سگهيس، به يا ٽي منٽ ساهي ڪٽي، ٻيڙيءَ کي وري ٻيو ٽيلهو ڏنم، نيٺ ڏکي ڏکي ايڏي پاڻيءَ ۾ آندو مانس، جو منهنجن بغلن تائين ٿي آيو.

مشڪل ڪم لهي ويو، تنهنڪري هاڻ مون پنهنجا رسا ڪڍيا جي هڪڙي جهاز ۾ ڍير ٽيا رکيا هئا، انهن کي پهرين ٻيڙيءَ سان ٻڌم، پوءِ ٻين نون جهازن سان ٻڌم، جي مون کي ڏنا ويا هئا، واڻُ سٽائو هو ۽ خلاصين ڳڻ ڏنا ۽ مون زور لاتو. انهيءَ طرح اسين ڪناري کان چاليهن ياردن تائين آياسين، جڏهن ويڑ لٽي تڏهن آڻ سُڪيءَ تي پنڌ ڪري ٻيڙي وٽ آيس، ٻن هزارن ماڻهن جي مدد سان رسن ۽ ڪلن جي وسيلي مون ٻيڙيءَ کي اُٽلائي سنئون ڪيو ۽ ڏٺم ته انهيءَ کي ڪو گهٽو نقصان نه پهتو آهي.

ڪهڙين مشڪلاتن سان مون انهيءَ ٻيڙيءَ کي بليفسڪو جي شاهي بندر ۾ آندو، تن جي بيان ڪرڻ سان آڻ پڙهندڙن کي تڪليف نه ڏيندس. انهيءَ لاءِ مون کي

کي ڏهه ونجهه يا ڳڻ جوڙڻا پيا، جن تي ڏهه ڏينهن پئي مٿا هنيم، جڏهن آڻ اتي آيس، تڏهن ماڻهن جا گوڙ اچي گڏ ٿيا ۽ هڙو وڏو جهاز ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. مون شهنشاهه کي چيو ته "آڻ نصيب وارو آهيان، جو هيءَ ٻيڙي مون کي هٿ آئي آهي. اها مون کي ڪنهن هنڌ ڪٽي ويندي، جتان آڻ پنهنجي وطن ڏي موٽي وڃي سگهندس. مون عرض ڪيس ته مون کي وڃڻ جي موڪل ٻه ڏئي ۽ ماڻهن کي حڪم ٻه ڏئي ته مون کي ٻيڙيءَ جي تيار ڪرڻ ۾ ضروري سامان موجود ڪري ڏين." ٿوريءَ تڪليف ڏيڻ کان پوءِ هن اجازت ڏني.

انهيءَ وچ ۾ آڻ حيران هوس، ته ڪهڙي سبب اسان جي شهنشاهه ڪوبه پيغام مون ڏي بليفسڪو ۾ ڪونه موڪليو، پر پوءِ خانگي طرح مون کي سندس منصوبن جي ڪل پئي هئي. هن سمجهيو ٿي ته سندس اجازت ۽ پنهنجي ڪيل انجام موجب آڻ فقط بليفسڪو ڏي گهمڻ ويو آهيان، جو درٻار وارن کي ٻه ايتري خبر پئي هئي. هن ڄاتو ٿي ته اتي جي بادشاهه جي ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ موٽي ايندس. پر جڏهن مون گهٽا ڏينهن لڳايا، تڏهن البت بي آرام ٿيڻ لڳو. خزانچيءَ ۽ ٻين منهنجن دشمنن سان صلاح ڪرڻ ڪانپوءِ هڪڙو آبروءَ وارو ماڻهو مون ڏي موڪليو ويو، ۽ جيڪو تهمتنامو مون تي جوڙيو هئائون تنهن جو نقل فلم وارو ٻه ڏياري موڪليو هئائون. انهيءَ وڪيل کي اهو حڪم هو ته بليفسڪو جي بادشاهه کي ٻڌائي ته سندس شهنشاهه گهٽي مهرباني ڪري منهنجي لاءِ فقط ايتري سزا مقرر ڪئي آهي ته منهنجون اکيون ڪيي ڇڏجن. جو آڻ انصافي محڪمي کان نٽائي ڇڄي آيو آهيان، ۽ جي آڻ ٻن ڪلاڪن جي اندر موٽي نه ويندس ته منهنجو مرڀاڪ جو خطاب موٽائي ورتو ويندو ۽ مون کي دغاباز ۽ باغي شمار ڪيو ويندو. وڪيل هيترو ٻه چيو ته جي بليفسڪو جو شهنشاهه پانئي ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ صلح رهي ته هڪدم منهنجا هٿ پير ٻڌائي، دغابازيءَ جي سزا پوڳڻ لاءِ مون کي لِلِيپٽ ڏي ڏياري موڪلي.

بليفسڪو جي شهنشاهه ٽن ڏينهن جي صلاح مشورن کانپوءِ گهٽن عذر خواهين ۽ بهانن جو جواب منن لفظن ۾ ڏياري موڪليو. اهو هي هو ته "هن جبل جهڙي ماڻهوءَ کي ٻڌي موڪلڻ بلڪل ناممڪن آهي، جيئن اوهان کي معلوم هوندو، جيتوڻيڪ هن منهنجا سي جهاز پڪڑي ورتا آهن، ته ٻه صلح ڪرائڻ ۾ هن گهٽي مدد ڏني آهي، تنهنڪري آڻ هن جو احسانمند آهيان. انهيءَ هوندي ٻه اميد آهي ته اوهين توڙي اسين ٻيئي جلد خوش ٿيندا سين، ڇالاءِ جو هن هڪڙو عظيم جهاز ڪناري تي لڏو آهي، جنهن تي هو چڙهي وڃي سگهندو. انهيءَ جي تيار ڪرڻ لاءِ

ڪيس مدد ڏيڻ واسطي مون حڪم جاري ڪيو آهي. اميد آهي ته ٿورن ئي هفتن ۾ بيئي بادشاهتون هن کان ڇڻي پوندیون.

اهو جواب ونی اهو وڪيل لِليپٽ ڏي موڪليو ويو، ۽ بليفسڪو جي شهنشاهه جيڪي ٽي گذريو هو مون کي ٻڌايو. ساڳئي وقت ۾ هن مخفي طرح مون کي چيو ته "جي تون مون وٽ رهندين، ته آءٌ توکي پوري پناهه ڏيندس. جيتوٽيڪ هن جي سچي نيت ۾ مون کي شڪ ڪونه هو، ته به مون پڪو ارادو ڪيو هو ته وس پڄندي آئيندي بادشاهن يا اميرن ۾ ڪڏهن ويساهه کين رکندس، تنهنڪري مون سندس شڪر گذاري ڪري ادب ۽ نياز سان معافي گهري، چيو مانس ته "جڏهن چگّيءَ يا بيڙيءَ قسمت هڪڙي ٻيڙي مون کي ڏياري آهي، تڏهن آءٌ بخت آزمائي ڪري سمنڊ تي نڪري پوندس. هتي رهي بن وڃن بادشاهن جي وچ ۾ ناسازي پيدا نه ڪندس." انهيءَ تي شهنشاهه ڪاوڙيو کين بلڪ هڪڙي اتفاق سان مون کي معلوم ٿيو ته هو ٿورا گهٽا وزير امير منهنجي انهيءَ آزادي ڪري ڏاڍا خوش ٿيا.

انهن سببن ڪري پاڻ جلد رواني ٿيڻ جي مون کي خواهش ٿي. بادشاهه توڙي درٻارين کي پاڻ تڪڙ هئي ته هي وجي، تن ڏاڍيءَ خوشيءَ سان مون کي مدد پئي ڏني. پنج سئو ماڻهو منهنجي حڪم هيٺ ٻيڙيءَ جي ٻن سڙهن ناهڻ لاءِ ڪم ۾ لڳايا ويا. انهيءَ ڪم لاءِ هنن جي مضبوط ڪپڙي جا تيرهن ٽان هڪٻئي مٿان ٽها ڪري ڪم آندا ويا. هنن جا ڏهه ويهه بلڪ ٽيهه ٽلها ۽ مضبوط رسا وٽي پنهنجي ٻيڙيءَ جا رسا جوڙيم.

گهٽي ڳولا کانپوءِ سمنڊ جي ڪناري تي هڪڙو وڏو پهڻ لڌم، سو مون کي لنگر وانگر ڪم آيو. ٽن سون ڳئن جي چربي مون کي ٻيڙيءَ جي مکڻ ۾ توڙي ڪن ٻين ڪمن ۾ ڪم آئي. ونجهن ۽ ڪوهن لاءِ ڏاڍي محنت ڪري کي وڏا درخت وڍيم پر انهيءَ ڪم ۾ مون کي شاهي جهازن جوڙيندڙن مدد ڏني، جو منهنجي ڪهري ڪيل ڪم کي هنن لسو ٿي ڪيو.

مهيني کن جي اندر جڏهن سڀ شيون تيار ٿيون، تڏهن مون شهنشاهه کي چوائي موڪليو ته "هاڻ آءٌ موڪل ونندس، مون کي وڃڻ جو حڪم ملي." شهنشاهه پنهنجي ساري شاهي ڪٽنب سميت محلات مان نڪري آيو. آءٌ هن جي هٿ چمڻ لاءِ اونڌو ٿي پيس ۽ مهرباني فرمائي مون کي پنهنجو هٿ ڏنو. راڻيءَ توڙي شهزادن به ائين ڪيو. شهنشاهه مون کي پنجاهه ٽيلهيون انعام ڏنيون، هر هڪ ۾ به سوء سپرگ هئا. ۽ پنهنجي ساري قد واري تصوير به عطا ڪيائين، اها ته مون پنهنجي هڪڙي

دستاني ۾ وڌي، تہ متان ٻاهر خراب ٿي پوي. منهنجي رواني ٽيڙ مهل جيڪي ٿي گذريو، تنهن جو هينئر بيان ڏيڙ اجايو آهي.

هڪ سئو ڏاند ۽ ٽي سوء رڍون ڪهي ٻيڙيءَ ۾ آذقو ڪري ڪنيم. ماني ۽ پاڻي ٻہ ڳچ جيترو ڪنيم، رڌل طعام ٻہ ايترو ساڙ ڪنيم، جيترو چار سوء بورچي رڌي ڏيئي سگهيا، ڇهہ ڳئون ۽ ٻہ ڏاند جيئرا ٻہ ڪنيم ايتريون رڍون ۽ گهٽا ٻہ ڪنيم، تہ انهن کي پنهنجي ملڪ ڏي نيان، ٻيڙيءَ تي انهن کي کارائڙ لاءِ هڪڙي اَن جي ڳوڙ ٻہ ڪنيم ۽ وڏو گاهہ جو سٽو ٻہ ڪنيم.

آڻ جيڪر خوشيءَ سان اتي جا ڏهہ- ٻارهن ماڻهو ٻہ ڪٽان هاڻ پر شهنشاهہ انهيءَ جي بلڪل اجازت نہ ڏني. منهنجن ڪيسن جي چگّي طرح تلاشي تہ ورتائون، پر مون کان قسم تي انجام ٻہ ورتائون تہ ماڻهن جي مرضيءَ ۽ خوشيءَ کان سواءِ ڪنهن کي ٻہ پاڙ سان نہ ڪٽندس.

انهيءَ طرح حتي الامڪان سڀ تياري ڪري، سن 1701ع جي سيپٽمبر مهيني جي چوويهين تاريخ صبح جو ڇهين بجي مهل سڙهہ چاڙهي، اتان روانو ٿيس. جڏهن اُتر ڏي اٽڪل ٻارهن ميل پنڌ ڪري ويس تڏهن هوا ڏکڙ اُپرندي جي ٽي، ۽ شام جو ڇهين بجي ڏاري اتر _ اولهندي پاسي ٽن ميلن جي پنڌ تي، هڪڙو ننڍو ٻيڙ ڏسڙ ۾ آيو، مون انهيءَ پاسي اڳيرو هلي ٻيڙ جي پنڻين پاسي لنگر ڪڍي لاٿو، جو انهيءَ پاسي ماڻهن جي وسندي ڏسڙ ۾ نڪي آئي.

تنهن ڪانپوءِ ماني ڪائي وجي سمهي پيس. پانيان ٿو تہ تمام ٿورو تہ ٻہ ڇهہ ڪلاڪ چگّي ننڍ ڪيم، ڇالاءِ جو جاڳڙ کان ٻہ ڪلاڪ پوءِ پرهہ ڦٽي،رات بلڪل صاف هئي. نڪو جهڙ هو. نڪو واءُ هو. سج اُپرئي کان اڳي ناشتو ڪاڌم. پوءِ واءُ سڙائو ڏسي، لنگر ڪڍي، اڳئين ڏينهن وانگر ساڳئي طرف ڏي ٻيڙي هلائڙ لڳس. ڪيسي ۾ ننڍڙو قطب نما هوم، انهيءَ مان طرفن جي خبر پئي لڌيم. ارادو هوم، تہ جي ٽي سگهيو تہ وان ڊيمس لئنڊ جي اُتر_ اُپرندي وارن ٻيڻن مان هڪڙي ڪي وجي پهچندس.

اهو سارو ڏينهن مون ڪي ڪي ٻہ ڪين ڏسڙ ۾ آيو، پر ٻئي ڏينهن ٽين بجي ڏاري جڏهن پنهنجي حساب موجب بليفسڪو کان ستر ڪن ميل ڪري آيو هوس، تڏهن پري کان هڪڙو سڙهہ ڏکڙ _ اُپرندي ڏي ويندو ڏٺم منهنجو رخ سر اُپرندي هو. مون سڙهہ واري جهاز کي هاڪاريو، پر جواب ڪونہ مليم، انهيءَ هوندي ٻہ ڏٺم تہ هوا جي گهٽ ٽيڙ ڪري، آڻ ويس انهيءَ کي ويجهو پوندو. جيترو مون کان ٿي سگهيو، اوترو وڌڙ لاءِ زور لاٿم. اڌ ڪلاڪ ڪن کان پوءِ هن مون کي ڏٺو، ۽ هڪڙي

توف چوڑيائين. انهيءَ تي مون کي جيڪا خوشي ٿي سا ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي، جو آسرو ٿيم تہ وري بہ هڪڑو پيرو پنهنجو پيارو وطن ڏسندس ۽ پنهنجن پيارن کي ملندس، جي چڏي آيو هوس.

جهاز پنهنجا سڙهه ڏيرا ڪيا ۽ آڏ سيپٽمبر جي 26- تاريخ شام جو 5 ۽ 6 بجي جي وچ ۾ وجي انهيءَ کي پهتس. انهيءَ تي انگلينڊ جون بيرقون ڏسي منهنجي دل ٽپا ڏيڻ لڳي. مون پنهنجو ڳئون ۽ ريڍون ڪٽي وڏي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌيون، ۽ پنهنجو ٻيو سامان ڪٽي جهاز تي چڙهي آيس.

پوءِ جيڪو سفر ڪيم، تنهن جي بيان ڪرڻ سان آڏ پڙهندڙن کي تڪليف نہ ڏيندس. گهڻو ڪري تڪليف ڪانہ ٿي، ۽ سن 1702ع جي اپريل مهيني جي 13- تاريخ آڏ ڊائونس ۾ پهتس.

پاڻو ٻيو
برابدنگ نئگ ڏي درياهي مسافري

باب پهريون
ڪيئن گليور عجب جهڙن ماڻهن جي وچ ۾ وڃي پوي ٿو

موٽي اچڻ ڪان ٻه مهينا پوءِ، منهنجي قسمت ۾ منهنجي طبيعت وري مون کي ڪنيو ته هلي محنت ۽ بي آراميءَ جي زندگي گذاريان، تنهنڪري مون وري ٻه پنهنجو وطن ڇڏيو ۽ مزي جهڙي جهاز"ائڊوينچر" نالي ۾ چڙهي روانو ٿيس، جو سورت بندر ڏي وڃڻو هو، "ڪيپ آف گڊ هوپ" تائين ته سفر ڏاڍو سٺائو هو. اتي لهي تازو پاڻي ڪنيوسين، پر جهاز جي تري ۾ هڪڙي سير معلوم ٿي، تنهنڪري سامان لاهي وڏوسين، ۽سيارو اتي گذاريوسين. ڪپتان بيمار ٿي پيو، تنهنڪري مارچ جي پڇاڙيءَ ڪان اڳي اسين ڪيپ مان روانا ٿي نه سگهياسين.

تنهن ڪان پوءِ اسين ستڙهه سنوان ڪري سمنڊ تي نڪتاسين، ۽ جيسين مڊا گاسڪر جو ڪچ سمنڊ لنگهياسين تيسين تمام چڱي مسافري ڪئيسين، پر جڏهن انهيءَ ٻيٽ جي اتر ڏي ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ جي پنجن درجن تي آياسين، تڏهن اپريل جي 19- تاريخ واءُ ڏاڍي زور سان لڳو ۽ ڦري اُلهندي جو ٽيڙ لڳو، نه ته هميشه انهن سمنڊن ۾ ڊسمبر جي شروع ڪان ونڊ مئي جي شروع تائين اُتر ۽ اُلهندي جي وچ جو واءُ هڪجهڙو لڳندو آهي. اهو سخت واءُ ويهه ڏينهن ساندهه پئي لڳو، پوءِ ڦري اُلهندي ۽ ڏکڻ-الهندي ڪنڊ جو ٽيو، ته ٻه اجا زور وارو پئي لڳو.

انهيءَ طوفان ۾، منهنجي حساب موجب، اسين ڏکجي اٽڪل ڏيڍ هزار ميل اُيرندي ڏي وياسين، جهاز تي جيڪو جهونو ۽ آزموده گار خلاصي هو، سو ٻه ڪين چئي ٿي سگهيو ته اسين دنيا جي ڪهڙي پاڳي ۾ آهيون.

سن 1703ع جي جون مهيني جي 14- تاريخ هڪڙي ڇوڪر ڪوهي تي چڙهي زمين ڏٺي، جڏهن اتي پهتاسين، تڏهن نڪا ندي ڏٺيسين، نڪو چشمو، نڪو ڪن رهندڙن ماڻهن جو نشانو ڏٺوسين، تنهن ڪري اسان جا ماڻهو سمنڊ جي ويجهو تازي پاڻي ڳولي لهڻ لاءِ ڪناري تي گهمڻ لڳا. آڻڻ وري ٻئي پاسي پنهنجي منهن ميل ڪن پنڌ جو ڪري ويس، چوڌاري سُج لڳي پيئي هئي، زمين جبلائتي هئي، جڏهن ٻي ڪابه نئين شيءِ ڏسڻ ۾ نه آئي، ۽ آڻڻ ٻه هلي هلي ٽڪس، تڏهن آهستي آهستي سمنڊ

جي ڦاٽ ڏي موٽيس. سامهون سمنڊ پئي ڏٺو. اوچتو ڏسان تہ اسان جا سپ ماڻهو ٻڌندا بتيلن ۾ چڙهي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ جهاز ۾ پيا وجن.

مون گهڻا ئي سڏ ڪيا پر هنن نہ ٻڌا. اوچتو ڏٺم تہ هڪڙو وڏو جانور سندس پنڌيان سمنڊ ۾ تکو ڪاهيندو ٿو وڃي. گوڏن تائين پاڻيءَ ۾ وڏيون ٻرانگهون پريندو ويو، پر اسان جا ماڻهو هن کان ڏيڍ ميل _ ٻہ ميل اڳي هئا. اتي سمنڊ ۾ ٽِکين چوٽين وارا ٽڪر گهڻا هئا، تنهن ڪري اهو راڪاس جهاز تائين پهچي نہ سگهيو.

اها ڳالهہ مون ٻڌي، ڇالاءِ جو آڻڻ انهن کي ڏسڻ جي لاءِ اتي وڌيڪ ترسي نہ سگهيس. پر جنهن رستي سان آيو هوس، تنهن سان تمام ٽِکو ڊوڙيس، ۽ پوءِ هڪڙي اُپ _ ڪپري ٽڪريءَ تي چڙهي آسپاس ملڪ نهارڻ لڳس. ڏٺم تہ چوڌاري آبادي ٽيل آهي، پر اتي جو گاهہ ڏسي مون کي پريندي حيراني لڳي ويئي، جو اهو اٽڪل ويهہ فوٽ ڊگهو هو.

آڻڻ هڪڙي وڏي سڙڪ تي اچي پيس، مگر حقيقت ڪري اهو اتي جي رهاڪن لاءِ فقط هڪڙو پيچرو هو، اهو جَوَن جي ٻنيءَ ڏي ٽي ويو. انهيءَ سان گڇ پنڌ تائين هليس، پر ٻنهي پاسي ڪي ٻہ ڏسي نہ سگهيس، ڇالاءِ جو فصل تيار هو ۽ اَن جي پوک تمام ٿورو تہ ٻہ چاليهہ فوٽ وڏي هئي. انهيءَ ٻنيءَ جي پڇاڙيءَ تائين وڃڻ ۾ ٻہ مون کي ڪلاڪ لڳي ويو، جيڪو لوڙهو انهيءَ کي چوڌاري آيل هو، سو ٻہ اٽڪل سوا سوء فوٽ وڏو هو، وڻ تہ ايڏا وڏا هئا، جو آڻڻ انهيءَ جي اوچائي معلوم ڪري نہ سگهيس.

انهيءَ ٻنيءَ کان ٻيءَ لاڳتي ٻنيءَ ۾ وڃڻ لاءِ وچ ۾ هڪڙو وڏو پهڻ لنگهي، انهي بند جهڙي ٻني جي چوٽيءَ تي ماڻهو وڃي ٽي سگهيو. انهيءَ بند تي چڙهڻ منهنجي لاءِ مشڪل هو، ڇالاءِ جو هر هڪ ڏاڪو ڏهہ فوٽ مٿي هو ۽ مٿيون پهڻ اٽڪل ويهہ فوٽ اوچو هو. مون مٿو پئي هنيو تہ انهيءَ لوڙهي ۾ ڪو ڳڙڪو يا وٽي هجي تہ انهيءَ مان لنگهي وڃان، تہ اوچتو هڪڙو ماڻهو، اتي جو رهاڪو، پاسي واريءَ ٻنيءَ ۾ ڏٺم، جو بند ڏي ٽي آيو. ايڏو وڏو هو، جهڙو اهو، جو سمنڊ ۾ اسان جي جهاز جي پنڌيان پيو هو.

اهو ديول جي مناري جيڏو ڊگهو هو، ۽ هر هڪ ٻرانگهہ اٽڪل ڏهن ياردن جي هيس، انهيءَ کي ڏسي مون کي ڏاڍو ڊپ ۽ عجب لڳو، ۽ پاڻ کي ان جي پوک ۾ لڪائڻ لاءِ انهيءَ پاسي ڀڳس. اتان لڪي ڏٺم تہ هو بند تي چڙهي سڄي هٿ پاسي واريءَ ٻنيءَ ڏي مُڙي پيو نهاري، هن اهڙي وڏي آواز سان سڏ ڪيو جو بگل جي آواز کان گهڻو ڳرو هو. پر انهيءَ جو پڙلاءُ هوا ۾ ايڏو وڏو ٿيو جو مون سمجهيو تہ

اُپ ٿو گجي. انهيءَ آواز تي هن جهڙا ست ٻيا راکاس وٽس اچي نڪتا. هٿن ۾ ڏانڊا هئن. هر هڪ ڏانڊو اسان جن ڇهن ڏانڊن جيڏو هو.

انهن پوين ماڻهن کي هن پهرئين ماڻهوءَ جهڙا ڪپڙا نه هئا. اهي هن پهرئين جا نوڪر يا پورهيت ٿي ڏٺا، ڇالاءِ جو هن جي ڪي ڳالهائڻ تي هو وري اتي اَن لٽڻ لڳا، جتي آءٌ لڪو وينو هوس. مون کان جيترو ٿي سگهيو اوترو هنن کان پري رهيس، مگر وڏيل ڪانا جي ڪٽي ڪٽي هڪ فوٽ کان پري نه هئا، تن جي وچان آءٌ پاڻ کي ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان لنگهائي ٿي سگهيس. انهيءَ هوندي ب مون اڳتي وڌڻ لاءِ زور لاتو، نيٺ ٻنيءَ ۾ انهيءَ هنڌ آيس، جتي مينهن ۽ واءُ جي ڪري اَن جا ڪانا ڪِري ستا ٿي پيا هئا. اتي ت هڪڙي وک ب کڻي نٿي سگهيس. جو ڪانا اهڙا پاڻ ۾ ڳنڍيا پيا هئا، جو آءٌ انهن منجهان سِري نڪري نٿي سگهيس، ۽ جَوَن جي ڪِريلن سنگن جا بُج اهڙا سخت ۽ ڇهنبيارا هئا، جو منهنجن ڪپڙن مان لنگهي بت ۾ پئي چُڀيا.

ساڳئي وقت ۾ مون لٽڻ وارن جو آواز پئي ٻڌو، جي منهنجي پٺيان سوءِ ياردن کان پري نه هئا. آءٌ ڏاڍو ٽڪجي پيو هوس. ۽ نهايت ڏکارو ۽ نااميد ٿي ٻن ٻنن جي وچ ۾ ليٽي پيس، ۽ اها دعا پئي ڪيم ت اتي منهنجا ڏينهن پورا ٿين. جاتم ت ويچاري بيوهه زال ۽ يتيم ٻار الائجي ڪيئن ڪندا، دل ۾ چيم ت ڏاڍي بي عقلي ۽ اُبهرائي ڪيم، جو پنهنجن سيني دوستن ۽ مائٽن جي مرضيءَ جي برخلاف هن ٻيءَ مسافري تي نڪتس!

اهڙي غمگيني ۽ ملولائيءَ جي حالت ۾ مون کي لِليپٽ ياد پيو، جتي جا ماڻهو مون کي دنيا ۾ هڪڙو نهايت عجيب مخلوق سمجهندا هئا ۽ جتي آءٌ هنن جا سپ جنگي جهاز هٿ سان چڪي ونندو هوس ۽ اهڙا ٻيا ڪم ڪندو هوس، جي انهيءَ بادشاهت جي تاريخ ۾ هميشہ قائم رهندا. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيڻ لڳو ت هن قوم ۾ آءٌ اهڙو ننڍڙو شمار ۾ اچان ٿو جهڙو لِليپٽ جو هڪڙو ماڻهو، جيڪو اسان وٽ شمار ۾ اچي.

مون جاتو ت منهنجي لاءِ اها ڳالهہ تمام ڳري مصيبت بڻجي ويئي هئي، ڇالاءِ ت جيئن انسان قد جي نظر تي زياده جهنگلي ۽ ظالم ٿيندا آهن، تيئن پڪ هيم ت هنن ديون يا راکاسن مان جيڪو پريندي مون کي پڪڑيندو، سو مون کي هڪڙو گرنهہ مس ڪندو.

مون کي اهڙو ڊپ هو، جو اهڙا خيال گهڻي تائين ڪري نه سگهيس، اوچتو لٽڻ وارن سان هڪڙو منهنجي لِڪڻ واريءَ جاءِ جي ڏهن ياردن اندر ويجهو آيو. مون

کي اهو ڊپ ٿيو ته جي ٻيو قدم کنيائين ته آءٌ سندس پير هينان چپجي مري پوندس. سندس ڏانڪي سان وڍجي ٻه اڌ ٿي پوندس. تنهنکري وري جڏهن چرڀ جي کيائين، تڏهن ڊپ کان مون ڏاڍي رڙ ڪئي. تڏهن هن ديو پنهنجو قدم کڻي ننڍو کيو ۽ ڪچ تائين پنهنجي هينان نهاري نهاري نيٺ مون کي ستل ڏنائين.

هن ٿوري تائين خيال کيو، جيئن ته کو کنهن کيئن يا جيت وڃندي سنڀال ڪري، ته متان رهندو پائي يا چَڪ هڻي. نيٺ هن مون کي پنيان چيلهه کان چپڪيءَ سان کنيو ۽ اکين کان ٽن ياردن تي آندائين ته منهنجي شڪل چتائي ڏني. مون هن جو مطلب سمجهيو، خوش قسمتيءَ جي ڪري مون کي انهيءَ مهل اهڙيءَ همت آئي، جو مون ارادو کيو ته جيئن هو مون کي هوا ۾ کنيو ٻينو هو، تيئن ڏرو ٻه نه چران ته متان هن جي آڱرين مان ترکي ڪِري پوان، جيتوٽيڪ هن جي چپڪيءَ جي زور ڪري منهنجا پاسا پئي ڏکيا.

مون رڳو ايترو کيو، جو اکيون کڻي سج ڏي کيم، ۽ هٿ ٻڌي ڏاڍي ڏکاري آواز سان پنهنجي حال وٽان کو عرض کيم، ڇالاءِ جو مون کي ڊپ هو ته اجهو ٿو مون کي زمين تي اُڇلائي، جيئن اسين کنهن ڪرهت جهڙي ڪِئين کي ناس ڪرڀ جي ارادي سان ڪندا آهيون، پر منهنجا نصيب چڱا هئا، جو هن کي منهنجو آواز ۽ منهنجا اشارا وڻي ويا ۽ هو مون کي عجب جهڙو جيت سمجهڻ لڳو، ۽ منهنجي ڳالهائڻ تي حيرت لڳيس، جيتوٽيڪ هو سمجهي نه سگهيو.

انهيءَ وچ ۾ آءٌ سڏڪن پرڀ ۽ هنجن هارڀ کان رهي نه سگهيس ۽ مٿو پاسن ڏي لاڙيم ته هن کي خبر پوي ته سندس آڳوني ۽ آڳر جي زور ڪري مون کي ايذاءُ ٿو رسي. پانئجي ٿو ته هن منهنجو مطلب پروڙيو، ڇالاءِ جو پنهنجي ڪوٽ جو پلئو کڻي، مون کي آهستي لاهي، انهيءَ تي رکيائين، ۽ هڪدم ڊوڙي پنهنجي ڏڻيءَ وٽ ويو، جو زميندار هو، ۽ اُهو ساڳيو شخص هو، جنهن کي مون پريندي ٻنيءَ ۾ ڏٺو هو.

هنن جي ڳالهائڻ مان مون سمجهيو ته زميندار پنهنجي نوکر جو بيان ٻڌي هڪڙو ڪک کنيو، جو لٽ جيڏو هو، ۽ انهيءَ سان منهنجي ڪوٽ جا پلئو کڻي ڏنائين. پانيائين ته اهو ٻه کو منهنجي بت جو قدرتي پوش آهي. هن ڦوڪون ڏيئي منهنجا وارا پاسي کيا انهيءَ لاءِ ته منهنجو منهن چتائي ڏسي. هن پنهنجي ماڻهن کي پاڻ وٽ سڏي پڇيو ته "اوهان کو هن جهڙو جيت هنن ٻيٽن ۾ ڪڏهن ڏٺو؟"

پوءِ هن مون کي آرام سان زمين تي کڻي اونڌو رکيو، پر آءٌ جهٽ ۾ اٿي بينس، ۽ آهستي هيڏي هوڏي هلڻ لڳس، ته پلي هنن کي خبر پوي ته آءٌ پڄڻ وارو

ناهيان. هو سڀ چوڌاري مون کي حلقو هڻي ويهي رهيا، انهيءَ لاءِ ته چتائي ڏسن ته آڻُ چا ٿو ڪريان. مون پنهنجي ٽوپي لاهي ڪنڌ جهڪائي زميندار کي سلام ڪيو، ۽ گوڏن پر ويهي ۽ اکيون مٿي ڪري تمام وڏي سڏڪي سان ڳالهايم ۽ پنهنجي ڪيسي مان سون جي مهرن جو ٻٽئون ڪڍي نياز سان نذرانو ڪري هن جي اڳيان رکيم.

هن اهو پنهنجي تريءَ تي ورتو ۽ اکين جي اڳيان جهلي ڏنائين ته ڪهڙي شيءِ آهي، پوءِ پنهنجي آستين مان هڪڙي ٽاچڻي ڪڍي انهيءَ سان ڪيترائي پيرا انهيءَ کي اُٿلايائين، پر سجاڻي نه سگهيو ته چا آهي. تڏهن مون اشاري سان چيس ته پنهنجو هٿ زمين تي رکي. هن ائين ڪيو، ۽ مون ٻٽئونءَ مان سڀ مهرون هن جي تريءَ ۾ هاري وڌيون. ڇهه اسپين جون مهرون ۽ ويهه يا ٽيهه ٻيا ننڍا سِڪا هئا. مون ڏنو ته هن پنهنجي چيچ جي چوٽي زمين تي پڄائي هڪڙي مهر ڪڍي ورتي، پوءِ وري بي ڪنيائين، پر ائين پئي معلوم ٿيو ته هن کي خبر نه پئي پئي ته اهي چا آهن. هن مون کي اشارو ڪري چيو ته "اهي وري ٻٽونءَ ۾ وجهه." انهيءَ ڪري ٻٽون وري پنهنجي ڪيسي ۾ وڌم، جو هن کي اهو ڪيترائي پيرا آڇيم پر هن ونڍ جو خيال نه ڏيکاريو.

ايتري مان زميندار کي پڪ ٿي ته آڻُ سمجهه وارو جانور آهيان. هن گهڻائي پيرا مون سان ڳالهايو. پر هن جو آواز پاڻيءَ جي چڪيءَ جي آواز وانگي منهجن ڪنن کي چيريندو ويو. انهيءَ هوندي به هن جا لفظ چٽا ٻڌڻ ۾ آيا. مون ڪيترن ئي ٻولين ۾ وڏي آواز سان جواب ڏنو ۽ هن ذري ذري پنهنجو ڪن لائي، مون کي ٻن ياردن تي آڻي ٿي جهليو، پر اسين هڪٻئي جو مطلب اصلي سمجهي نه سگهياسين.

تنهن کانپوءِ هن پنهنجن نوڪرن کي پنهنجي ڪم تي موڪليو، ۽ ڪيسي مان رومال ڪڍي ٻيٽو ڪري پنهنجي ڪٻي هٿ تي ڪٽي وڇايائين، ۽ هٿ ڪٽي پنيرو زمين تي رکيائين، ۽ اشاري سان مون کي تريءَ تي ويهڻ لاءِ چيائين. هٿ فوٽ ڪن ٽُلهو هو، تنهنڪري آڻُ آساني سان ٽپ ڏيئي انهيءَ تي چڙهي وينس. مون حڪم مڃڻ فرض سمجهيو، ۽ ڪرڻ جي ڊپ ڪان سنئون ٿي رومال تي سمهي پيس. رومال جي باقي پاڳي سان هن وري مون کي مٿي تائين ڍڪي ڇڏيو، ته زياده سلامتي هجي. انهيءَ حال ۾ هو مون کي ڪٽي پنهنجي گهر هليو.

اتي هلي هن پنهنجي زال کي سڏيو، ۽ انهيءَ کي ڪپڙو لاهي منهنجي شڪل ڏيکاريائين. پر هوءَ دانهن ڪري پنتي پڳي، جيئن انگلينڊ ۾ زالون ڏيڏر يا ڪوريئڙي ڏسڻ تي ڪنديون آهن. انهيءَ هوندي به جڏهن هن منهنجي هلت چلت ڏني، ۽ ڏنائين ته آڻُ ڪيئن سندس مڙس جا اشارا سمجهان ٿو، تڏهن جلد ئي هوءَ خوش ٿي ۽ درجي بدرجي مون تي تمام مهربان ٿيڻ لڳي.

ٻنپهرن جو، هڪڙو نوڪر ماني کڻي آيو. سادي طعام جي فقط هڪڙي رکابي هئي، جهڙو هاري ماڻهو کائيندا آهن. اها رکابي چوويهه فوٽ قطر ۾ هئي. زميندار، سندس زال، ٽي ٻار ۽ هڪڙي سندن نانيِ سيئي گڏجي اُها کائڻ وينا: زميندار مون کي ميز تي ٽورو پرپرو کڻي رکيو، جو اها زمين کان ٽيهه فوٽ مٿي هئي.

مون کي ڏاڍو ڊپ هو، ۽ ميز جي ڪناري کان جيترو اندر پرو ٽي سگهيو اوترو رڙهي وينس، ته متان ڪِري پوان. زال گوشت جو هڪڙو ٽڪر وڍي ذرا ذرا ڪري، انهيءَ ۾ ماني ٽُڪر پوري، مانيءَ جي تختيءَ تي رکي، منهنجي اڳيان رکيو. مون نِوڙي ڪيس سلام ڪري پنهنجي ڇُري ۽ ڪانٽو ڪڍيو ۽ کائڻ لڳس. اهو ڏسي هنن کي ڏاڍو مزو لڳو. زال پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي پاڻيءَ جي ننڍڙي پيالي آڻڻ لاءِ چيو. اها ٻن گئلن جي ماپ هئي. انهيءَ ۾ هن شراب وڌو.

مون ڏاڍيءَ مشڪلات سان اُهو پيالو ٻنهي هٿن ۾ ڪنيو. ڏاڍي ادب ۽ تعظيم سان انهيءَ مائيءَ کي تندرستيءَ جي دعا ڪري پي ويس. جيڪي چيم سو انگريزيءَ ۾ چيم ۽ وڏي آواز سان چيم، تنهن تي هو اهڙا ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا، جو منهنجا ڪن ٻوڙا ٿيو پئي ويا. شراب سواد ۾ صوفن مان نڪتل شراب جهڙو هو ۽ خراب ڪين ٿي لڳو. تنهن کانپوءِ زميندار مون کي پنهنجي رکابيءَ جي پاسي وٽ اڇڻ لاءِ چيو. آڻڻ حيرانيءَ مان ميز تان پنڌ ڪندو ٿي آيس، ته رستي ۾ مانيءَ جي هڪڙي پور تي آڙڄي پيس ۽ منهن پر وجي ڦهڪو ڪيم، پر ايذاءُ ڪونہ پهتم.

آڻڻ هڪدم ٽپ ڏيئي اٽيس، ميز تي وينل ماڻهن کي مون تي قياس آيو، تنهنڪري مون سندن تعظيم لاءِ پنهنجي ٽوپي لاهي ڪڇ ۾ ڪئي ۽ مٿي جي مٿان ڦيرائي ٿي پيرا خوشيءَ جو نعرو هنيم، انهيءَ لاءِ ته ڏيڪاريان ته ڪِرڻ ڪري مون کي ڪو ايذاءُ نہ آيو آهي. پوءِ آڻڻ زميندار وٽ هلي ويس، جنهن کي اڳتي آڻڻ "پنهنجو ڏٽي" سڏيندس. سندس ننڍڙو پٽ، جو سندس پاسي ۾ وينل هو ۽ فقط ڏهن ورهين جو ڇوڪر هو، تنهن مون کي ٽنگن کان ونيِ ڪنيو ۽ هوا ۾ ايترو مٿي کڻي جهليائين، جو منهنجو عضوو عضوو پئي ڏڪيو. پر پٽس سندس هٿن مان مون کي کڻي ورتو، ۽ هن کي ڪٻي ڪَن تي اهڙو گهوشو هنيائين جو جيڪر يورپي گهوڙن جي لشکر کي زمين تي ڪيرائي وجهي ها. پوءِ حڪم ڏنائين ته مون کي ميز تان ونيِ وجن.

مون کي ڊپ ٿيو ته متان اهو ڇوڪر مون سان ويڑ رکي، ۽ خبر هيم ته اسان جا ڇوڪر جهڙڪين،سَهن ۽ ڪُتن جي پلونگلڙن کي حرڪت ڪري ڪيترو نہ ايذاءُ پهچائيندا آهن، تنهنڪري گوڏن پر ويهي اشارن سان عرض ڪيم ته آڻڻ سندس پٽ کان معافي ونڻ ٿو گهران، پيءَ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ ڇوڪر وري پنهنجيءَ جاءِ تي

ويهي رهيو. مون وڃي سندس هٿ چميو. پٽس اهو هٿ وني انهيءَ سان آهستي منهنجا پُنا نپرايا.

ماني کائيندي منهنجي ڏياڻيءَ جي هريل ٻلي ٽپ ڏيئي سندس جهوليءَ ۾ ويهي رهي. انهيءَ وقت مون کي پنيان اهڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جهڙو ڏهه ـ ٻارهن جوراب اُٽندڙ ڪلن سان ڪندا آهن. جڏهن مٿو ورائي ڏنم، تڏهن معلوم ٿيو ته ٻلي ٿي اهو پيار جو آواز ڪري. ٻلي به قد ۾ ٽن ڏڪن جيڏي هئي، جو انهيءَ جي مٿي ۽ چنبن مان مون کي ائين پئي معلوم ٿيو. سندس ڏياڻيءَ کيس وينيِ کارايو ۽ نپريو به ٻليءَ جي خوفناڪ شڪل ته مون کي ڏيڃاري ڇڏيو، جيتوٽيڪ آءٌ ميز جي پرانهينءَ ڪنڊ تي هوس ۽ اٽڪل پنجاهه فوٽ پري هوس. جيتوٽيڪ مائي ان کي جهليو وينيِ هئي، مون کي پنهنجن چنبن ۾ جهلي پر حقيقت ڪري ڪوبه ڊپ جو سبب ڪونه هو، ڇا لاءِ جو ٻليءَ مون ڏي ڪوبه خيال ڪونه ڪيو ۽ منهنجي ڏاڙيءَ مون کي انهيءَ کان ٽن يارڊن جي اندر ڪٽي رکيو.

مون به پنهنجو ڊپ ظاهر نه ڪيو، جو هميشه ٻڌو هوم ۽ سفر ڪندي آزمودي مان معلوم ڪيو هوم ته ڪنهن خوفناڪ جانور جي اڳيان ڀڄڻ يا ڊپ ڏيکارڻ ڪري اهو پنيان ڪاهي پوندو آهي. آءٌ همت جهلي ٻليءَ جي بنهه مٿي جي اڳيان پنج ـ ڇهه ڀيرا هليس ۽ ڪيس اڏ يارڊ تي به ويڃهو ويس... ته هوءَ هٿي پنتي ٿي، ڇڙ ته مون کان ڊڃي ٿي. ٿي ـ چار ڪتا به اندر جاءِ ۾ گهڙي آيا، جي اڪثر زميندارن جي گهرن ۾ ٿيندا آهن، پر انهن جو مون کي اهڙو ڊپ نه ٿيو. هڪڙو ته وڏو چئن هاٿين جي قد جيڏو ۽ ٻيو انهيءَ کان ڊگهو هو. ليڪن وڏو نه هو.

جڏهن ماني بس ٿيڙ تي آئي، تڏهن دائي هڪڙو نندڙو ورهيه ڪن جو ٻار ڪچ تي ڪڍي آئي. انهيءَ مون کي ڏسي هڪدم رڙ ڪئي، جو پانيائين ته آءٌ ڪا راند جي شيءِ آهيان، سا ونيِ ـ جيئن اڪثر نندڙا ٻار ڪندا آهن. اها رڙ هئي، جا "لنڊن جي پُل" کان ونيِ "چيلسيءَ" تائين جيڪر ٻڌڻ ۾ اچي. ماڻهن مون کي ڪڍي هن جي اڳيان رکيو ۽ هن هڪدم ڪڍي مون کي چيلهه کان ورتو ۽ مٿو ڪڍي وات ۾ وڌائين. تنهن تي مون هاءَ ڪاٽيون اهڙيون دانهون ڪيون، جو ٻارڙو ڊڃي ويو ۽ مون کي ڪڍي ڇڏيائين. جي ماڻس اڳ جي ڪپڙي سان مون کي نه جهلي ونيِ ها، ته منهنجو ڪنڊ ئي ڀڃي پوي ها. دائي ٻار کي ماڻ ڪرائڻ لاءِ هڪڙو جهنجهڻو ڪڙڪايو، جو هڪڙو پورو ٽاڻُ وڏن پهڻن سان ڀريل هو ۽ هڪڙو وڏو نوڙ، جنهن جو هڪڙو پاسو انهيءَ ۾ ٻڏل هو، تنهن جو ٻيو پاسو ٻار جي چيلهه سان ٻڌو پيو هو.

جڏهن ماني پوري ٿيڻ تي آئي، تڏهن منهنجو ڏٽي ٻاهر نڪري مزدورن ڏي ويو، ۽ سندس آواز اشارن مان معلوم ڪيم تہ زال کي منهنجي نظرداريءَ جو سخت تاکيد ڪيائين. آڻٌ ڏاڍو ٿڪو هوس ۽ ننڊ تي آيم. منهنجي ڏياڻيءَ اهو حال ڏسي، مون کي پنهنجي هنڌ تي کٽي رکيو ۽ هڪڙو صاف اڇو رومال منهنجي مٿان وجهي ڇڏيائين، پر اهو اسان جي مڪيہ سڙهہ کان بہ وڏو ۽ ٽلهو هو.

آڻٌ اٽڪل ٻہ ڪلاڪ ستو پيو هوس ۽ خواب پئي لڏم تہ گهر پنهنجي زال ۽ ٻارن سان وينو آهيان. جڏهن جاڳيس، تڏهن انهيءَ ڪري ڏک ٿيم، جو پاڻ کي هيڏيءَ ساريءَ جاءِ ۾ اڪيلو ڏٺم، جا ٻہ _ ٽي سوء ياردِ ڪشادي ۽ ٻہ سوء ياردِ مٿي هئي، رڳو هنڌ تي ويهہ ياردِ ويڪرو هو. منهنجي ڏياڻي گهر جي ڪم ڪار پنيان ويئي هئي ۽ مون کي جاءِ ۾ ڪلف ڏيئي بند ڪري ويئي هئي. هنڌ زمين کان اَٺ ياردِ مٿي هو. آڻٌ هنڌ ۾ پيو هوس تہ ٻہ ڪُڻا پردن مان سري چڙهي آيا ۽ سنگهندا هيڏي هوڏي هنڌ تي ڊوڙڻ لڳا.

انهن مان هڪڙو تہ منهنجي منهن وٽ آيو ۽ آڻٌ ڊپ کان ٽِپ ڏيئي اٽيس. اهي خوفناڪ جانور مون تي ٻنهي پاسن کان ڪاهي آيا، ۽ هڪڙي تہ پنهنجا اڳيان پير منهنجي ڳچيءَ تي آڻي رکيا، پر آڻٌ چڱي نصيب وارو هوس جو هٿي ماري رکيومانس ۽ هو مون کي ڪو نقصان پهچائي نہ سگهيو. هو منهنجن پيرن وٽ ڪِري پيو، ۽ ٻيو پنهنجي سنگتيءَ جو حال ڏسي اُٿي ڀڳو، پر ڀڃندي ٻہ پٺن تي اهڙو ڏڪ هنيو مانس جو رت ٽمائيندو هليو ويو.

انهيءَ ڪانپوءِ ساهہ ڪٽڻ ۽ سامت ۾ اچڻ لاءِ هنڌ تي ويهي پسار ڪرڻ لڳس، اهي ڪُڻا قد ۾ وڏي ڪُتي جيڏا هئا، مگر انهن کان زياده چالاڪ ۽ خوفناڪ هئا. جيڪڏهن آڻٌ پٽو لاهي سمهي پوان ها، تہ جيڪر مون کي ڦاڙي ٽُڪر ڪري ڳڙڪائي وڃن ها. مُئل ڪُئي جو پُڇ مون ماپيو تہ ٻہ ياردِ ڊگهو ٿيو، فقط هڪڙو انچ گهٽ ٿيو، اهو مون هنڌ تان ڇڪي اڇلائي ڇڏڻ نہ گهريو، اتي ئي پيو هو ۽ رت پئي وهيس. مون ڏٺو تہ اجا ساهہ اٽس، تنهنڪري ڳچيءَ تي زور سان ڏڪ هٿي اصل ماري ڇڏيومانس.

سگهوئي پوءِ منهنجي ڏياڻي جاءِ ۾ آئي ۽ مون کي رت ۾ پريل ڏسي ڊوڙي اچي پنهنجي هٿ ۾ کنيائين. مون ڪِلي مُئل ڪُئي ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ٻين اشارن سان سمجهايومانس تہ مون کي ايذاءُ نہ پهتو آهي. تنهن تي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي، نوڪرياڻيءَ کي سڏي چيائين تہ مئل ڪُئو چمٽي سان ڪٽي، دريءَ کان ٻاهر اڇلائي

چڏ.“ پوءِ پاڻ مون کي ڪٽي ميز تي رکيائين. جتي مون هن کي پنهنجي ترار رت سان پريل ڏيکاري، ۽ پنهنجي ڪوٽ جي دامن سان اُگهي وري ڪُپ ۾ وجهي چڏيم.

باب ٻيو

گليور جي ڪري زميندار کي بخت لڳي ٿو

منهنجي ڏياڻيءَ کي نون ورهين جي ڏيءُ هئي، جا پنهنجي عمر جي ڪري ڏاڍن گڻن واري هئي، ۽ سئيءَ جي ڪم ۾ هوشيار هئي ۽ ننڍڙي ٻار جي ڪپڑن ڏيکائڻ ۾ چالاڪ هئي. انهيءَ ٻارڙي جو پينگهو انهيءَ چوڪري ۽ سندس ماءُ منهنجي رات جي سمهڻ لاءِ ناهي تيار ڪري ڇڏيو. پينگهو ڪٻٽ جي هڪڙي خاني ۾ ڪٽي رکيائيون، ۽ اهو خانو هڪڙي لڙکندڙ جاري تي رکيائون، انهيءَ ڊپ کان تہ متان مون کي ڪا نقصان پهچائين. جيسين آءٌ انهن ماڻهن وٽ هوس، تيسين اهو منهنجو هنڊ هو، جيتوڻيڪ وقت بوقت جيئن جيئن آءٌ هنن جي ٻولي سکندو ويس ۽ منهنجي گهرجن جي هنن کي خبر پوندي ويئي، تيئن تيئن هو انهيءَ کي سڌارينڊا زياده آسائش جهڙو ڪندا ويا.

اها چوڪري ٻولي سيکارڻ لاءِ منهنجي استاد ۽ ماسترياڻي هئي. جڏهن آءٌ ڪا شيءِ ڏيکارينڊو هو سانس، تڏهن هو انهيءَ جو نالو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٻڌائيندي هئي. انهيءَ طرح ٿورن ئي ڏينهن ۾ جيڪي وٽندو هو، سو گهري ونی سگهندو هوس. هوءَ ڏاڍي چڱي طبيعت جي هوندي هئي، ۽ عمر جي ننڍائيءَ ڪري قد ۾ چاليهن فوٽن کان مٿي نہ هوندي هئي. هن مون کي مئنيڪن جو نالو ڏنو، يعنيٰ "ننڍڙو ماڻهو". هن ئي جي ڪري آءٌ انهيءَ ملڪ ۾ صحيح سلامت رهي سگهيس، ۽ جيسين اتي هوس تيسين هن کان ڏار نہ ٿيس. آءٌ هن کي "گلمدال ڪلچ" يعنيٰ "ننڍڙي دائي" سڏيندو هوس، جيڪا محبت هوءَ مون کي ڏيکارينڊي هئي، ۽ جنهن جي عيوض ڏيڻ لاءِ وس پڄندي منهنجي دلي خواهش هوندي هئيم تنهن جو آءٌ تعريف جهڙو ذڪر نہ ڪريان، تہ جيڪر نااحسانمند ليڪجان، پر مون کي ڊپ آهي تہ ناحق منهنجي ڪري هن تي بي آبروئيءَ جهڙو الزام آيو.

اِتي آسپاس معلوم ٿيڻ لڳو تہ منهنجي ڏٺيءَ ٻنيءَ ۾ هڪڙو عجيب جانور لڏو آهي، جو شڪل ۾ بلڪل ماڻهوءَ جهڙو آهي ۽ انهيءَ وانگي هلي چلي ٿو. هو ڳالهائي ٻہ پنهنجي ننڍڙيءَ ٻوليءَ ۾ ٿو ۽ سندس کي لفظ ٻہ اڳي ياد ڪيا اٿس، هلي ٻن ٽنگن تي اچي ٿو، هريل ۽ نرم طبيعت وارو آهي. سڏ تي هليو اچي، جيڪي چئجيس ٿو سو ڪري ٿو. عضوا تمام چڱا اٿس ۽ منهن جو رنگ ڪنهن امير ماڻهوءَ جي ٽن ورهين جي ڏيءَ کان ٻہ وڌيڪ گورو اٿس.

ٻيو هڪڙو زميندار، جو نزديڪيءَ ۾ رهندو هو ۽ منهنجي ڏٺيءَ جو گهاٽو يار هو، سو ملاقات جي لاءِ آيو، خاص انهيءَ ڪم واسطي ته انهيءَ ڳالهه جي تحقيقات ڪري. هڪدم مون کي آڻي ميز تي رکيائون. اتي جيئن مون کي حڪم ڏنائون، تيئن هليس: پنهنجي ترار ڪڍيم، وري کپ ۾ وڌيم، مهمان کي سلام ڪيم، سندس ٻوليءَ ۾ خير عافيت پڇي مانس، ۽ جيئن منهنجي ننڍڙيءَ دائيءَ مون کي سيکاريو هو، تيئن چيومانس ته "پلي ڪري آيو."

اهوشخص جو ٻڌو ۽ ڪم نظر هو، تنهن مون کي چٽيءَ طرح ڏسڻ لاءِ عينڪ وڌي، تنهن تي آڻڻ ڏاڍو ڪِليس، ڇالاءِ جو هن جون اکيون اهڙيو پئي ڏسڻ ۾ آيون، جهڙيون چوڏهينءَ جو چنڊ جو ٻن درين کان جاءِ ۾ چمڪندو آهي. گهر جي ياتين، جو منهنجي کل ۽ خوشيءَ جو سبب معلوم ڪيو، سي ٻه مون سان ڪَڏ کلڻ لڳا، تنهن تي اهو ٻڌو بي عقلي ڪري ڪاوڙيو. هو ڏاڍو ڪنجوس مشهور هو، ۽ هو ٻه برابر اهڙو، ڇا لاءِ جو منهنجي بدنصيبي ڪري هن منهنجي ڏٺي کي صلاح ڏني ته پاسي وارو شهر، جو اسان جي گهر کان اٽڪل ٻاويهه ميل هو ۽ ڪلاڪ کن گهوڙي جو پنڌ هو ۽ جتي ميلو لڳڻو هو، اتي انهيءَ ڏينهن خلق جي اڳيان مون کي ڏيکاري پئسا گڏ ڪري.

مون کي شڪ پيو هو ڪا حرڪت ٿا ستين، جو منهنجي ڏٺيءَ ۽ سندس دوست ڳچ تائين سُس ڦُس ڪئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون ڏي ٻه پئي اشارا ڪيائون، ڊپ جي ڪري مون پانيو ته مون هنن جي ٻولي سمجهي هئي. پر پئي ڏينهن منهنجي ننڍڙي دائي، "گلمدال ڪلچ"، مون کي سڃي ڳالهه ٻڌائي، جا هن اٽڪل ڪري پنهنجي ماءُ کان پڇي هئي. ويچاريءَ مون کي ڪٽي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيو ۽ شرم ۽ ڏڪ کان روئڻ لڳي. هن کي اهو ڊپ هو ته عام خلق مون کي چپي ماري وجهندي، يا هٿن ۾ ڪٽي ڪو عضوو پيجي وجهندي.

هن کي اها خبر هئي ته آڻڻ طبيعت جي ڪري لڇارو آهيان ۽ پنهنجي عزت آبرو جي مون کي گهٽي ڳڻتي ٿي رهي ۽ تنهن ڪري پئسن جي لاءِ خسيس ماڻهن جي اڳيان تماشي جي واسطي رکجڻ مون کي پسند نه ايندو. هن چيو ته "منهنجي ماءُ ۽ پيءُ، انجام ڪيو آهي ته "هي ننڍڙو ماڻهو تنهنجو آهي." پر هاڻ آڻڻ ڏسان ٿي ته جيئن پَرسال مون سان نڱي ڪئي هئائون، تيئن هيل ٻه ڪرڻ ٿا گهرن. پرسال انجام ڪيائون ته هڪڙو ڇيلو توکي ڏينداسين، پر جڏهن اهو مڇي ٽلهو ٿيو، تڏهن ڪاسائيءَ کي وڪٽي ڏيئي ڇڏيائون."

پنهنجي لاءِ پڪ سان ٿو چوان تہ منهنجي دائيءَ کي ڳٽتي هئي، پر مون کي ڪاڻ هئي. مون کي پڪي اميد هئي تہ هڪڙي ڏينهن آڻ آزاد ٿيندس،۽ انهيءَ اميد مون کي اصل نہ ڇڏيو.

منهنجو ڏٽي پنهنجي دوست جي چئي لڳي، ميلي واري ڏينهن، مون کي هڪڙي پيتيءَ ۾ بند ڪري، پاسي واري شهر ۾ ڪٽي هليو، ۽ پنهنجي پٽيان پنهنجي ڏيءَ ٻہ چاڑهي هليو، جا منهنجي دائي هئي، پيتي چوڌاري بند هئي. منجهس فقط ڪي ٿورا سوراخ هئا. چوڪريءَ ايتري ٻہ خبرداري ڪئي هئي، جو پنهنجي رضائي اندر لنگهائي ڇڏي هئائين تہ انهيءَ تي آڻ ستو پيو هجان.

انهيءَ هوندي ٻہ انهيءَ مسافريءَ تي ڏاڍا لوڏا آيا ۽ تڪليف رسي. جيتوٽيڪ وقت فقط اڌ ڪلاڪ لڳو، ڇالاءِ جو گهوڙي جو هر هڪ قدم اٽڪل چاليهہ فوٽ هو، ۽ اهڙو تکڙو ٽي هليو، جهڙو ڪو جهاز وڏي طوفان ۾ هيٺ مٽي ٽيندو آهي.... پاڻ انهيءَ کان زياده جلد جلد اهڙولوڏو ٽي آيو، منهنجو ڏٽي پهرين هڪڙيءَ مهمانسراءِ ۾ لٿو، جتي هو هميشہ ايندڙ هو.

سراءِ جي مالڪ سان ٿورو وقت صلاح ڪري، ۽ ضروري تياري ڪري، هن هڪڙو پڙهي ڏيڻ وارو هٿ ڪيو، ۽ انهيءَ کي حڪم ڏنائين تہ شهر ۾ پڌرو ڪرائي تہ وڏي باز جي نشان واريءَ سراءِ ۾ هڪڙو عجيب جانور ڏسي سگهجي ٿو. "سپلئڪنڪ" جيڏو ٻہ ڪين آهي ۽ ڪي لفظ ٻہ ڳالهائي ٿو ۽ سوين مزي جهڙا نات ڪري سگهي ٿو. سپلئڪنڪ انهيءَ ملڪ ۾ هڪڙو خوبصورت جانور آهي، جو اٽڪل چهہ فوٽ قد ۾ آهي ۽ بت جا سڀ عضوا ماڻهوءَ جهڙا ٿا ٿينس.

سراءِ ۾ جيڪا وڏي جاءِ هئي، تنهن ۾ مون کي ڪٽي هڪڙيءَ ميز تي رکيائون. اها ميز اٽڪل ٽي سئو فوٽ چورس هئي. منهنجي ننڍڙي دائي ميز جي پاسي ۾ هڪڙي استول يا صندليءَ تي چڙهي بيهہ رهي. انهيءَ لاءِ تہ منهنجي سنيال ڪري ۽ مون کي سمجهائي تہ چا ڪريان. منهنجي ڏٽيءَ گوڙ بند ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو تہ دفعي دفعي ۾ فقط ٽيهہ ماڻهو منهنجي ڏسڻ لاءِ اچن. چوڪريءَ جي چوڻ پٽيان آڻ ميز تي هليس ٽي. هن مون کان ڪي سوال ٽي پڇيا، اهڙن لفظن ۾ جي هن ڄاتا ٽي تہ منهنجي سمجهہ ۾ ايندا، ۽ مون انهن جا تمام وڏي آوازسان جواب ڏنا ٽي.

آڻ ڪيترائي ڀيرا ماڻهن ڏي منهن ڪري ٽي بينس. هنن کي سلام ٽي ڪيم، چيو مان ٽي تہ "پلي ڪري آيئو"، ۽ ٻيو جيڪي مون کي سيکاريو هئائون سو ٽي چيم، گلمدال ڪلچ مون کي هڪڙو انگشتان پاڻي پيئڻ لاءِ پيالو ڪري ڏنو هو، سو

مون کڏي پاڻيءَ سان پريو، ۽ ماڻهن کي دعا ڪري اهو ٽي پيتم. پنهنجي ترار ڪڍي ٽي هوا ۾ لوڏيم، جيئن انگلينڊ ۾ پلٽي ڪرڻ وارا ڪندا آهن.

منهنجي دائيءَ مون کي ڪک جو ٽڪر ڏنو جو مون پالو ڪري ڪم آندو ۽ انهيءَ سان راند ڪري ڏيکاريم، جا مون ننڍي هوندي سکي هئي. انهيءَ ڏينهن ماڻهن جي ٻارهن دفعن مون کي اچي ڏنو ۽ اوترائي دفعا مون کي ساڳيائي ڪم وري وري ڪرڻا پيا. انهيءَ ڪري آڻڻ ڏاڍو بيزار ٿيس ۽ ٽڪجي پيس. جن ماڻهن مون کي ڏنو هو، تن اهڙيون عجيب غريب ڳالهيون وڃي ٻين سان ڪيون، جو ماڻهن در پيڃي ٻه اندر اچڻ ٽي گهريو.

منهنجي ڏٽيءَ پنهنجي فائدي لاءِ، منهنجي دائيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نٽي ڇڏيو ته مون کي هٿ لائي، ۽ منهنجي چوڏاري ميز تي ٿوري پنڌ تي بينچ رکي ويا، ته متان ڪو هٿ ڊگهيري مون کي ونيِ يا ڪو ٻيو نقصان پهچائي. انهيءَ هوندي ٻه هڪڙي ڪمبخت اسڪول جي ڇوڪر هڪڙي سوپاري منهنجي مٿي تي اڇلائي هنئي، جا ذري گهٽ مون کي لڳي هئي. اها اهڙي زور سان آئي، جو جي لڳي ها ته منهنجو ميڃالو ئي ڪڍي رکي ها، ڇالاءِ جو اها ايڏي وڏي هئي جيڏو ننڍو ڪدو ٿئي. پر آڻڻ ڏاڍو خوش ٿيس، جو انهي بدمعاش کي خوب مار ڏنائون ۽ جاءِ مان هڪالي ڪڍي ڇڏيائون.

منهنجي ڏٽيءَ عام اشتهار ڪيو ته وري ايندڙ ٻئي ميلي تي مون کي ڏيکاريندو. انهيءَ وچ ۾ هن منهنجي ڪٽڻ لاءِ ٻيو بندوبست ڪيو، جو فائدي جي نظر تي هن خوشيءَ سان ڪيو. پهرينءَ ئي مسافري ڪري ۽ اٺ ڪلاڪ سانده تماشي ڪرڻ ڪري، آڻڻ اهڙو ٽڪجي پيس، جو پنهنجن ٽنگن تي بيهي يا ڪو اکر ڳالهائي نٽي سگهيس. ٽن ڏينهن کانپوءِ مس آڻڻ سامت ۾ آيس. پر گهر ۾ ٻه ماڻهن مون کي آرام ونڻ نٽي ڏنو، ڇالاءِ جو آسپاس سئو کن ميلن جي اندر ڪيترائي سکر ماڻهو خود منهنجي ڏٽيءَ جي گهر منجهه منهنجي ڏسڻ لاءِ آيا.

منهنجي ڏٽيءَ ڏنو ته منهنجي ڪري هن کي گهٽو فائدو ٽيٽو آهي، تنهن ڪري هن ارادو ڪيو ته ملڪ جي وڏن وڏن شهرن ۾ مون کي ڪٽي وڃي. انهيءَ ارادي سان وڏي مسافريءَ جي لاءِ سپ ضروري شيون موجود ڪري، ۽ گهر جي ڪم ڪارين جو پورو بندوبست ڪري، هن زال کان موڪلايو ۽ سن 1703ع جي آگسٽ مهيني جي سترهين تاريخ، يعنيٰ، منهنجي اچڻ کان اٺڪل ٻه مهينا پوءِ، اسين گاديءَ جي هنڌ واري شهر ڏي روانا ٿياسين، جو انهيءَ بادشاهت جي وچ ڏاري هو ۽ اسان جي گهر کان اٺڪل ٽي هزار ميل پري هو. منهنجي ڏٽيءَ پنهنجي ڏيءُ، گلمدال ڪلچ کي

پنهنجي پنيان ڪٽي چاڙهيو ۽ هوءَ مون کي پيتيءَ ۾ بند ڪري پيتي پنهنجي چيلهه سان ٻڌي اڳيان جهوليءَ ۾ رکي ٿي هلي.

منهنجي ڏٽيءَ جي مرضي هئي ته رستي تي يا رستي کان پنجاهه يا سوء ميلن جي اندر جيڪي به شهر هجن، يا جيڪو ڳوٺ هجي، يا ڪنهن سکر ماڙهوءَ جو گهر هجي، جتي پئسي پيدا ٿيڻ جو امڪان هجي، اتي منهنجو تماشو ڏيکاريندو هلي. اسين هلڪيون هلڪيون منزلون وياسين. ڏينهن ۾ ستر _ اسي ميلن کان وڌيڪ پنڌ نٿي ڪيوسين، ڇالاءِ جو گلمدال ڪلچ منهنجي سڪ لاءِ دانهن ڪئي ته گهوڙي جي سواري کيس ٽڪايو ٿي وجهي. منهنجي چوڻ تي هن ڪڏهن ڪڏهن مون کي پيتيءَ مان ٻاهر به ڪڍيو ٿي ته هوا کاوان ۽ ملڪ ڏسان، پر هميشه رسو پاڻ وٽ قابو ٿي رکيائين. رستي ۾ اسان کي ڏهه هفتا لڳي ويا ۽ ارڙهن وڏن شهرن ۾ ۽ ڪيترن ٻين ڳوٺن ۽ خانگي ڪٽنبن جي گهرن ۾ منهنجو تماشو ڏيکاريائون.

آڪٽوبر جي 26- تاريخ اسين تختگاهه واري شهر پهتاسين. منهنجي ڏٽيءَ شهر جي مک گهٽيءَ ۾ هڪڙي جاءِ پاڙي تي ورتي. جا شاهي محلات کان پري نه هئي ۽ دستور موجب عام اشتهار پڌرو ڪرايائين، جنهن ۾ منهنجي شڪل شباهت ۽ هنرن جو مفصل بيان ڏنائين. هڪڙي وڏي جاءِ ٽن _چئن سَون فوٽن جيڏي ويڪري ڪرايي تي ڪيائين. هڪڙي وڏي ميز، سٺ فوٽ ڪشادي، موجود ڪيائين، جنهن تي مون کي تماشو ڪرڻو هو. ڪناري کان ٿي فوٽ اندر ۽ ٿي فوٽ مٿي، چوڌاري اوٽ ٻڌي ڇڏيائين ته متان آڻٌ ڪِري پوان. هر روز مون کي ڏهه پيرا ماڻهن جي اڳيان پيش ٿي ڪيائون، جنهن ڪري ماڻهو ڏاڍا خوش ۽ حيران ٿي ٿيا. ۽ آڻٌ موچاري ٻولي ڳالهائي ويندو هوس ۽ جيڪي مون کي چوندا هئا، سو بلڪل چڱي طرح سمجهي ويندو هوس، تنهن کان سواءِ مون هنن جي الف_ بي به ياد ڪري ڇڏي هئي، ۽ ڪوشش ڪري ڪنهن جملي جي سمجهاڻي به ڏيئي ويندو هوس.

باب ٽيون

گليور بادشاھ جي دربار ۾ وڃي ٿو

ڏھاڙي محنت ۽ ھلاکي کرڻ کري، ٿورن ئي ھفتن ۾ منھنجي تندرستيءَ ۾ گھٽي ڦير گھير پئجي ويئي، منھنجي ڏٽيءَ کي جيئن مون منجھان زياده نفعو ٽيندو ويو، تيئن وڌيڪ کيڏڻ جو حرص ٿي ٽيس. آڻٌ ماني کائي نٽي سگھيس ۽ تنھنکري ڳري کنڀا ٿي ويس. جڏھن زميندار اھو حال ڏٺو ۽ ڊپ ٽيس تہ متان ھي جلد مري وڃي، تڏھن ھن ارادو کيو تہ جيترو وڌيڪ فائدو مون منجھان کڀي سگھي اوترو کڀي ونڻي. انھيءَ طرح ھن پنھنجي منھن پئي خيال کيا ۽ پور پچايا، تہ شاھي دربار مان ھڪڙو عھديدار اچي نڪتو، ۽ منھنجي ڏٽيءَ کي منھنجي نالي حڪم ڏنائين تہ، "راڻيءَ ۽ سندس ٻين خدمتگار زالن کي تماشي ڏيکارڻ جي لاءِ ھڪدم ھن کي کڻي ھل."

انھن زالن مان کي مون کي اڳئي ڏسي ويون ھيون، ۽ تن وڃي منھنجي خوبصورتي ۽ ھلت چلت ۽ ھوشياريءَ جي نسبت ۾ عجيب غريب ڳالھيون کيون ھيون. راڻي ۽ سندس خدمتگاريون منھنجا کم ڏسي نھايت خوش ٿيون. مون گوڏن پر ويھي عرض کيو تہ مون کي راڻيءَ جي پير چمڻ جي موڪل ملي. پر راڻيءَ مھرباني کري پنھنجي چيچ مون ڏي ڪئي، ۽ مون کي کٽي ميز تي رکيائون. مون ٻنھي ھٿن سان انھيءَ چيچ کي کٽي ڀاکر وڌو ۽ انھيءَ جي چوٽي ڏاڍي ادب سان کٽي وات ۾ رکيم، ھن مون کان پنھنجي ملک بابت مسافرين بابت ھيڏي ھوڏي جا سوال پڇيا، جي مون ڇٽيءَ طرح ۽ مختصر لفظن ۾ ڏنا.

ھن مون کان پڇيو تہ "تون بادشاھ جي دربار ۾ رھڻ لاءِ راضي آھين؟" مون ڪنڌ جھکائي ميز جي تختي تي رکيو ۽ نياز سان ورندي ڏنيم تہ "آڻٌ پنھنجي ڏٽيءَ جو غلام آھيان. پر جي آڻٌ پنھنجي وس ھجان تہ جيکر پنھنجي سڄي عمر حضور جي نوريءَ ۾ گذاريان ۽ انھيءَ کي پنھنجو فخر سمجھان." تنھن تي راڻيءَ منھنجي ڏٽيءَ کان پڇيو تہ "تون ھن کي چگي ملھ تي وڪڻندين؟" منھنجي ڏٽي کي تہ اڳيئي ڊپ ھو تہ ھي مھينو بہ جيئرو نہ رھندو، سو منھنجي وڪڻڻ لاءِ ھڪدم تيار ٿيو، ۽ ھزار سونيون مھرون گھريائين. اھي اُتي جو اُتي ھن کي مليون. ھر ھک مھر قد ۾ اٽن سَوَن"مائڙن" يا پورچو گال جي سونن سِکن جيڏي ھئي. پر انھيءَ ملک ۾" يورپ جي سيني شين جي سراسريءَ جي نظر تي ۽ ھنن ۾ سون جي زياده قيمتي ھئڻ جي نظر تي، اھا رقم انگلينڊ ۾ ھزار گنين جي قيمت جيتري مس ھئي.

پوءِ مون راڻيءَ کي عرض ڪيو تہ ”هاڻ جڏهن آءٌ حضور جو غلام خسيس ٻانهو آهيان، تڏهن مهرباني سان منهنجو هي عرض قبول ٿئي تہ گلمدال ڪلچ جنهن مون کي هيستائين ڏاڍيءَ سنيال سان پاليو آهي ۽ اهو ڪم هو چگّي طرح سمجهي ٿي، سا حضور پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکي، تہ هوءَ مون کي سنيالينديِ ۽ سيکاريندي رهي.“

راڻي صاحبہ منهنجو عرض قبول ڪيو ۽ آسانيءَ سان زميندار کي قبول ڪرايائين، جو پاڻ خوش ٿيو تہ سندس ڏيءَ کي محلات ۾ نوڪري ملي، ۽ ويچاري چوڪري پاڻ تہ خوشيءَ کان ڪپڑن ۾ نٽي ماپي. منهنجو اڳوٽو ڏٽي مون کان موڪلائي هليو ويو، ۽ چوندو ويو تہ ”مون توکي چگّيءَ نوڪريءَ ۾ ڇڏيو آهي.“ مون کابہ ورندي کانہ ڏنيس، ۽ رڳو ڪنڌ جهڪائي سلام ڪيومانس.

راڻيءَ منهنجو راضپو معلوم ڪري ورتو، ۽ جڏهن زميندار جاءِ مان نڪري ويو، تڏهن مون کان انهيءَ جو سبب پڇيائين. مون دل جهلي چيو تہ ”هن منهنجي اڳوڻي ڏٽيءَ مون سان جيڪو احسان ڪيو آهي، سو فقط اهو تہ جنهن ويچاري مسڪين مخلوق کي اوچتو ٻنيءَ ۾ لڌائين، تنهن کي ماري هن جو ميڇالو ڪڍي نہ وڌائين. انهيءَ جو عيوضو هن کي ملي چڪو آهي. جو هن مون کي اڌ بادشاهت ۾ ماڻهن کي ڏيڪاري فائدو ڪڍيو، ۽ پيڇاڑيءَ ۾ مون کي چگّي ملهہ تي وڪڻي ڇڏيائين.“ راڻيءَ جي اڳيان جيڪا تقرير مون هٻڪي هٻڪي ڪئي، تنهن جو مختصر مطلب اهو هو.

راڻيءَ مون کي ڳالهائڻ ۾ پڙ هئڻ جو مجرائي ۽ انصاف مڃيائين، ۽ ههڙي ننڍڙي جانور ۾ هيترو عقل ۽ هوش ڏسي حيران ٿي. هوءَ مون کي هٿ ۾ کڻي بادشاهہ وٽ ويئي، جو انهيءَ وقت پنهنجي ڪمري ۾ هو، بادشاهہ پريندي منهنجي شڪل پوريءَ طرح نہ ڏٺي، تنهنڪري البت رنج سان راڻيءَ کان پڇيائين تہ ”ڪڏهن کان توکي هڪڙو سپلئڪنڪ ايترو وڏڻ لڳو آهي؟“ پائنجي ٿو تہ هن مون کي انهيءَ نالي وارو ننڍڙو جانور سمجهيو، جو آءٌ راڻيءَ جي تريءَ تي اونڌو ٿيو پيو هوس. پر جڏهن هن منهنجو ڳالهائڻ ٻڌو، ۽ ڏنائين تہ جيڪي چوان ٿو سو پورو ۽ سمجهہ جهڙو آهي، تڏهن عجب لڳس، ۽ راڻيءَ کي پارت ڪيائين تہ انهيءَ جي چگّي سنيال ڪجئين.“

راڻيءَ پنهنجي وادي کي حڪم ڏنو تہ هڪڙي اهڙي پيتي ناهي، جا منهنجي لاءِ چگّي سمهڻ جي جاءِ هجي. انهيءَ ڪاريگر، منهنجي ڏس پٽيان ٽن هفتن جي اندر هڪڙي ڪاٺ جي ڪوني ناهي، جا سورهن فوٽ چورس هئي ۽ ٻارهن فوٽ مٿي

هئي، در ۾ دريون ۾ هيس ۽ ۾ نندڙيون ڪوٺيون منجهس هيون، وهنجڻ ۾ جاءِ ضرورت ڪم لاءِ، جيئن لنڊن ۾ سمهڻ جي ڪوٺيءَ جو بندوبست ٿيندو آهي، ڇت وارو تختو اهڙو هو، جو مٿي ڪڇي ۾ سگهيو ٿي ۽ وري لهي ۾ سگهيو ٿي. انهيءَ لاءِ هن کي ۾ نرماد پيل هئا. انهيءَ کلندڙ ڇت جي وسيلي راڻيءَ جو خان سامان ڪڍيل هنڊ انهيءَ ۾ لنگهائي رکي سگهيو ٿي ۽ گلمدال ڪلچ اهو هنڊ ڏاڙي ٻاهر ڪڍي هوا ۾ رکي، وري ٻاهي تيار ڪري، رات جو اندر رکي، منهنجي مٿان ڇت کي ڪلف ڏيئي ڇڏيندي هئي.

هڪڙو هوشيار ڪاريگر، جو عجيب غريب نندڙين شين ٺاهڻ لاءِ مشهور هو، تنهن ڏموڪنيو ته منهنجي لاءِ ۾ ڪرسيون عاج جهڙي شيءِ جي پٽن ۽ چونڪن سان، ۽ ۾ ميزون شين جي رکڻ لاءِ هڪڙي خاني سان جوڙي تيار ڪندو. جاءِ کي سيني پاسن کان گاديون هڻي ويا ڇت توڙي فرش تي گاديون لڳائي ڇڏيائون ته متان جيڪي ماڻهو مون کي کڻن، تن جي غفلت ڪري سندس هٿن مان اتفاق سان ڪري پوان، يا جڏهن مون کي انهيءَ ڪوٺيءَ سميت گاڏيءَ ۾ کڻن، تڏهن متان مون کي گهٽو لوڏو يا ڏکو اچي.

مون خواهش ڏيکاري ته منهنجي در کي ڪلف ڏيئي ڇڏجي، متان ڪا اندر لنگهي اچن. لوهار ڪاريگر گهڻن مٿن هڻڻ کان پوءِ هڪڙو اهڙو تمام نندڙو ڪلف جوڙيو، جنهن جهڙو اڳي ڪڏهن هنن نہ ڏٺو هو، پر مون انگلينڊ ۾ انهيءَ کان وڏو ڪلف هڪڙي سکر ماڻهوءَ جي گهر جي ٻاهرئين در کي ڏنل ڏٺو آهي. مون ڪوشش ڪري ڪنجي پنهنجي کيسي ۾ رکي ته متان گلمدال ڪلچ اها وجائي ڇڏي.

راڻيءَ کي منهنجي صحبت اهڙي وڻي ويئي، جو مون کان سواءِ هوءَ ماني نہ کائيندي هئي، جنهن ميز تي هوءَ ماني کائيندي هئي، تنهن جي مٿان ٽونڻ وڻ، منهنجي ميز ۽ ڪرسي رکڻ ۾ ايندي هئي. گلمدال ڪلچ منهنجي ميز جي ويجهو هڪڙي استول تي منهنجي سنيال ۽ مدد لاءِ بيهندي هئي. منهنجون سڀ رڪابيون ۽ ڊاکون ۽ ٻيون ضروري شيون چانديءَ جون تيار ڪيون ويون هيون، جي راڻيءَ جي سامان جي مقابلي ۾ اهڙيون هيون، جهڙيون ٻارن جي راند لاءِ لنڊن ۾ گڏين جي راندیکن جي دڪان ۾ ڏسبيون آهن. اهي رڪابيون منهنجي نندڙي دائيءَ هڪڙيءَ چاندي جي پيتيءَ ۾ بند ڪري کيسي ۾ وجهي ڇڏيندي هئي، ۽ جڏهن مانيءَ مهل مون کي انهيءَ جي گهرج ٿيندي هئي، تڏهن هوءَ پاڻ اهي صفا ڪري مون کي ڏيندي هئي.

ٻيو ڪوبہ ماڻهو، سواءِ ٻن شاهزادين جي، راڻيءَ سان گڏ ماني ڪونہ ڪائيندو هو. وڏي شهزادي سورهن ورهين جي هئي ۽ ننڍيءَ جي ڇمار تڏهن تيرهن ورهيہ ۽ هڪ مهينو هئي، راڻي صاحبہ منهنجي هڪڙي رڪابيءَ تي گوشت جو ٽڪر رکندي هئي، انهيءَ مان آڻڻ ذرو پنهنجي لاءِ وڌي ونندو هوس، ۽ هوءَ مون کي ڪائيندو ڏسي خوش ٿيندي هئي، ڇالاءِ جو جيتوٽيڪ راڻيءَ جو هاضمو ضعيف هوندو هو، تہ بہ هڪ گرنهہ ۾ ايترو طعام کڻندي هئي، جيترو انگلينڊ جا ٻارهن زميندار هڪڙي وقت تي کائي سگهن. اهو حال ڏسي، پهرين تہ ڪجھ وقت تائين مون کي نفرت ايندي هئي، جو هوءَ رڏل چندول پکيءَ جي سڄي ڪنيڙاٽي هڏن سوڌي ڏندن ۾ چٻاڙي کائي ويندي هئي، جيتوٽيڪ اهو پکي اسان جي وڏي ترکي يا فيل مرغ کان نَوَ دفعا وڏو هوندو هو، ۽ مانيءَ جو ٽُڪر، جو وات ۾ وجهندي هئي، سو ئي ايڏو هو، جيڏيون ٻہ وڏيون ٻارهن پيسن واريون ڊبل روٽيون ٿيندیون آهن.

هوءَ هڪڙي سوني پيالي مان هڪڙي ئي ساهيءَ سان موچاري پيٽ جيترو پاڻي يا شراب پي ويندي هئي. هن جون چريون ڏاڍتي کان ٻيٽيون وڏيون هوندیون هيون، جڙ تہ ڏاڍتا ڪُڙ تي سنوان ڪري رکيا ويا آهن. چمچا ۽ ڪانٽا ۽ ٻيا کائڻ جا اوزار بہ اهڙائي وڏا هوندا هئس. مون کي ياد آهي تہ هڪڙي پيري گلمدال ڪلچ مون کي ڪٽي هلي شاهي محلات جون کي ڪاڌي جون ميزون ڏيکاريون هيون. اتي ڏهہ ـ ٻارهن وڏيون چريون ۽ ڪانٽا گڏ مٿي کنيل ڏسي، آڻڻ ڊڄي ويس، ۽ ڄاتم تہ ههڙو خوفناڪ ڏيک مون اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو.

گهٽن مهينن تائين انهن ماڻهن جي ڏيکن ڏسڻ ۽ ٻولين ٻڌڻ ۽ سيکا شيءِ تمام وڏي ڏسڻ تي هِري وڃڻ ڪانپوءِ جيڪو خوف پريندي مون کي ٿيندو هو، سو لهي ويو. انهيءَ وقت جيڪڏهن آڻڻ انگلينڊ جي ڪن لاردن ۽ ليڊين کي تمام عمدن ۽ عيد جهڙن ڪپڑن ۾ بادشاهہ جي درٻارين وانگي ٻيهندو ۽ جهڪندو ۽ ڳالهائيندو ڏسان ها، تہ بيشڪ انهن تي مون کي اهڙي ڪِل اچي ها، جهڙي هتي بادشاهہ ۽ اميرن کي مون تي ايندي هئي.

سچ هي آهي تہ خود مون کي بہ پاڻ تي ڪِل ايندي هئي. جڏهن راڻي مون کي پنهنجي هٿ تي کڻي آرسيءَ تائين آڻيندي هئي، جنهن ۾ اسان ٻنهي جون شڪليون سڄيون ساريون گڏ ڏسڻ ۾ ايندیون هيون. انهيءَ مهل ٻنهي جي مقابلي ڪرڻ تي ڏاڍي ڪِل ايندي هئي. آڻڻ پاڻ کي پنهنجي سچي پچي قد کان بہ ننڍو پيو ڄاڻندو هوس.

راڻيءَ وٽ هڪڙو بندرو ماڻهو هوندو هو، تنهن کي ڏسي مون کي ڏاڍي چڙ ۽ بيزاري لڳندي هئي. انهيءَ ملڪ ۾ هو تمام ننڍي قد جو ماڻهو هو، ڇالاءِ جو هو پورا

ٽيهه فوٽ به قد. سو پاڻ کان به ٻيو تمام ننڍو ماڻهو ڏسي هميشه بيچيو ۽ مغرور ٿي ويندو هو، ۽ راڻيءَ جي جاءِ تي دالان ۾ جتي آڻٌ دربار جي اميرن ۽ سندن زالن سان بينو ڳالهائيندو هوس، اتان لنگهندي هو ڏاڍي آکڙ مان لنگهي ويندو هو، ۽ اکثر منهنجي ننڍي قد تي ننڍولي ڪرڻ کان کين گسندو هو. اهو ويرآڻٌ هن کان رڳو هن طرح وڻي سگهندو هوس، جو هن کي "ادو" ڪري سڏيندو هوس، ۽ چوندو هو سانس تہ "اچي مون سان ملهه وڙهه." ۽ ٻيا به اهڙا لفظ ڳالهائيندو هو سانس جهڙا اکثر محلات جي چوڪرن جي وات ۾ هوندا آهن.

هڪڙي ڏينهن، مانيءَ مهل، هي خراب بندرو منهنجي ڪجهه چوڻ تي اهڙو خفي ٿيو، جو راڻيءَ جي ڪرسيءَ تي جيئن آڻٌ چڙهيو وينو هوس، تيئن مون کي ڪمر کان کڻي، ڪنهن به ڊپ کان سواءِ، ملائي جي چاندي جي وڏي پيالي ۾ ڪڍي اڇلايائون، ۽ پوءِ اتي ڇڳو، آڻٌ سڄو ئي ملائيءَ ۾ ٻڏي ويس، ۽ جي تري نہ جاڻندو هجان ها، تہ الاجي ڪهڙو حال ٿئيم ها، پر منهنجي ننڍي دائي منهنجي واهر لاءِ ڊوڙي آئي، ۽ مون کي ڪڍي ٻاهر ڪيائين. انهي وچ ۾ سير ڪن ملائيءَ جو منهنجي پيٽ ۾ هليو ويو.

مون کي کڻي وڃي هنڊ ۾ سمهاريائون، ٻيو ڪو نقصان مون کي ڪونہ پهتو، رڳو ڪپڑا خراب ٿيم، بندري کي خوب چهبڪ لڳا ۽ وڌيڪ سزا اها مليس جو جنهن ملائيءَ جي پيالي ۾ مون کي اڇلايو هئائين، سو زور ڪري پياريائونس، ۽ اڳتي جي لاءِ راڻيءَ اصل منهان لاهي ڇڏيس.

اکثر راڻي مون کي همتائيندي هئي تہ نہ ڊڄان، مون کان پڇندي هئي تہ "تنهنجي ملڪ جا ماڻهو به تو جهڙا ڊڄڻا آهن ڪيئن؟" انهيءَ جو سبب هي هو. انهيءَ ملڪ ۾ آرڙهه جي ڏينهن ۾ مڪين جو ڏاڍو آزار ٿيندو آهي. هر هڪ مڪ چندول جيڏي ٿيندي آهي. آڻٌ ماني کائڻ ويهندو هوس تہ مون کي بي آرام ڪنديون هيون جو منهنجن کنن وٽ هميشہ پيون پوُن پوُن ڪنديون هيون. ڪڏهن تہ اچي منهنجي نڪ ۽ پيشانيءَ تي وهنديون هيون ۽ ڏنگ هڻنديون هيون، ۽ منجهانئن ڪني بانس ايندي هئي. علم حيوانات جا عالم جو چوندا آهن تہ مڪين جي پيرن ۾ هڪڙي قسم جي لڳڻ واري چنبڑندڙ شيءِ ٿيندي آهي، جنهن جي وسيلي هو پيرن سان اونڌيون چت تي هلنديون آهن، سا شيءِ مون کي آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهندي هئي.

انهن خراب پَرندن کان پاڻ بچائڻ ۾ مون کي گهڻي تڪليف ٿيندي هئي. ۽ جڏهن اچي منهنجي منهن تي ويهنديون هيون تڏهن لاچار چرڪ پرٽو ٿيندو هوم، اُهو بندرو اکثر هيئن ڪندو هو، جو ڳچ جيتريون مڪيون جهڻي، اوچتو منهنجي

نڪ هينان ڪٽي ڇڏيندو هو. انهيءَ لاءِ تہ آڻُ ڊجان ۽ راڻيءَ کي چرچو لڳي، آڻُ وري هيئن ڪندو هوس. جو پنهنجي چريءَ سان انهن اڌامندين مکين کي وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو هوس. انهيءَ منهنجي چالاڪيءَ جي ڪري منهنجي گهٽي تعريف ٿيندي هئي.

باب چوٿون

گليور برابدنگ نئگ چڏي وڃي ٿو

مون کي هاٿي انهيءَ ملڪ ۾ رهئي ٻه ورهيه ٿي ويا هئا. ٽئين مهيني جي شروعات ۾ بادشاهه ۽ راٿي ملڪ جي ڏکڻ واري ڪناري ڏي ويا. آءٌ ۽ گلمدال ڪلچ ٻه سندن خدمت ۾ هئاسون. هميشه جي دستور وانگي مون کي پنهنجي سفر واري پيتيءَ ۾ ڪنيائون، جنهن جو بيان مون ڏنو آهي. اها موچاري ڪشادي ڪوٺي هئي ۽ ٻارنهن فوٽ ويڪري هئي.

جڏهن پڇاڙيءَ واريءَ منزل تي پهتاسين، تڏهن بادشاهه جي مرضي ٿي ته فلئنفلئسنڪ جي ويجهو جا محلات آهي، تنهن ۾ ڪي ڏينهن گذارجن. اهو شهر سمنڊ کان ارڙهن انگريزي ميلن جي اندر آهي. آءٌ ۽ گلمدال ڪلچ ٻيئي ٽڪجي پيا هئاسون. مون کي ٽورو زڪام ٻه ٿي پيو هو، ۽ هوءَ ويچاري ته اهڙي بيمار ٿي هئي جو وڃي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ پيئي. منهنجي دل ٿي ته آءٌ سمنڊ ڏسان، جو ڄاتم ٿي ته جيڪڏهن مون کي چوٽڪارو ملندو، ته اُتان ئي ملندو.

مون ڪوڙ ڪري پاڻ کي زياده بيمار ڪيو ۽ عرض ڪيم ته مون کي موڪل ملي ته سمنڊ جي تازي هوا کانوان. هڪڙو چوڪرو راٿيءَ جو خدمتگار، جو مون کي گهٽو وٽندو هو ۽ جنهن جي حوالي ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪري ڇڏيندا هئا، تنهن جي ٻه ٻانهن گهريم. مون کي اِها ڳالهه نٿي وسري ته گلمدال ڪلچ ڏاڍي ناراضپي سان هائو ڪئي، ۽ انهيءَ چوڪر کي منهنجي پوري سنپال ڪرڻ لاءِ پارت ڪيائين. ساڳئي وقت ۾ زار زار رنائين ٻه، ڇڻ ته ڇاڻ پيو هوس ته ڇا ٽيٽو آهي.

چوڪر مون کي پيتيءَ سوڌو ڪٽي سمنڊ جي ڪناري وارن ٽڪرن ڏي آندو، جي محلات کان اڌ ڪلاڪ ڪن جي پنڌ تي هئا. مون چيس ته مون کي هيٺ رکي، پوءِ هڪڙو پردو ڪٽي، مون ڏاڍيءَ سڪ سان سمنڊ ڏي نهاريو. مون پاڻ کي بلڪل چڱو پلو نٿي ڄاتو، تنهنڪري چوڪر کي چيم ته "منهنجي مرضي آهي ته آءٌ پنهنجي هنڌ ۾ وڃي سمهي پوان. ته من بهتر ٿيان." ان موجب آءٌ اندر لنگهي ويس، ۽ چوڪر دري بند ڪري چڏي ته متان مون کي ٺڊ لڳي.

سگهوئي مون کي ننڊ اچي ويئي ۽ آءٌ پانيان ٿو ته چوڪر مون کي ستل ڏسي ڄاتو ته ٻيو ڪو خوف ڪونهي. تنهنڪري ٽڪرن ڏي پڪين جي آنن ڳولڻ لاءِ هليو ويو. انهيءَ کان اڳي ٻه مون پنهنجي دريءَ مان ڏنو هوس ته هيڏي هوڏي رلي ڳولي هڪ _ ٻه آنا ٽڪرن جي ڦاٽن ۾ وڃي لڌا هئائين. پر انهيءَ کي چا ڪبو!..... لوهه جي

ڪڙي، جيڪا منهنجي پيتيءَ کي آسانيءَ سان کڻڻ لاءِ ان جي چوٽيءَ تي بڌل هئي، تنهن کي اوچتو ڏاڍي ڇڪ آئي. ڏٺم تہ منهنجي پيتي هوا ۾ تمام مٿي کڄي ويئي، ۽ پوءِ تمام تِکي اڇتي هلڻ لڳي.

پهريون لوڏو اهڙو هو، جو آڏ ذري گهٽ هنڌ تان اُڇلجي ويو هوس، پر پوءِ اهو البت ڊرو ٿيو،، مون تمام وڏي آواز سان ڪيترائي ڀيرا سڏ ڪيا، پر انهن مان ڪي ڪين ٿيو، درين مان نهاريم تہ بہ آسمان ۽ ڪڪرن کان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين ڏٺم. پنهنجي مٿان گنين جي ڦڙڪڻ جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيم، ۽ پوءِ پنهنجي غمگين حالت معلوم ٿيڻ لڳيم. ڪنهن باز منهنجي پيتيءَ جي ڪڙي پنهنجي چُهنب ۾ ڪنئي هئي تہ اها ڪنهن ٽڪر تي ڀڄي، جيئن ڪَڇونءَ کي ڪندا آهن، انهيءَ لاءِ تہ منهنجو بُت ڪڍي کائي وڃي. انهيءَ پکيءَ کي اهڙي باس ايندي آهي ۽ اهڙي اٽڪل اٽس، جو تمام پري پنڌ کان پنهنجو شڪار سهي ڪري وڃندو آهي. جيتوڻيڪ اهو مون کان بہ وڌيڪ لڪل هجي، ۽ آڏ بہ بہ انچ ٿلهي تختي تي اندر بند هوس.

سگهوئي ڪنڀڙاٽين جو آواز ۽ ڦڙڪو زياده ٿيڻ لڳو، ۽ منهنجي پيتي هيٺ مٿي اڇلجڻ لڳي، جيئن واچ واري ڏينهن ڪانيءَ تي لڳل نشان جو تختو ڪندو آهي. مون کي اهو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو ۽ ائين پئي ڄاتم تہ باز کي ڏڪ بہ لڳا(مون کي پڪ آهي تہ ائين هوندو، جو باز کي منهنجي پيتيءَ جو ڪڙو ڇهنب ۾ هو، سو اڏامندي پيتيءَ جا ڏڪ لڳندا هوندس) پوءِ اوچتو مون پاڻ کي هڪڙي منٽ کان وڌيڪ عرصي تائين ڪرندو ڏٺو، پر اهڙي تيزيءَ سان جو منهنجو ساهہ ئي گُهٽجي ٽي ويو.

ائين ڪندي پيتيءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪرڻ جو ڦهڪو ٿيو ۽ انهيءَ اهڙو وڏو آواز ڪيو، جو نايا گراندیءَ جي ڪِرڻ جي ڪڙڪي کان بہ وڏو هو. تنهن کانپوءِ، آڏ منٽ کن تائين تہ اونداهيءَ ۾ هوس، ۽ پوءِ وري منهنجي پيتي ايترو تہ مٿي چڙهي، جو آڏ درين جي چوٽين تان روشنائي ڏسي سگهيس. منهنجي بدن ۽ منهنجي سامان لاءِ ڪشادو لوهہ جو پٽو، ڏسي سگهيس. منهنجي بدن ۽ منهنجي سامان لاءِ ڪشادو لوهہ جو پٽو، جو مضبوطيءَ لاءِ چوٽيءَ ۽ تري ۾ چئن ڪنڊن تي لڳل هو، تنهن جي بار کان منهنجي پيتي پاڻيءَ ۾ پنج فوٽ هيٺ وڃي، پوءِ ترڻ لڳي.

مون کي تڏهن بہ اهو خيال آيو ۽ هاڻي بہ اڇي ٿو تہ جو باز منهنجي پيتي کڻي اڏاڻو هو، تنهن کي بہ _ ٽي ٻيا باز پڻيا پيا هئا، جن جي ڪري لاچار ٿي هن مون کي ڪيرائي ڇڏيو، ۽ پاڻ پنهنجي بچاءَ لاءِ هنن کي سامهون ٿيو، جو هنن کي شڪار ۾ حصيدار ٿيڻ جي طمع هئي. جي لوهہ جا پٽا پيتيءَ جي ترن ۾ لڳل هئا، سي تمام مضبوط هئا. انهن جي ڪري ڪرڻ مهل پيتيءَ جو وزن پورو جهليو آيو ۽ پاڻيءَ جي

مٿان لڳي پڄي پوڻ کان پيتي بچي ويئي. انهيءَ جا ست سنڌا هڪبئي ۾ چگّا ڪُتل هئا ۽ دَرُ نِرماد تي نٽي ڦريو، پر هيٺ_مٿي اچي سگهيو ٿي، تنهن ڪري منهنجي ڪوني اهڙي مضبوط هئي جو تمام ٿورو پاڻي اندر اچي ٿي سگهيو. آءٌ مشڪلات سان پنهنجي هنڌ مان نڪتس، پر پهرين ڇت جي تختي کي کسڪائي ڪڍيم، جو هوا جي آڻڻ لاءِ رکيو ويو هو، جيئن مٿي ذکر ڪيو ويو هو، نه ته جيڪر آءٌ گُهٽجي مري وڃان ها.

انهيءَ مهل ڪيترو نه، ٿي گهريم ته پنهنجي پياري گلمدال ڪلچ سان گڏ هجان! جنهن کان ڏار ٿي ڪلاڪ مس گذريو هوم. انهيءَ حالت ۾ آءٌ چار ڪلاڪ برابر پيو هوس. اها اُميد ۽ خواهش پئي رکيم، ته اجهو ٿو دم ڏيان. اهڙيءَ غمگينيءَ ۽ نااُميديءَ ۾ پيتيءَ جي هن پاسي هڪڙي قسم جي گسڻ جهڙو آواز مون کي ٻڌڻ ۾ آيو، جتي پيتيءَ جي ڪٽڻ لاءِ ڪندا لڳل هئا. تنهن کان پوءِ سگهوئي مون ڄاتو ته پيتي سمنڊ ڏي ڇڪجيو پئي وڃي. رکي رکي هڪڙي قسم جي ڇڪتاڻ مون کي معلوم پئي ٿي، جنهن ڪري لهريون چڙهي منهنجي درين جي چوٽين تائين ٿي آيون ۽ آءُ اوناهيءَ ۾ رهجيو ٿي ويس. انهيءَ ڪري ٿوري چوٽڪاري جي اميد منهنجي دل ۾ پيدا ٿي، اگرچ خيال ۾ نٽي آيم ته ڪيئن اها صورت وٺي سگهندي.

مون همت جهلي پنهنجي هڪڙيءَ ڪرسيءَ جو اسڪرو يا پيچ کوليو، جو هيٺ تر واري تختي سان لڳل هو. پوءِ جيڪو کسڪندڙ تختو مون تازو کوليو هو، تنهن جي هيٺيان وري اهو اسڪرو ڏيئي پيڙي چڏيم. پوءِ ٽپ ڏيئي، انهيءَ ڪرسي تي چڙهيس ۽ ٽنگ کي ويجهو وات رکي وڏي آواز سان مدد جي لاءِ رڙيون ڪرڻ لڳس. جيڪي ٻوليون ايندين هيم، تن سيني ۾ دانهون ڪيم پوءِ جيڪو لَکڻ آءٌ ساڻ کڻندو هوس تنهن جي ڇنب ۾ رومال ٻڌي ٽنگ مان ڪڍي، گهٽا پيرا هوا ۾ لوڏڻ لڳس. انهيءَ لاءِ ته جي ڪا ٻيڙي يا ڪو جهاز ويجهو هجي، ته خلاصي ڄاڻن ته ڪو ڪمبخت انسان هن پيتيءَ ۾ پوريو پيو آهي.

جيڪي ڪري سگهيس، تنهن مان ڪوبه نتيجو نه نڪتو، پر ايترو صفا معلوم پئي ٿيم ته منهنجي ڪوني پاڻيءَ جي مٿان هلندي هلي. ڪلاڪ کن جي اندر پيتيءَ جو ٻيو پاسو، جنهن ۾ ڪندا پيل هئا ۽ دريون ڪين هيون، سو ڪنهن سخت شيءِ تي وجي لڳو. مون کي ڊپ ٿيو ته اهو ٽڪر آهي، ڇالاءِ جو آءٌ ڏاڍو ڇاڇولجي ويس. ڪونيءَ جي ڏڪ تي ٽُلهي رسي لڳڻ جهڙو آواز ڇٽيءَ طرح ٻڌم، ۽ ڪڙيءَ مان لنگهڻ ۽ گسڻ جو آواز به ڪن تي پيم، پوءِ ڏٺم ته ٿوري کان ٿورو ٽي فوٽ مٿي درجي بدر جي ڪجي ويس.

تنهن تي وري به مون پنهنجو لڪ ۽ رومال ٻاهر ڪڍيو، ۽ مدد جي لاءِ ايتريون رڙيون ڪيم، جو آواز ئي ويهي ويم. جواب ۾ ٽي ڀيرا وڌي رڙ ٻڌيم، جنهن منهنجي دل ۾ اهڙي خوشي پيدا ڪئي، جنهن جي فقط انهن کي خبر هوندي، جن کي اُها ٽيندي هوندي. پوءِ پنهنجي مٿان ڏٻڪو ٻُڌم، ۽ ڪنهن ماڻهو ٽُنگ مان انگريزيءَ ٻولي ۾ وڌي سڏ چيو ته "جيڪڏهن ڪو ماڻهو هيٺ آهي، ته ڳالهائي." مون ورندي ڏني ته "آءٌ پاڻ انگريز آهيان، جو ڪمبختيءَ جي ڪري هڪڙيءَ سخت مصيبت ۾ قاسي ويو آهيان. پلائي ڪري مون کي هن بند مان ڪڍو."

انهيءَ ماڻهوءَ جواب ۾ چيو ته "هاڻ تون سلامت آهين، جو تنهنجي پيتي جهاز سان قابو ٻڌل آهي. وڃو انهيءَ دم ٽو اچي، ۽ انهيءَ ٽُنگ مان توکي ڇڪي ٽو ڪڍي. جو اهو وڏو ٽُنگ آهي" مون چيو ته "ائين نه ڪريو، انهيءَ ۾ گهڻو وقت لڳندو. رڳو هڪڙو خلاصي پنهنجي آڏر ڪڙي ۾ وجهي پيتي سمنڊ مان ڪڍي جهاز تي آڻي ۽ پوءِ ڪپتان جي ڪوٽيءَ ۾ ئي." انهن مان ڪن مون کي اهڙيءَ طرح بڪ ڪندو ٻڌي جاتو ته آءٌ چريو آهيان. ٻين پئي مون تي ڪليو. ڪنهن طرح سان مون کي اها ڳالهه خيال ۾ ئي نه پئي آئي ته آءٌ هاڻي پنهنجي قد ۽ طاقت وارن ماڻهن ۾ آهيان. نيٺ وڃو آيو ۽ ٽورن ئي منٽن ۾ ڪارائيءَ سان چئن فوٽن چورس جيڏي دري ڪيائين، ۽ پوءِ هڪڙي ننڍي ڏاڪڻ اندر لنگهائي وڏائون، جنهن تي آءٌ چڙهي آيس. مٿان وري هنن مون کي جهاز ۾ آندو، پر آءٌ ڏاڍي ضعيف حال ۾ هوس.

خلاصي سڀ حيران ٿي ويا ۽ هزارين سوال مون کان پڇڻ لڳا، جن جو مون جواب ڏيڻ نٿي گهريو، پر ڪپتان مسٽر ٽامس ولڪسن، جو سچو ۽ لائق هو، ۽ شراب شائر جو رهاڪو هو، تنهن سهي ڪيو ته آءٌ بيهوش ٿيڻ تي آهيان. تنهن ڪري هو هڪدم مون کي پنهنجي ڪوٽيءَ ۾ ونڍي ويو ۽ اتي مون کي دل جي قوت جو عرق پياريائين ۽ مون کي صلاح ڏنائين ته "ٿوري ننڊ ڪر، جو انهيءَ جي توکي گهڻي گهرج آهي".

جڏهن وري جاڳيس، تڏهن پاڻ کي بهتر حالت ۾ ڏٺم. انهيءَ مهل رات جا اَٺ لڳا هئا ۽ ڪپتان ماني آڻڻ جو هڪدم حڪم ڏنو، جو ڄاتائين ته مون گهڻي وقت تائين نه کاڌو هوندو. هن مون سان ڏاڍيون مهربانيون ڪيون ۽ چيائين ته "حيران نه ٿيءُ ۽ اجائي سجائي ڳالهه نه ڪر." جڏهن اڪيلاٽياسين، تڏهن هن مون کي چيو ته "هاڻ سفر جو بيان ڪري ٻڌاءِ ۽ خبر ڏي ته ڪهڙيءَ طرح هيڏي ساري پيتيءَ ۾ بند ٿئيم؟"

مون چيس تہ "آءٌ پنهنجو سارو قصو اوهان کي ٻڌايان ٿو، سو تحمل سان ويهي ٻڌو،" پوءِ انگلينڊ مان نڪرڻ جي وقت کان وٺي هن جي پريندي مون کي لهڻ وقت تائين جيڪو احوال هو، سو مون هن کي ڪري ٻڌايو. سچ هميشہ سمجهہ وارن ماڻهن جي دلين ۾ جائنشين ٿئي ٿو، تنهنڪري ايماندار ۽ لائق شخص، جو موچاري علم ۽ تميز وارو هو، تنهن کي هڪدم منهنجي ڳالهہ تي ويساهہ اچي ويو.

انهيءَ کان پوءِ جيڪو سمنڊ جو سفر ڪيوسين، سو تمام سٺائو هو. انهيءَ جي مفصل بيان ڏيڻ سان آءٌ پڙهندڙن کي هلاڪ نہ ڪندس. جڏهن ڊائونس ۾ پهتاسين، تڏهن آءٌ جهاز مان موڪلائي هليو ويس. اها سن 1706ع جي جون مهيني جي ٽي تاريخ هئي. انهيءَ سفر ۾ منهنجي چوٽڪاري کان پوءِ اٺکل نَوَ مهينا لڳي ويا هئا. مون ڪپتان کي چيو تہ "پاڙي ڏيڻ تائين آءٌ پنهنجو سامان ضمانت ۾ ڇڏڻ گهران ٿو،" پوءِ ڪپتان چيو "آءٌ ڪي بہ ڪين ونندس." پوءِ ڏاڍيءَ محبت سان هڪٻئي کان موڪلايوسين، ۽ منهنجي چوڻ تي هن انجام ڪيو تہ هو ريدرف ۾ مون کي پنهنجي گهر اچي ڏسندو. مون پنج شلنگ ڏيئي. هڪڙو گهوڙو ۽ هڪڙو سونهو پاڙي ڪيو. اهي پنج شلنگ مون ڪپتان کان اُڌارا ورتا.

رستي تي هلندي گهر، وڻ، ڍور ۽ ماڻهو مون کي اهڙا ننڍڙا پئي ڏسڻ ۾ آيا، جو مون پانيو تہ آءٌ اجا لِليپٽ ۾ آهيان، جيڪو واٽهڙو ٽي گڏيم، تنهن جي نسبت ۾ اهو ڊپ ٽي ٽيم تہ ڇپي يا لتاڙي نہ وجهانس، ۽ پري کان هڪل ڏئي پاسي ٽيڻ لاءِ ٽي چيومان تہ متان تڪڙ ڪري هڪ ـبن جو مٿو ڀڃي وجهان.

جڏهن آءٌ پنهنجي گهر آيس ـ جو پڇائون ڪري ڪري مس لڏم، ۽ منهنجي هڪڙي نوڪر اچي در پَٽيو، تڏهن آءٌ ڪنڌ جهڪائي اندر لنگهيس تہ متان منهنجو سَر در کي لڳي. منهنجي زال مون کي پاڪر وجهڻ لاءِ ڊوڙي آئي، پر آءٌ هن جي گوڏن کان بہ هيٺ جهڪي بينس، انهيءَ خيال کان متان هوءَ منهنجي وات تائين پهچي نہ سگهي. ڏيءُ دعا گهرڻ لاءِ منهنجي اڳيان گوڏا کوڙي اچي بيني، پر جيسين هوءَ وري اُٿي بيني، تيسين آءٌ هن کي ڏسي نہ سگهيس، ڇالاءِ جو هيستائين آءٌ پنهنجو مٿو ۽ اکيون ست فوٽن کان بہ مٿي ڪري بيهڻ تي هِري ويو هوس. پوءِ آءٌ هڪڙو هٿ هن جي چيلهہ ۾ وجهي، مٿي کڻڻ لاءِ ويس. جيڪي نوڪر ۽ هڪ ـ بہ دوست، جي گهر ۾ هئا، تن تي آءُ حقارت سان نظر کڻڻ لڳس، جڻ تہ هو گُڏي جيڏا ماڻهو هئا ۽ آءٌ کو ديوتا يا راکاس هوس. مون پنهنجي زال کي چيو تہ تُو ڏاڍي صرفي سان پئي گذاريو آهي، ڇالاءِ جو تو پاڻ کي بہ ۽ پنهنجي ڏيءُ کي بہ ناحق بُک ماريو آهي." مطلب تہ آءٌ اهڙي بي سبب هلت کڻڻ لڳس، جو هنن سيني جو ساڳيو اهڙو

خيال هو جهڙو. ڪپتان جو هو، جڏهن هن پهرين مون کي ڏٺو هو ۽ سمجهيائين ته آءٌ ديوانو آهيان.

ٿوري وقت ۾ آءٌ منهنجي گهر جا ياتي ۽ دوست سڀ هڪٻئي سڻي کي طرح سمجهي وياسين، پر منهنجي زال مون کي سخت تاڪيد ڪيو ته "وري ڪڏهن به سمنڊ جي سفر تي متان وڃين" پر منهنجي قسمت ٻيءَ طرح جي هئي ۽ تنهن کي هوءَ روڪي نه سگهي، جيئن پاڻيهي پڙهندڙن کي هن کان پوءِ معلوم ٿيندو. انهيءَ وچ ۾ آءٌ پنهنجي نياڻي سفر جو ٻيو ياڳو پورو ڪريان ٿو.

تعارف

”جوناٿن سئفٽ“ هڪ انگريز اديب آهي، ۽ ڪنهن انگريز اديب جو سنڌي ادب ۾ تعارف ڪرائڻ سَولي ڳالهه نه آهي. موجوده دور ۾ انگريزي ادب ۾ تنقيد جو فن تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو آهي. ان ۾ هيئت ۽ مواد، فن ۽ فڪر، حسن ۽ نزاڪت جي باريڪين تي اعليٰ ۽ معياري مضمون لکيا ويا آهن، خود تنقيد جو فن مختلف ۽ متضاد فڪر جي دائرن ۾ ورهائجي ويو آهي. ان جي برعڪس سنڌي ادب ۾ جديد تنقيد جو فن اڃان ابتدائي مرحلن ۾ آهي. هيستائين اسان وٽ ڪلاسيڪي عربي ۽ فارسي ادبن جي گهڻي اثر سبب، عام طرح تنقيد فقط رواني نقطه نظر کان ڪئي ويئي آهي. تنهنڪري ڪنهن انگريز فنڪار جي خيال ۽ فن کي سنڌيءَ ۾ انگريزي تنقيد جي معيارن مطابق پيش ڪرڻ ۾ ڪافي دقت پيش اچي ٿي. بهرحال، مون پنهنجي سمجهه ۽ وس آهر، آسان زبان ۾، ”سئفٽ“ جي خيال ۽ فن جي جائزي ونڊ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ جيئن عام سنڌي پڙهندڙ تنقيد کي سولائيءَ سان سمجهي سگهن. سئفٽ جي تعارف جي سلسلي ۾ هِتي هڪ ٻي مشڪلات ٻہ درپيش آهي. ”گليور جو سفر“ چئن پاڳن ۾ ورهايل آهي، پر مرزا قليچ بيگ مرحوم فقط پهرين ٻن پاڳن جو ترجمو ڪيو آهي. هاڻي هن ڪتاب جو مجموعي تاثر سئفٽ جي فن جي اهميت کان صحيح معنيٰ ۾ واقف ٿيڻ تيستائين ناممڪن آهي، جيستائين چوٿين پاڳي جو مطالعو نہ ڪيو وجي، ڇو جو تنقيدي لحاظ کان هن تصنيف جو چوٿون پاڳو نهايت اهم آهي، تنهن ڪري مون هن تعارفي مضمون ۾ چوٿين پاڳي جي نسبتن زياده تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.

جوناٿن سُئفٽ (1665ع _1745ع) هڪ غريب گهراڻي ۾ ڄائو هو، ايا جڏهن تن سالن جو ٿيو تہ پيءُ وفات ڪري ويس، تنهنڪري هن جي تعليم جو بار سندس چاچي تي پيو، جيڪو هڪ وچولي درجي جو وڪيل هو. سئفٽ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊبلن کان لنڊن ۾ آيو، جتي پوءِ هو ”سروليم ٽيمپل“ جو ذاتي سيڪريٽري اچي ٿيو. سر وليم ٽيمپل راڻيءَ (آئن) جي دربار جو هڪ امير هو، جيڪو ڪجهه وقت وزير ٻہ ٿيو هو. هن جي ذريعي سئفٽ جي لنڊن جي مختلف سياسي حلقن سان واقفيت ٿي، جنهن جو اڳتي هلي سئفٽ جي ذاتي زندگيءَ ۽ فن تي تمام گهڻو اثر پوڻو هو. ارڙهين صديءَ جي انگريزي سياست ۾ رشوتستاني، اقرباپروري، پارٽيبازي، سياسي سازشن ۽ چالبازين جو دور هو. پر ظاهري طرح انهن سياسي خرابين کي ايمانداري، اخلاق پرستي ۽ اميرانہ نفاست پسنديءَ جي پُر فريب پردن ۾

لکايو ويندو هو، سئفٽ جي زندگيءَ جو ڳچ حصو ان سياسي ماحول ۾ گذريو. راڻي آئن جي کابينا جي ڪن وزيرن سان هن جا دوستانہ تعلقات هئا. ملڪ جي سياسي معاملن ۾ هن سان مشورا ڪيا ويندا هئا، ۽ امير ۽ وزير ننڍين توڙي وڏين دعوتن ۾ هن کي هميشہ گهرائيندا هئا. سئفٽ سياسي حلقن ۾ مقبوليت ۽ اهميت فقط پنهنجي قلم جي زور تي پيدا ڪئي، پر هو ان ماحول ۾ ترقي ڪري نہ سگهيو.

سئفٽ دوستيءَ جي ناتن ۽ ذاتي لاڳاپن ۾ سياسي چالبازين جي دخل اندازيءَ کي هميشہ برو سمجهندو هو، تنهنڪري هن جا امير ۽ وزير دوست هميشہ سندس سادگيءَ مان فائدا ونندا رهندا هئا. پر پڇاڙيءَ تائين هن جي مستقبل کي سڌارڻ ۾ هنن پاڻ سندس ڪا خاص مدد ڪانہ ڪئي. سئفٽ جي هيءَ آرزو هوندي هئي تہ ڪيس بشپ (وڏي پادريءَ) جو عهدو حاصل ٿئي. پر جيستائين "ڊچيس آف سمرسيٽ" جيئري رهي، هو بشپ ٿي نہ سگهيو. ڊچيس آف سمرسيٽ جنهن تي هن پنهنجي ٻئي مڙس کي مارائڻ جي تهمت مڙهي هئي، راڻي آئن جي خاص درٻارين مان هئي، ۽ سدائين سئفٽ جي خلاف راڻي آئن جا پيئي ڪَن پريندي هئي. هوءَ راڻيءَ جي وفات ڪانپوءِ مُئي. گهڻين نااميدين کان پوءِ سئفٽ کي سينٽ پئٽرڪ چرچ (ڊبلن _آئرلينڊ) جو ڊين (پادري) مقرر ڪيو ويو. هو هڪڙي هنڌ چئي ٿو تہ "منهنجي درٻاري دوستن هڪ اهڙي ملڪ ۾ منهنجي تقرري ڪرائي آهي، جتي آڻُ پاڻ کي ملڪ بدر سمجهان ٿو." هن انهن دوستن جي وزارتن کي بچائڻ لاءِ مضمون لکيا، ساٽن سازشن ۾ شريڪ ٿيو، ۽ دشمن پيدا ڪيائين. پر آخر ۾ نتيجو هي مليس، جو هڪ ننڍي عهدي کاڻ لنڊن ڇڏڻي پيس. جيتوٽيڪ سياسي ماحول ۾ رهي، هن کي ڪو خاص مالي فائدو نہ ٿيو، پر ان مان سندس ادب ۾ سياسي ۽ سماجي طنز جي فني لياقتن کي جرڪڻ جو سنو موقعو مليو. ان زماني ۾ هن "هڪ ٽب جي ڪهاڻي" (A Tale of Tab) جهڙو هڪ اعليٰ مضمون لکيو، جيڪو عيسائيت جي ڪٿولڪ ۽ پيوريٽن فرقن تي هڪ عميق طنز آهي.

"گليور جو سفر" بہ هڪ طنزيہ تصنيف آهي، ليڪن ان ۾ سئفٽ جي طنز جو دائرو تمام وسيع آهي. سئفٽ ان تصنيف ۾ سڄي انسانيت جي حماقتن بچڑائين ۽ اخلاقي ڪمزورين تي سخت چوٽون ڪري ٿو. سئفٽ شاعري بہ ڪئي، پر سندس شعر ايترو معياري نہ آهي. سندس همعصر اديبن مان ان ميدان جو مجيل شاعر پوپ (Pope) آهي، جيڪو ارڙهين صديءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اعليٰ ترين شاعر ليکيو وڃي ٿو. سئفٽ جي نثر توڙي نظم ۾ البت اسان کي هڪ ڳالهہ مشترڪ ملي ٿي هن جو نثر ۽ نظم ٻئي نمايان طرح طنزيہ آهي. ان صديءَ جي پهرئين اڌ ۾

اجان جڏهن ماڻهو "روسو" جي رومانوي تحريڪ کان متاثر نہ ٿيا هئا، ۽ پاڻ کي ڪنهن "ڪائناتي مصيبت" جي شڪنجي ۾ قائل نہ سمجهندا هئا، تڏهن زندگيءَ ڏانهن سندن زوايہ نگاهہ اڪثر مزاحيہ هو، ان زاويئہ نگاهہ جي مطابق انسان پاڻ کي پنهنجي ڪمزورين ۽ حماقتن جي نتيجي ۾ اڪثر ڪِل جهڙين حالتن ۾ وجهيو ٿو ڇڏي. ۽ اديبن جي آڏو "مزاح" جو ڪم هي هوندو آهي تہ ان جي ذريعي انسان جي هنن ڪمزورين ۽ حماقتن کي مختلف طريقن سان پيش ڪيو وجي. "فيلڊنگ" ۽ "جين آسٽن" ناولن جي نئين ۽ اُسرندڙ صنف ۾ ، "پوپ" شاعريءَ جي ذريعي سماج ۽ فرد جي حماقتن تي طنز ڪئي آهي. سئفٽ جي طنز جو مڪيہ دائرہ عمل مضمون نويسي آهي.

پر انهن ڇئن جي طنز جدا جدا نوعيت جي آهي. "آلبس هڪسلي" جي نظر ۾ فيلڊنگ جي طنز ٽڏي آهي ۽ منجهس ذهانت جو عنصر وڌيڪ آهي. جين آسٽن فرد جي هلت چلت ۽ سماج جي ريتن رسمن تي نفيس ۽ نرم ٽوڪون ڪري ٿي، ۽ پوپ جي طنزيہ شاعريءَ ۾ سماج ۽ خاص ڪري اميرانہ سماج سان همدرديءَ جو اظهار ملي ٿو. پر سئفٽ جي طنز، "ايف. آر. ليوس" جي چوٽ مطابق، منفي آهي، جيڪا انسان کي شرمسار ڪري ٿي، ڊيڄاري ٿي ۽ حيرت ۾ وجهيو ڇڏي. ايتريقدر جو جڏهن "گليور جو سفر" پهريون دفعو شايع ٿيو، تڏهن ڪن "نيڪ اخلاق ۽ نفاست پسند" امير حلقن ان ڪتاب کي بداخلاقي ۽ انسان دشمنيءَ جو حامل سمجهي بنهہ پڙهڻ کان ئي نابري واري ڇڏي. هڪڙي نقاد تہ اهو بہ چيو تہ "آءٌ ان ڪمري ۾ ئي ويهڻ پسند نہ ڪندس، جتي "گليور جو سفر" رکيل هوندو، ۽ راڻي آئن جي درباري حلقن ان ڪتاب کي سخت ناپسند ڪيو، جن اميرن ۽ وزيرن تي ان ۾ چندا هنيا ويا هئا، سي تہ تپي باهہ ٿي ويا، پر هو سئفٽ جي خلاف ڪجهہ ڪري بہ نٿي سگهيا. سئفٽ ۽ سندس دوستن کي خبر هئي تہ ڪتاب جي خلاف لنڊن ۾ ڪاوڙ جو طوفان اُٽندو. تنهن ڪري سياٽپ کان ڪم ونڊي "گليور جو سفر" اول اول مرڳو سئفٽ جي نالي سان ئي شايع نہ ڪرايو ويو.

اڄ بہ سوء سالن کان پوءِ بدليل تنقيدي قدرن جي تحت سئفٽ تي بداخلاقي ۽ غير مناسب پسنديءَ جون تهمتون نٿيون مڙهيون وڃن، بلڪ سندس تصنيفن کي پاڻ ڏاڍي چاهہ سان پڙهيو وجي ٿو. هن ڪتاب جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو ان تصنيف جو قريب قريب يورپ جي هر زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. هاڻي، جيستائين سئفٽ جي زندگيءَ ڏانهن زاويئہ نگاهہ جو تعلق آهي، تہ ان سلسلي ۾ نقادن جا رايا مختلف آهن. "ڪارل وئن ڊورين" هن کي انسانذات سان نفرت ڪندڙ

(Misanthrope) سمجهي ٿو، "مدلٽن مَري" ۽ "رڪاردو ڪئنٽانا" جي آڏو هو انسانيت جي اثباتي قدرن جو حامي آهي، ۽"ايف. آر. ليوس" پنهنجي مضمون "سئفٽ جي طنز" ۾ چئي ٿو ته هُن جي لکڻين ۾ بي پناهه قوت آهي، پر "قابل تعريف ذهانت" نه آهي، ۽ ان قوت ۾ ايتري ته شدت آهي، جو سئفٽ منفي فنڪار ٿيو پوي. انهن متضاد راين جي پيش نظر ڪنهن قطعي فيصلي تي پهچڻ کان اڳ هي ضروري آهي ته سئفٽ جي دور جو ۽ خود ڪتاب "گليور جو سفر" جو، تفصيلي ذڪر ڪيو وڃي.

سئفٽ ارڙهين صديءَ جي دور کي پنهنجن ٻين همعصرن وانگر "روشن خيالي‌ءَ جو دور" ڪري ليکيندو هو. "روشن خيالي‌ءَ جو دور" جي هڪ _ ٻن جملن ۾ تشريح ڪرڻ ناممڪن آهي.. البت ان جو بنيادي تصور هي‌ءَ عقيدو آهي ته رڳو عيسائي، خدا جي مٿن خاص نظر ڪرم سبب، مرڻ کان پوءِ درجهٔ ڪمالیت تي رسندا، پر مرڻ کان اڳ هر انسان هن زمين تي درجه ڪماليت کي پهچي سگهي ٿو. ان عقيدي جي شروعات "نيوٽن" جي سائنسي کوجنائن سان ٿي. سترهن صديءَ جي آخر ۾ نيوٽن پهريون دفعو دنيا کي ٻڌايو ته ڪيئن مختلف گرهه طبعي قوانين جي تحت ڪرن پيا، ۽ انهن قوانين جي مدد سان اسين ڪائنات جي ٻين مظهرن کي به پروڙي سگهون ٿا. نيوٽن ڪانپوءِ انگريزي فيلسوف "لاڪ" آيو، جنهن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن خارجي ڪائنات هڪ نظام جي تحت هلي پيئي، تيئن انسان جي سماجي زندگي به ڪن اُصولن تي مبني آهي. سماج ۾ خرابيون ان ڪري نٿيون پيدا ٿين، جو انسان ازل کان گهنگار آهي، يا خدا انسانن جي قسمت اڳ ۾ ئي لوح قلم تي لکي ڇڏي آهي، پر انسان جڏهن به زندگيءَ جي عام فهم اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندو آهي، تڏهن ان جو نتيجو سماجي ۽ انفرادي خرابين جي صورت ۾ نڪرندو آهي.

هاڻي جهڙي‌ءَ طرح اسين ڪائنات جي طبعي نظام کي عقل (Reason) جي مدد سان سمجهي سگهون ٿا، اهڙي طرح ان جي مدد سان انساني لاڳاپن جي اُصولن کي به معلوم ڪري سگهون ٿا، جيڪڏهن عقل جي ذريعي اسان کي خبر آهي ته ڏينهن ۽ رات ڇو ٿا ٿين، ته ساڳئي عقل جي روشني‌ءَ ۾ اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته سڀ انسان برابر آهن. طبقاتي تفريق مصنوعي آهي. جمعي جي ڏينهن کي هفتي جي ٻين ڏينهن تي کابه فضيلت حاصل نه آهي، ۽ اميرن کي کو حق نٿو پهچي ته غريبن جي محنت تي موجون ڪن. مختصر هي ته عقل اسان کي زندگيءَ جي صحيح حقيقتن کان آگاهه ڪري ٿو، ۽ ساڳئي وقت اسان ۾ اهڙي اخلاقي پختگي به پيدا ڪري ٿو، جيڪا انسان جي حيواني جبلتن کي قبضي ۾ رکي ٿي ۽ نفس اُماره کي اُسرڻ نٿي

ڏئي. عقل جي روشنيءَ ۾ ترقي ڪندو انسان اُن دنيا ۾ درجہ ڪماليت کي رسي سگھي ٿو.

سئفٽ جي دور جي ان مختصر بيان کانپوءِ هاڻي اچو تہ "گليور جو سفر" جو تنقيدي جائزو ونون. ڪن نقادن جي راءِ ۾ ان ڪتاب ۾ سئفٽ جو فن ۽ خيال عروج تي آهي. ڪي وري "هڪ ٽب جي ڪهاڻيءَ کي سندس بهترين تصنيف تصور ڪن ٿا. بهرحال انهن ٻنهي جي نسبتي اهميت ڪٽي ڪهڙي بہ هجي، پر ان حقيقت کان ڪو انڪار نٿو ڪري تہ انهن تصنيفن جي ڪري سئفٽ کي " ظرافت جو شهنشاهہ" ڪري مڃيو ويندو آهي. "گليور جو سفر ۽ تصوراتي حقيقت پسندي (Fantastic Realism) جي ٽيڪنڪ ۾ لکيو ويو آهي تہ گليور هڪ سڌو، سادو ۽ سمجهدار انسان آهي، جيڪو پنهنجي مسافرين جو احوال بنا ڪنهن مبالغي جي ڏئي ٿو، هو مختلف سفرن جي دوران ۾ اهڙن ملڪن ۾ وڃيو نڪري، جتي جي دنيا ئي نرالي آهي. ڪٽي ماڻهو هڪ انچ جيتر آهن، تہ ڪٽي جانورن ۾ انسانن جي اعليٰ تهذيب آهي ۽ انسانن ۾ جانورن جي مڪمل حيوانيت، هاڻي هيءَ هڪ تخيلي دنيا آهي. پر جڏهن گليور انهن عجيب ملڪن جي رسمن، رواجن، اُصولن ۽ حڪومت جي نظامن جو ذڪر ڪري ٿو تہ ائين پيو معلوم ٿئي تہ جڻ هو جاتل سجاتل انساني تهذيب ۽ تمدن جي بيڙاين، حماقتن ۽گندگيءَ تي ٽوڪون ڪري رهيو آهي. انهن ملڪن جا رهواسي بہ انسانن وانگر سازشون ڪن ٿا، هڪٻئي سان ساڙ ۽ بغض رکن ٿا، ۽ ڪٽي تہ صفا ذلت جي گهرائين ۾ ڪِريو ٿا پون، هنن عجيب غريب ماڻهن جو وجود فقط علامتي (Symbolic) آهي. هو حقيقت ۾ سچي پچيءَ انساني تهذيب جي نمائندگي ڪن ٿا.

"گليور جو سفر" چئن پاڳن ۾ ورهايل آهي، پهرئين پاڳي ۾ "لليپٽ" جو بيان آهي، جيڪو انگلينڊ جي نمائندگي ڪري ٿو. لليپٽ جي ننڍڙن ماڻهن جي دربار جو احوال، ارڙهين صدي جي انگريزي وزيرن ۽ اميرن جي سياسي سرگرمين سان ملي ٿو. "فلمنئپ" شاهي خزانچي، وزيراعظم "والپول" آهي. هو ٻين وزيرن کان هڪ انچ وڌيڪ رسيءَ تان ٽپي ڄاڻي ٿو. هاڻي رسي ٽپڻ جو تصور ئي ڪِل جهڙو آهي. سئفٽ هتي والپول جي چالاڪي ۽ جي حضوريءَ کي ٽوڪي ٿو.لِليپٽ جي دربار ۾ بہ مخالف ڌريون آهن. هڪ ڌر ننڍي ڪڙيءَ جا ٻي ڌر وڏي ڪڙيءَ جا جوتا پائي ٿي. ننڍي ڪڙيءَ واري ڌر "وگ" آهي، ۽ وڏي ڪڙيءَ واري "ٽوري". هي ٻيئي انگلينڊ جون قديم سياسي جماعتون آهن، جن کي هاڻي ليبر ۽ ڪنزرويٽو جماعتون سڏجي ٿو. بادشاهہ جي نظر ڪرم ننڍيءَ ڪڙي واريءَ ڌر تي آهي، پر سندس شهزادو چالاڪي ڪري ٻنهي ڌرين کي راضي رکڻ لاءِ ساڳئي وقت ننڍيءَ ۽ وڏيءَ ڪڙيءَ جا جوتا پائي

ٿو. هو جڏهن منبڪائي هلي ٿو ته بنهه مسخرو پيو لڳي. سڀئڻ جي دور جا شهزادا ۽ بادشاهه مخالف ڌرين کي هڪ ئي وقت راضي رکڻ لاءِ مضحڪ خيز حرڪتون ڪندا هئا.

گليور، جيڪو سياڻپ جي تلاش ۾ آهي، شروع ۾ لِلليپٽ جي باشندن ۽ بادشاهه جي مهمان نوازيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿئي ٿو، پر پوءِ آهستي آهستي ڪيس معلوم ٿئي ٿو ته هي ماڻهو اخلاقي طرح ڪِريل آهن. هو هڪ ٻئي سان سياسي بغض رکن ٿا ۽ پاڙيسري ملڪ "بليفسڪو" (جيڪو فرانس آهي) سان ڪين جهڙين ڳالهين تان جنگيون ڪن ٿا، بليفسڪو جو بادشاهه جڏهن لليپٽ تي حملي ڪرڻ جون تياريون پيو ڪري، تڏهن گليور هن جا پنجاهه جهاز پڪڙي لليپٽ تان جنگ جي آفت کي ٽاري ٿو. پو لليپٽ جو بادشاهه لالچي آهي. هو گليور کي حڪم ڏئي ٿو ته هو بليفسڪو جا سڀ جهاز پڪڙي اُن ملڪ کي اڳوپوءِ سندس غلام بنائي ڇڏي. گليور هڪ امن پسند انسان آهي ۽ هو بادشاهه جي حڪم تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. ان تي بادشاهه ۽ وزير ملي گليور کي غدار قرار ڏين ٿا. فلمنئپ هن کي وڌيڪ بدنام ڪرڻ لاءِ پنهنجي زال تي الزام لڳائي ٿو ته هن جا گليور سان ناجائز تعلقات آهن. (ان واقعي جو ذڪر مرزا قليچ بيگ پنهنجي ترجمي ۾ آندو آهي.) هاڻي گليور تي واضح ٿئي ٿو ته هو هتي جي باشندن کان اخلاقي طرح برتر آهي. هو آخر ۾ جان بچائڻ لاءِ لِلليپٽ ڇڏي ٿو. ان پهرئين پاڳي ۾ سڀئڻ جون طنزون شديد نه آهن. شروع کان ونڊي آخر تائين انداز بيان مزاحيه آهي.

پر ٻئي پاڳي ۾ سڀئڻ جي طنزن ۾ شوخيءَ جو عنصر غالب آهي. ان پاڳي جي طنزيه شوخي انسان جي تهذيب ۽ ان ۾ سندس ايمان ۽ فخر تي حملا ڪري ٿي، لليپٽ ۾ گليور جسماني توڙي اخلاقي لحاظ کان ان ملڪ جي ماڻهن کان برتر هو، پر "برابدنگ نئگ" ۾ اچي حالتون بدلجي وڃن ٿيون. هتي گليور برابدنگ نئگ جي ماڻهن جي مقابلي ۾ جسماني ۽ اخلاقي لحاظ کان هيچ ۽ ڪمتر ٿيو پوي. ٻئي پاڳي جا اهم باب ته اُهي آهن، جن ۾ گليور ۽ برابدنگ نئگ جي بادشاهه جي وچ ۾ مباحثو ٿئي ٿو. بدقسمتي سان مرزا قليچ بيگ انهن بابن جو ترجمو نه ڪيو آهي، جن جي پڙهڻ کان سواءِ اسين ٻئي حصي جي فني ۽ فڪري اهميت کان پوريءَ طرح واقف ٿي نٿا سگهون.

برابدنگ نئگ جو ديو هيڪل بادشاهه هڪ فيلسوف آهي. هو گليور کان سندس ملڪ جي علم، مذهب، ريتن، رسمن ۽ حڪومت جي نظام بابت پڇي ٿو. گليور ڏاڍي فخر سان پنهنجي تهذيب جون خوبيون ٻڌائي ٿو. پر هو بادشاهه کي مطمئن نٿو ڪري

سگھي. اُلٽو بادشاھ سندس ملڪ جي قانون ۽ سياسي نظام تي اعتراض واري ٿو. جڏھن گليور ھن کي يورپ جا تاريخي واقعا ٻڌائي ٿو، تڏھن ھو حيران ٿي وڃي ٿو. گليور جي چوڻ موجب "يورپ جا ملڪ" ھڪبئي سان ھميشہ وڙھندا رھندا آھن. ماڻھو ملڪ سان غداريون ڪندا آھن، خون، چوريون ۽ ڏاڙا ھنن جي روزمره جي زندگين جون ڳالھيون آھن، ۽ ھي خرابيون انڪري آھن جو ماڻھو "لالچي، مڪار، پاڳل ۽ حاسد آھن" ھوڏانھن برابدنگ نئگ انھن خرابين کان پاڪ آھي. تنھنڪري جيئن گليور انساني تھذيب جي زياده کان زياده وضاحت ڪري ٿو، تيئن پاڻ بادشاھ جي نظر ۾ انسانذات جي عزت ۽ احترام گھٽيو وڃي. گليور ھن کي توب ناھڻ جو ھنر سيکارڻ ٿو گھري ۽ ٻڌائيس ٿو تہ توبن جي ذريعي وڏن وڏن لشڪرن کي منٽن ۾ نيست و نابود ڪري سگھجي ٿو. ھيءَ ڳالھ ٻڌي بادشاھ جا طاق ئي لڳي وڃن ٿا. ھن جي خواب و خيال ۾ بہ نٽو اچي سگھي تہ ھيءَ جيتا مڙي انسانذات ايتري قدر تباھ ڪُن ٿي سگھي ٿي. ھو گليور کي منع ٿو ڪري اڳتي ڪڏھن بہ سندس سامھون کا اھڙي ڳالھ نہ ڪري. ھو اھڙي تباھي آڻيندڙ راز کي ڄاڻڻ کان، اڌ ملڪ وڃائڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. سڄي مباحثي ۾ برابدنگ نئگ جو بادشاھ گليور کان اخلاقي طرح نھايت برتر ثابت ٿئي ٿو.

جڏھن گليور ھن کي انساني تھذيب جا قابل، فخر ۽ قابل تعريف پھلو ٻڌائي دنگ ٿو ڪري، تڏھن برابدنگ نئگ جو بادشاھ چويس ٿو"زمين تي جيڪي بہ خسيس جيتامڙا چُرن پيا، تن ۾ انسانذات سڀني کان وڌيڪ ڪِني ۽ ڏکار جوڳي جنس آھي." ھنن جملن ۾ سئفٽ جي طنز تمام تيز ۽ وڌيڪ وڍيندڙ آھي. بادشاھ جي ڳالھين مان سئفٽ کي معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ملڪ ۾ بلڪ صلح ۽ سانت آھي. رعيت جي زندگي ھڪ سني معياري ۽ اخلاقي نظام جي تحت آھي. ان جو مطلب ھي نہ آھي تہ برابدنگ نئگ جو ھرڪو باشندو اخلاق جي اعليٰ معيارن جي پوئواري ڪري ٿو. ھنن ۾ ڪي "گلمدال ڪلچ" جي پيءُ جھڙا بہ آھن، جنھن گليور سان ظالمانہ سلوڪ ڪيو ھو. پر مجموعي طرح ملڪ جو اخلاقي، معيار بلند آھي.

پر گليور جي آڏو ھي ديون جھڙا انسان اڃا بہ مڪمل نہ آھن. سندن رڳو سياسي ۽ اخلاقي نظام قابلِ رشڪ آھي. ھو فڪري لحاظ کان غير معمولي معيار جا نہ آھن. ھنن کي فقط شاعري، تاريخ ۽ حسابن سان دلچسپي آھي. فڪر جون ٻيون راھون اڃا ھنن لاءِ ڪليون نہ آھن، ۽ گليور جي معياري سياڻپ لاءِ تلاش جاري ٿي رھي. ھو برابدنگ نئگ ۾ رھي بيزار ٿي پوي ٿو. ھن ملڪ ۾ سندس حيثيت ھڪ پالين جانور جھڙي آھي. ڪيس انساني فخر ۽ عزت حاصل نہ آھي. ھو معمولي ڪتن ۽ بلن

کان بہ ڊڄي ٿو، جيڪي هن کان وڏا ۽ سگهارا آهن. خوش قسمتيءَ سان هڪ گُرڙ پکي گليور کي اڏائي وڃي سمنڊ ۾ ڦٽو ٿو ڪري، جتان هڪ جهاز جا خلاصي بچائي ٿا ونن. اهڙيءَ طرح هو ان خشڪ ۽ غلاميءَ جي زندگيءَ کان نجات پائي ٿو.

"گليور جو سفر" جو ٽيون پاڳو سڄي ڪتاب جي اسڪيم ۾ ٿهڪي نٿو اچي، ان هڪڙي پاڳي ۾ سئفٽ چئن مختلف ۽ انوکن ملڪن جو احوال ڏئي ٿو، پر انهن ملڪن جي جدا جدا قصن ۾ ڪوبہ ربط نہ آهي. سڀ قصا ٽڙيل پکڙيل آهن، تہ وري انهن ملڪن جي بيان جي ذريعي انساني سماج ۽ انساني ڪوڄائن تي پيش ڪيل طنز ئي ايتري اهم آهي. هن پاڳي ۾ ڪٿي ڪٿي تہ سئفٽ تمام گهٽي مبالغي کان ڪم ورتو آهي. تنهن ڪري ٽئين پاڳي جو تفصيلي ذڪر هتي مناسب نہ آهي.

هاڻي اچو تہ چوٿين سفر جو جائزو ونون، جيڪو هن سڄيءَ تصنيف جو اهم ترين پاڳو آهي. گليور جو چوٿون سفر "وينمن جي ملڪ ڏانهن سفر" جي نالي سان آهي. ان ۾ پلاٽ ۽ مرڪزي خيال جي هم آهنگي ۽ تسلسل عروج تي پهتل آهي. ان کان سواءِ طنزيہ انداز بيان ۽ ڪردارن جي پيشڪش ايتريقدر تہ شديد ۽ قوت پري آهي، جو هڪ عام پڙهندڙ تي پهريون تاثر هي ويهي ٿو، تہ سئفٽ انسانيت سان نفرت ڪري ٿو. لليپٽ ۽ برابڊنگ نئگ جي سفرن جو مجموعي تاثر گهٽي قدر رڳو مزاحيہ آهي. تنهنڪري ٻارن کي پهريان بہ پاڳا پڙهڻ ۾ بيحد لطف ايندو آهي. پر چوٿين پاڳي ۾ انسان ۽ انساني سماج تي ايتريون تہ جامع ۽ فصيح ٽوڪون ۽ طنزون ڪيل آهن، جو هڪ دفعو تہ اسان جو انسان جي اشرف المخلوقات هڻڻ مان ايمان ئي ڪڇي وڃي ٿو پر هي فقط ظاهري تاثر آهي، جنهن جي تائيد يا ترديد ان حصي کي تنقيد جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ کانپوءِ ڪئي ويندي."وينمن جي ملڪ ڏانهن سفر" جا بہ مرڪزي خيال آهن. هڪ تہ جڏهن انسان عقل جي زندگي نہ گذاريندو آهي، تڏهن ذلت ۽ خواريءَ جي اوڙاهہ ۾ ڪِري انتهائي حيوانيت جو روپ اختيار ڪندو آهي، ۽ ٻيو جڏهن ڪابہ ساهہ واري جنس عقل جي زندگيءَ کي پنهنجو ڪندي آهي، تڏهن اها نہ فقط انسان کان اعليٰ ۽ برتر ٽيندي آهي، پر مثالي درجہ ڪماليت کي وڃي رسندي آهي.

پهرئين مرڪزي خيال جو تعلق "واهوئن سان آهي، جيڪي ان ملڪ جا "جانور آهن. ۽ ٻئي جو تعلق "وِينَمَن" سان آهي، جيڪي ان عجيب دنيا جي مثالي مخلوق آهن. "واهو" جسماني مناسب جي لحاظ سان گليور جا هم شڪل آهن. هو دراصل انسان آهن، ۽ ذلت جي گهرائين ۾ ڪِريل آهن. "وينم" گهوڙا آهن، جن جو ان ملڪ ۾ اقتدار ۽ راڄ آهي هو واهوئن کي پالينڊا آهن، ۽ هنن کان پورهيو ڪرائينڊا آهن.

شروع شروع ۾ جڏهن گليور وينمن جي ملڪ ۾ اچي ٿو، ته واهوئن کي ڏسي ڊڄي وڃي ٿو. هنن جو سڄو جسم، منهن ۽ پيٽ کاسواڻ، وارن سان ستيل آهي. پيرن ۽ هٿن جي آڱرين ۾ ڊگها ۽ سنها نُنهن اٽن هو پولڙن وانگر سولائيءَ سان وڻن تي چڙهي وڃن ٿا، ۽ پاڻ ۾ وڙهن ۽ راندیون ڪن ٿا. هنن جون شڪليون خراب ۽ بگڙيل آهن. گليور کي ڏسڻ شرط ئي هنن کي بُڃان اچي ٿي. اوچتو هو گليور کي ڏسي، چوڌاري ورائي وڃنس ٿا. گليور بچاءَ خاطر هڪ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي ٿو. کي "واهو" وڻ تي چڙهي مٿانئس گند ڦٽو ڪن ٿا، ۽ سپ کپڙا خراب ڪري ڇڏينس ٿا.

پوءِ گليور کي خبر پوي ٿي ته هي "واهو" هن جهڙا انسان آهن. هڪ وينمر کيس پنهنجي گهر وٺي اچي ٿو ۽ ٻڌائيس ٿو ته "تون به واهوئن جي جنس مان آهين." تنهن تي گليور پنهنجي برتري ثابت ڪرڻ لاءِ هن جي آڏو يورپ جي تهذيب جي ساراهه ڪري ٿو، پر باشعور وينمر ڪِلي چويس ٿو ته "انهن سيني ڳالهين جا نشان اسان کي واهوئن ۾ ملن ٿا. واهو پاڻ ۾ ننڍيون وڏيون جنگيون ڪندا آهن، چمڪندڙ پٿرن جي ذخيره اندوزي ڪندا آهن، ۽ انهن تي پاڻ ۾ جهيڙا ڪندا آهن، جيتوٽيڪ هو چمڪندڙ پٿرن کي استعمال ۾ آڻي نه سگهندا آهن، ۽ هو ٻين کي بک ماري، پاڻ عيش ڪندا آهن. هن ملڪ ۾ بيماريون فقط واهوئن کي لڳن. هنن جو هڪ سردار ٽيندو آهي، جيڪو جسم ۾ سيني کان بچڙو ۽ ذهن ۾ سيني کان شيطان هوندو آهي. هو شهوتي ۽ حريص آهن، منجهن ماءُ، پيٽ ۽ پاءُ دوست جي ڪا تميز نه آهي، ۽ ان سان گڏ هو ناقابلِ اصلاح، حرفتي، هڪٻئي جا بدخواهه ۽ ظالم آهن."

واهوئن جي برعڪس اُتي جا "وينمر" هڪ مثالي مخلوق آهن. سندن سڄي زندگي "عقل" جي روشني ۾ گذري ٿي. هو درجه ڪماليت تي رسيل آهن، ۽ ان لحاظ کان "روشن خيالي‌ءَ جو دور" هنن وٽ آهي. هو پاڻ ۾ جنگيون ڪونه ڪن. هنن وٽ بيماريون ڪونه اچن. سماجي ٻلائي ۽ دوستي سندن زندگيءَ جا به زرين اصول آهن، ۽ اخلاقي برتريءَ ۾ برابريءَ جي باشندن کان به اعليٰ آهن. هو ڪوبه ڪم جذبات جي زير اثر ڪونه ڪن. ڪاوڙ، برائي، ڳِلا، غيبت ۽ ڪوڙ جو سندن زندگيءَ ۾ ذرو به دخل نه آهي. سندن ٻارن جي تعليم ۽ تربيت حڪومت جي حوالي آهي. مائٽ ٻارن جون شاديون ٻارن جي پنهنجي مرضيءَ سان ڪرائيندا آهن. جوان وينمر جذباتي پيار مان ڪجهه نه ڄاڻن. هو وڏائي ۾ وڏاءُ کان پري پڄن، ۽ صفائي ۽ ستراڻي سندن زندگيءَ جا متا آهن. مطلب ته جمڻ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين هنن جي ذاتي سماجي زندگي عقل جي روشنيءَ ۾ گذري ٿي.

واهوئن ۽ وينم جي زندگين ۾ هڪ عظيم تضاد آهي، ۽ ان تضاد جي ذريعي سئفٽ اسان تي چٽيءَ طرح واضح ڪري ٿو تہ واهُو بيحد ڪِريل ۽ ذليل آهن. واهوئن جي علامت جي پس پرده سئفٽ انسانذات ۽ انساني سماج تي هڪ اهڙي گهري چوٽ ڪري ٿو، جيڪا اڄ تائين ڪنهن ٻئي طنزيہ فنڪار جي قلم مان نہ نڪتي آهي. برابدنگ نئگ ۾ گليور پاڻ کي رڳو اخلاقي ۽ جسماني طرح ڪمتر سمجهي ٿو، پر هِن مثالي ملڪ ۾ اچڻ کانپوءِ هن جو سڄو روح احساس ڪمتريءَ ۾ ٻڏي وڃي ٿو، ۽ هر لحاظ کان هو پاڻ کي خسيس ۽ هيڇ سمجهڻ لڳي ٿو. هاڻي ڪوشش ڪري هو وينمن جهڙي زندگي گذاري ٿو، پر هو نيٺ گليور کي ملڪ بدر ڪن ٿا. سندن قانون جي مطابق گليور ان مثالي دنيا ۾ رهڻ جي قابل نہ آهي. گليور ڇڱل دل سان هي ملڪ ڇڏي ٿو، ۽ جڏهن واپس وطن اچي ٿو، تہ انسانن جي بدران گهوڙن سان پيار ڪري ٿو ۽ گهوڙن جي صحبت ۾ رهي ٿو. هن کي انسانذات سان هميشہ هميشہ لاءِ نفرت ٿي وڃي ٿي.

هاڻي، "ڪارل وئن ڊورين" جي خيال ۾ سئفٽ جي ويس ۾ انسان کي بي انتها ذليل ۽ خوار ڪري پيش ڪيو آهي، تنهنڪري اسين هي چوڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ سئفٽ انسانذات سان نفرت ڪري ٿو، پر جي سئفٽ واقعي انسان سان شعوري طرح نفرت ڪري ها، تہ هو وينمن کي ارڙهين صديءَ جي اعليٰ ۽ اثباتي قدرن جو حامل نہ ڏيکاري ها. هن وينمن جي علامت ۾ "عقل جي زندگيءَ" ۽ "روشن خيالي" جي دور جي اهميت تي زور ڏنو آهي. هڪ طنزيہ فنڪار جو نقطئہ نظر هميشہ اخلاقي ۽ سماجي بهتريءَ تي مبني هوندو آهي، ۽ جيڪو فنڪار اخلاقي ۽ سماجي بهتريءَ جو خواهشمند هوندو آهي، سو ڪڏهن بہ انسانيت سان نفرت نہ ڪندو آهي. انهن دليلن جي پيش نظر"رڪاردو ڪئنٽانا" سئفٽ کي انسانيت سان نفرت ڪندڙ نہ، پر ارڙهين صديءَ جي قدرن جو پرچار ڪندڙ ليکي ٿو. البت هو هيءَ ڳالهہ ضرور تسليم ڪري ٿو تہ وينمن جي مثالي زندگيءَ ۾ اُها چَس، ڪشش ۽ گرمجوشي نہ آهي، جيڪا واهوئن ۾ آهي. واهو ڪٽي ڇا بہ آهن، پر هنن ۾ زندگيءَ جي هلچل ۽ تيز طراري ۽ چَس آهي. هنن جي برعڪس وينم رڳو "ذهن جي (ٻُسي) حياتي" گذاري ڇاڻن ٿا. سندن جذبا سرد ۽ بيجان آهن. پر ڪئنٽانا جي آڏو اِها سئفٽ جي فن جي ڪمزوري آهي. هو واهوئن ۽ وينمن جي ڪردارن کي فني تنساب سان چٽي نہ سگهيو آهي. هن کي گهربو هو تہ وينمن جي مثالي زندگيءَ کي جذبات کان عاري نہ ڪري ها. البت "ايف. آر. ليوس" جي نظر ۾ هيءَ ڳالهہ سئفٽ جي وس کان ٻاهر آهي. هو وينمن جي اثباتي زندگيءَ ۾ جذباتي ڪشش ان ڪري پيدا نہ ڪري سگهيو آهي، جو هن جون طنزيہ

قوتون تخريبي آهن. ”ليوس جي خيال ۾“ سئفٽ جي طنزن ۾ جذباتي شدت تمام گهٽي آهي، ۽ ان شدت ۾ ايتري تہ قوت آهي، جو خود عقل ۽ حق پرستيءَ جا اثباتي قدر بہ قِري منفي ٿيون پون. ائين برابر آهن تہ وينم ”عقل ۽ حق پرستيءَ“ جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪي سئفٽ جا آدرش آهن، پر واهوئن جي ذڪر ڪي هڪ اهڙي جذباتي شدت سان پيش ڪيو ويو آهي جو وينمن وٽ رڳو عقل ئي عقل رهجيو وڃي، ۽ زندگيءَ جي هلچل ۽ گرمجوشي سڀ واهوئن وٽ، وينم پيار ڪرڻ جي قابل نہ آهن. هنن جي ٻوليءَ ۾ گهٽا لفظ نہ آهن، ڇو جو هنن جون ضرورتون ۽ خواهشون ٿوريون آهن. هو حسن جي ڪشش کان ناواقف آهن، ۽ مرڻ وقت سيني مائٽن کان گهر گهر موڪلائي، بنا ڊپ ڊاءَ جي، ائين آرام ۽ ٺڏيءَ دل سان مري وڃن ٿا، جڏ ڪٽي گهمڻ ٿا وڃن.

تنهنڪري اسين چونداسين تہ سئفٽ جا اثباتي قدر ساراهہ جوڳا آهن يا نہ، پر ايترو ضرور آهي تہ هن انهن کي اثرانداز طريقي سان پيش ڪري، پُرڪشش ۽ قابل قبول نہ بڻايو آهي. سئفٽ ائين ڪري بہ نٿو سگهي، ڇو جو سندس طنزيہ قوتون تخريبي آهن ۽ نہ تعميري، سئفٽ جاڻي واڻي انسانيت سان نفرت نٿو ڪري. هن جي ”جذباتي شدت ئي منفي آهي.“

ايف.آر. ليوس جي هيءَ راءِ، جيڪا نهايت موزون ۽ وزني آهي. سئفٽ جي زندگيءَ بابت نظريي ۽ سندس فن جي متعلق ڪافي سخت پيئي لڳي. پر ان جي باوجود اڄ اسين سئفٽ کي بداخلاق ۽ غير نفاست پسند چئي، ساڻس نفرت نٿا ڪريون، پر هن کي هڪ عظيم فنڪار سمجهون ٿا. هن جي فن جي هڪ خوبي_ جذباتي قوت ئي ايتريقدر معياري آهي، جو سندس نالو انگريزي ادب جي تاريخ ۾ هميشہ زنده ۽ تابان رهندو.

رشيد آخوند

ڪراچي

18- سيپٽمبر 1959ع